# ڪاروڙو چٽ آيو...!

(هاڪڙي جو ماڳ ڪاروڙ چارڻ ۽ لطيف سائين جي سر مارئي جو مطالعو)



ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪُنڀار

SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

# ڪاروڙو چت آيو

(هاڪڙي جو ماڳ ڪاروڙو چارڻ ۽ لطيف سائين
جي سر مارئي جو مطالعو)

ليکڪ

**ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪنيار**

SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

**سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪتاب نمبر179

ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا محفوظ آهن

- ڪتاب جو نالو : کاروڙو چت آيو
- ليکڪ : ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني ڪنڀار
- ڇاپو پھريون : جولاءِ 2019ع
- لي آئوٽ : اميت ڪمار سوٿهڙ
- ٽائٽل ڊزائننگ : مهراڻ سھتو
- ڇپائيندڙ : شاد پبلشرز حيدرآباد
- ڇپيندڙ : سمبارا پبليڪيشن

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8، عبرت گھٽي
گاڏي کاتو حيدرآباد. 0300-3513966

مُلهه: 300 روپيا

پاران ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**"KHARORO CHIT AAYO"**

(Research)

Collected by:

**Dr Abdul Aziz Rehmani Kunbhar**

Sambara Publication Hyderabad.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کاروڙيان ڪٽي، ويڙهيجهپ ويا،
سيڻ منهنجا سيد چئي هاٽي هت هئا،
پسي پڌ تنين جا لڙي لڙڪ پيا،
ڏيهي ڏور ٿيا، ڏيان ڏوراپا ڪن کي.

(شاه لطيف)

-----

ڪوڪو ڪارڪ سريڪو، پيلو ڏاڙهم ڊاک،
هيڪ متيرو چاکيو، آنبا ٻاون لاک،
ڪچ را ڪانهيا سيک ڏي، مني **ڪاروڙو چت آيو**

(چارڻ ڪوي)

(ڪنڊيءَ جو ڪوڪو، ڪارڪ ۽ چار جا پِيلُو، ڏاڙهون ۽ ڊاکن برابر آهن، هڪ چيڙ چکيو جڻ ٻاونجاهه لک انب کاڌا. اي ڪڇ جا ڪانهيا! مون کي موڪل ڏي، مون کي منهنجو ڪاروڙو ياد آيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

جيجل امان ۽ بابا سائين محمد قائم جي نالي
جن بسم الله جي سُتي ۽ ڪلمہ پاڪ جي لولي ڏني.
اڄ نہ پسان سي، آتڻ ڪتيم جن سين.
(لطيف سائين)

۽

منهنجي اکين جي نور
راحيل عزيز، نبيل عزيز ۽ عادل عزيز جي نالي
ڳاڙها ڳيرو سنڌ جا. تون ئي منهنجو خواب.
تون ئي جواب. صدين جي سوالن جو

(شيخ اياز)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست

1. پبلش پاران ___ 6
2. ليکڪ پاران ___ 7
3. مهاڳ ___ 13
4. ٻه اکر ___ 35

## باب پهريون
## 'ڪاروڙو چارڻ، عمرڪوٽ ۾ سومرا حاڪم، چارڻ ديويون

5. 'ڪاروڙو چارڻ' ۽ هاڪڙي جو پراڻو وهڪرو ___ 36
6. موجوده ڪاروڙو چارڻ ۽ پراڻي ڪاروڙي چارڻ جو فَرق ___ 40
7. عمرڪوٽ جا حاڪم، عمر ٻيو ٻونگر ٽيون ۽ همير سومرو ___ 42
8. آوڙ ديوي ___ 47
9. ڏيول ديوي ڪاروڙو چارڻ ___ 57
10. ڏيول ديوي ۽ پاٻوجي ___ 59

## باب ٻيو

11. همير جي قيد ۾ جاسل ___ 61

## باب ٽيون
## 'شاهه لطيف جو سَر مارئي

12. 'سر مارئي آيل ڪردار ___ 69

## باب چوٿون

13. سر مارئي ۾ آيل ماڳ مڪان ___ 52
14. مددي ڪتاب ۽ ماٿهو ___ 111

# پبلشر پاران

سنڌ جي گهڻ پاسائي تاريخ ۽ تهذيب جي مختلف رخن تي ايترو ڪجهه لکڻ باوجود مواد هميشه اڻپورو. غير مستند ۽ متضاد رستن جا نشان ڇڏي ويجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو وقت جي محققن پنهنجي پنهنجي علم و فهم. ڏانءُ ۽ ذات آڌار تاريخي حقيقتن مٿان صدين جي چڙهيل دز لاهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. موجوده دور ۾ ان حوالي سان آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ئي محقق ملندا. جن تحقيق جي ميدان ۾ پاڻ ملهائي پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ ناهي آهي. سنڌ جي تاريخي ريگستاني علائقي ٿرپارڪر جي مٽي به پنهنجي اندر صدين جا داستان سموئي تهذيبي اهڃاڻن جي اصليت کان روشناس ڪرائي ٿي. اهڙي مٽيءُ سان بي پناهه اُنسيت رکندڙ ڊاڪٽر عبدالغزيز ڪنيار جو تحقيقي قلمي پورهيو ”ڪاروڙو چٽ آيو“ پڻ محققن لاءِ بحث جا نوان در کوليندو. خاص طور ها ڪڙي جي تاريخي وهڪرن جي آثارن. اتان جي آباد ڳوٺن. قومن ۽ قبيلن جي تذڪرن سميت خصوصن ڪاروڙو چارڻ جي تهذيبي اهڃاڻ ۽ تاريخي ڪردارن جي حقيقتن کي نئين روپ ۾ پيش ڪيو آهي.

لطيفي راهه جي راهي ۽ هر دلعزيز شخصيت جي مالڪ ليکڪ ڊاڪٽرعبدالغزيز ڪنيار کي توڙي جو پنهنجي علائقي اندر ادبي. سماجي ۽ طبي خدمتن عيوض نهايت احترام ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويجي ٿو پر سندس هڪ بهترين محقق طور ڄرڪائيندڙ پهلو ان ڪري به سرس ۽ غور طلب آهي جو پاڻ وسيع مطالعاتي ۽ مشاهداتي اک جي تيزيءَ سان لطيفي سر سر مارئي جي تناظر ۾ تاريخي ڳوٺ ڪاروڙو چارڻ جي ڪجهه اهڙن رخن کي سامهون آندو آهي. جيڪي اڳ ڪڏهن به منظرعام تي نه آيا آهن. يقينن سائين ڊاڪٽرعبدالغزيز ڪنيار جي اهڙي محنت ۽ ڪاوش کي پڻ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو. اسان جي دعا آهي ته شال سندس قلم جي رواني ايئن ئي برقرار رهي ۽ پاڻ تحقيق جي ميدان ۾ نت نون لاڙن کي متعارف ڪرائي سچتا جا موتي ميڙيندو رهي.

**ساجد سنڌي**

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ پاران

اسان جي ڳوٺن ۾ اها روايت هوندي هئي تہ روزانو رات جو ڪافي ڳوٺ وارا هڪ هنڌ گڏجي ويهندا هئا. جنهن ۾ سگهڙ، شاعر، گويا، مولودي، ڀڳت، ننڍا، وڏا، پوڙها ڀڪا ۽ شائق اچي ڪنا ٿيندا هئا. سياري جي موسم ۾ وري وچ ۾ مچ ٻاربو هو جنهن کي آڳيٺي چيو ويندوهو.ان ڪچهري ۾قصا، ڪهاڻيون، ڏور بيت، ڳجهارتون، گيت غزل، ڪافيون ۽ مولود مطلب تہ هر قسم جي ادبي صنف تي ڳاله ٻوله ٿيندي هئي. ان کان علاوه هي ڪچهريون نئين نسل جي لاءِ تربيتگاه جو پڻ ڪم ڪنديون هيون.افسوس جو اسان جا اهي سماجي تربيتي ادارا بند ٿي ويا. انهن کي وري نئين سري سان تقويت ڏيڻ جي سخت ضرورت آهي. انهن ڪچهرين ۾ اسان مختلف ڪهاڻين ۽ قصن سان گڏ عمر مارئي جو قصو پڻ ٻڌوسين جنهن ۾ کوڙ ساريون اختلافي ڳالهيون پڻ هيون.

ڪجهہ وقت اڳ اسان وٽ ( عمرڪوٽ ) محترم اڪبر لغاري صاحب ڊپٽي ڪمشنر ٿي آيو لغاري صاحب جو سنڌي ادب ۾ اهم نقاد طور نالو رهيو آهي. ساڻس وقت بہ وقت ڪچهريون پڻ ٿينديون هيون. ان ۾ عمر مارئي تي پڻ بحث ٿيندو هو. انهي زماني ۾ ڪي.ٽي. اين وارن مارئي تي پروگرام پئي ڪيو. محترم فيض کوسو پروگرام جي ريڪارڊنگ لاءِ عمرڪوٽ ۾ محترم اڪبر صاحب وٽ ترسيل هو.اڪبر صاحب مون کي گهرائي پروگرام ۾ ويهاري ڇڏيو. پر سچي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ اها آهي تہ ان وقت مون کي ڪا ايتري گهٽي ڄاڻ ڪونہ هئي.

هي پروگرام منهنجي لاءِ اتساهہ جو سبب بڻيو ۽ مون ان موضوع تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مون منهنجي ڳوٺ ڏانهن نهار وڌي، مون کي ڪيترا سگهڙ، سياڻا، چتر، ٻوليءَ وارا چارڻ ۽ انهن جون ريتون رسمون، هاڪڙي جا ماڳ مڪان ۽ انهن جا آثار نظر آيا. ڪوڙ ساريون شاهڪار حقيقتون منهنجي هانءُ ۾ هُرڻ لڳيون. مون پيهر لطيف سائين کي پڙهڻ شروع ڪيو.

مون هن ڪتاب ۾ انهي حوالي سان ڪوشش ڪئي آهي تہ تاريخ جي ڪتابن ۽ سگهڙ سياڻن جي سٽايل لوڪ روايتن جي روشني ۾ ڳالهين جو ڳونڍڙو ٻڌندي مارئي تي تحقيق ڪندڙ مورخن ۽ شاگردن جي لاءِ هڪ نئين رخ جو در کوليان. پر هڪڙي وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ آئون تاريخ جي موضوع جي حوالي سان پنهنجي ڳالهہ مڃائڻ جي لاءِ پڙ ڪڏي بيهڻ وارن منجهان نہ آهيان. ڪا بہ حتمي راءِ ڏيڻ جي بدران بس سوچ جي سفر ۾ تجويز ڏيندو آهيان تہ هن موضوع جي حوالي سان ائين بہ سوچي سگهجي ٿو.

ڪرنل جيمس ٽاڊ ريگستان جي تاريخ تي لکيل پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب ”اينل اينڊ اينٽيڪس آف راجستان“ ۾ لکيو آهي تہ: ’ماڻهن پنهنجي عزت نفس جي ڪري تاريخ پٽي مسخ ڪئي آهي يعني ان کي ٽوڙي مروڙي پنهنجي مرضي مطابق لکي، لڪائي ۽ بيان ڪئي آهي.‘[1] آئون ٽاڊ سان متفق آهيان. مسخ ڪيل تاريخ سنوارڻ ۽ سڌارڻ ۾ ڪيترين پيچيدگين مان گذرڻو پوندو آهي.

اهو بہ هڪ عجيب اتفاق هو جو 1971ع دوران اسان کي

---

[1] اينل اينڊ اينٽيڪس آف راجستان ص 30

پنهنجا اباڻا علائقا خالي ڪرڻا پيا. انهي دوران مڊل اسڪول نيوڇور جي لائبرري جا ڪتاب مون کي هٿ اچي ويا ۽ ائين ڪتابن جي مطالعي جو سلسلو شروع ٿي ويو. ان ڪانپوءِ محترم حاجي ولي محمد صاحب جيڪو ڪتابن سان عشق جي حد تائين محبت ڪندڙ هو. سندس صحبت ۾ ڪتابن سان چاهه اجان به وڌيو. حاجي صاحب مختلف وقتن تي پڙهڻ جي لاءِ ڪتاب پڻ ڏيندو هو ۽ انهن ڪتابن تي خيالن جي ڏي وٺ پڻ ٿيندي هئي.ائين سندس صحبت منهنجي لاءِ تمام گهڻي لاڀائتي ثابت ٿي.

مون جيڪي تاريخ جي ڪتابن جا پنا اٿلايا ۽ جيڪي قصا سگهڙن کان ٻڌا انهن ۾ تمام گهڻو اختلاف موجود هو. ڪافي واقعا هئا جيڪي ڪٿي به رڪارڊ تي ڪونه آيا هئا. ان ڪري ضروري سمجهيم ته انهن سيني واقعن کي رڪارڊ تي آڻجي جيئن آئنده ڪو شاگرد هن موضوع تي تحقيق ڪري ته ان کي ڪچي مواد طور مدد ملي سگهي ۽ انهن مان مختلف واقعن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري تحقيق جي ڪنهن بهتر نتيجي تي پهچي سگهي.

هن ڪتاب جي سلسلي ۾ مون سڀ کان پهرين هڪ ننڍڙو مضمون تيار ڪيو جيڪو پنهنجي نهايت محترم دوست، اديب، شاعر ۽ تاريخدان محترم مير حسن آريسر صاحب کي ڏيکاريو. آريسر صاحب تمام گهڻو اتساهيو ۽ اهو مضمون سامي تنظيم طرفان نڪرندڙ ٽماهي رسالي ۾ ڇپرائي به ڇڏيو. مضمون ڇپجڻ ڪانپوءِ مون کي ان موضوع تي ڪم ڪرڻ ۾ اجان به وڌيڪ دلچسپي پيدا ٿي.

ائين مون وٽ ڪافي مواد گڏ ٿي ويو جيڪو ڪٺي آئون منهنجي جگري يارنرالي ليکڪ امير بخش شر جي ميرپورخاص واري گهر پهتس ته مولوي ارباب نيڪ محمد صاحب اڳي ئي اتي موجود هو. مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن سڄو مواد دوستن اڳيان رکيو تہ خوش بہ ٿيا ۽ انهن مون کي اڃان وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ همٿ ڀڏارائي. پوءِ جڏهن منهنجي محترم دوست علي اڪبر راهمي سان ملاقات ٿي تہ هن موضوع تي هڪ صحتمند بحث ٿيو. جنهن دوران پارومل جو ذڪر پڻ آيو. جنهن جو ٿر جي ادبي تاريخ جي حوالي سان ڪيل ڪم منهنجي نظر مان گذري چڪو هو.

محترم پارومل امراڻي سان مٺي ۾ ڪنهن تقريب دوران ڏيٺ ويٺ ٿي. هي اڳي ئي تحقيقي ڪم ۾ غرق ٿيل هو. مون کي بہ گهڻي پاڻ سان گڏ ڪيائين. بس پوءِ تہ 'ڇَري ۽ ڇُري' وارو قصو ٿيو. راتين جو دير تائين تمام ڊگها بحث. علمي ۽ مشاهداتي سفر جنهن دوران مرتضيٰ راهمي ۽ شهاب نهڙي جو اڪثر ساٿ رهيو. ٿر جي مختلف سگهڙن ۽ ڏاهن سان ڊگهيون ۽ معلوماتي ڪچهريون جن ۾ ڪوي هميڏان چارڻ، رائيسنگهہ وڪيل (جنهن جي روائتي مهمان نوازي وسارڻ جوڳي ناهي) منگل سنگهہ رانوڙ سان سندس آستاني تي ڊگها بحث. حاجي محمد ڪنڀار جا سٽايل ڪهاڻيون. قصا وسريو نہ وسرن ۽ مٿان وري محمد عظيم ڪنڀار جو اڪير مان وقت بہ وقت اهو پڇڻ تہ ڊاڪٽر صاحب! ڪتاب جو ڪم ڪٿي پهتو؟ سچ اهو تہ آئون انهن محبتن جو ڪڏهن بہ قرض لاهي نٿو سگهان.

منهنجي لاءِ هن ڪتاب جو تاڃي پيٽو اڻڻ جي دوران مختلف ماڳن ۽ مڪانن جو مشاهداتي سفر، مختلف سگهڙن، سياڻن، اديبن ۽ تاريخدانن سان ڪچهريون وڏي وٿ آهن. ارباب نيڪ محمد، شهاب نهڙي ۽ پارومل سان گڏ ڄامشوري جي پٿريلي پٽ تي نامور تاريخدان محترم غلامحمد لاکي صاحب سان ٿيل ڪچهري ۽ لاکي صاحب پاران ڏنل مان هميشہ ياد رهندو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻي شاعر ۽ مترجم محترم لڪاڏني ڪلال سان ڏگهيون ڪچهريون ۽ ساڻس گڏ مشاهداتي سفر، جنهن دوران پارومل جي بانهن جو تنڙ ۽ پوءِ ڪلال جي ڳوٺ رئيس ڪرم خان نظاماڻي ۾ علمي ڪچهري جنهن ۾ مون سان مرتضيٰ راهمون، غلام رسول راهمون ۽ الهداد ڪنيار پڻ همسفر رهيا. ڪلال جي ڳوٺ تمام مفيد ۽ لاڀائتي ڪچهري ٿي. ڪلال صاحب جي ڳوٺ جي پرسان سائين غلام حيدر شاهه صاحب جي ڳوٺ سندس اوطاق تي رات جي ماني کان پوءِ راڳ جي رهاڻ مان پڻ لطف اندوز ٿياسين.

مون پنهنجي ڳوٺ جي تاريخي اهڃاڻن ۽ هاڪڙي جي وهڪري سان گڏ هن پوري بحث جو محور صرف ۽ صرف پٺاڻي صاحب رسالي جو سر عمر مارئي رکيو آهي. جن به موضوعن تي بحث ڪيو ويو آهي، اهي سڀ جا سڀ هن سر مان ورتا ويا آهن. پٺاڻي صاحب جي اها خوبصورتي آهي جو جيڪي قصا زير بحث آندا اٿس، انهن جو تعلق سنڌ سان آهي، قصي ۾ جاڻايل ماڳ، جايون، رستا ۽ واهڻ پاڻ وڃي اکين سان ڏٺا ۽ انهن جو مشاهدو ڪيو اٿس. ان قصي سان وابسته تاريخ، جاگرافي، سماجي ۽ معاشي حالتن جو پڻ تفصيل سان جائزو ورتو اٿس. ائين هڪ ئي جاءِ تي گهڻ پاسائون ذڪر اهو شاعري جي زبان ۾ تمام گهٽ ملي ٿو يا ملي ئي ڪونه ٿو. مون سان هن تحقيقي سفر ۾ ڄاڻايل دوستن کان علاوه به تمام گهڻن دوستن جو ساٿ رهيو. سيني دوستن جا نالا ته ڳڻائي نٿا سگهجن، آئون انهن سمورن سان هٿ جوڙ ڪندي يقين ٿو ڏياريان ته اوهان سمورن جو پيار منهنجي هانءُ جي هندوري ۾ سدائين لڏندو رهندو.

هتي هڪ نهايت ئي اهم ۽ اسان جون هر وقت فرمائشون پوريون ڪرڻ واري پياري جو ذڪر نه ڪرڻ زيادتي ٿيندي اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيني جو دل گهريو پارومل جو پاٽيجو (اسين ڪيس پاٽيج ئي سڏيندا آهيون آئون اجان حجت مان 'وزير خوراڪ پاٽيج ' پڻ چوندو آهيان.) اهو مسٽر گل اميت ڪمار سندس وڏيون مهربانيون جو پنهنجي پڙهائي باوجود اسان جون رات دير تائين چيلهار واري اوتاري ۾ حاضريون ڀريندو رهيو آهي. جڏهن به چيلهار اچڻ ٿيندو آهي ته ملڻ سان محمد عظيم جيان سندس پهريون سوال هوندو آهي ته: سائين توهان جو ڪتاب مارڪيٽ ۾ ڪڏهن ٿو اچي!؟

آئون پنهنجي دلبر دوست ڊاڪٽر خليل الله شيخ جو نهايت ٿورائتو آهيان. پروف سڌارڻ جهڙو ٿڪائيندڙ ڪم ڊاڪٽر صاحب ڪيو آهي. سمبارا پبليڪشن جي سرواڻ ساجد سنڌي جا به وڏا وڙ جنهن جي محنتن سان هي ڪتاب پڙهندڙن تائين پهچي رهيو آهي. مانواري سائين ڊاڪٽر اسد جمال پلي ۽ دليپ ڪوٺاري جو ساٿ ڪتاب جي ڇپائي جي هر مرحلي ۾ اتساهيندو رهيو.

هي ننڍڙي ڪاوش پنهنجي اباڻي ماڳ سان محبت ڪندڙن ۽ نئين نسل جي انهن محققن جي نانءِ جيڪي ڀٽائي صاحب تي تحقيق ڪري ڀٽائي جو پيغام عام ڪرڻ سان گڏ تاريخ ۽ تهذيب جي ٽٽل ڪڙين کي جوڙيندا.

**ڊاڪٽر عبدالعزيز**

3 اپريل 2019

عمرڪوٽ.

فون نمبر: 03463470632



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

## هاڪڙي جا آثار ۽ مارئي جو ماڳ

آئون پنهنجي ڪتاب "چتر ٻوليءَ چارڻان" جو تاجي پيتو اُٽڻ ۾ رڌل هوس تہ ٿر جي نوجوان ليکڪ ۽ سماجي اڳواڻ علي اڪبر راهمي ڊاڪٽر عبدالعزيز جو ڪجهہ مواد "اي ميل" ذريعي اماٽيو ڳڏ نوٽ ۾ لکيائين تہ.' سائين اسان جو پيارو دوست ۽ صحت کاتي جو اڳوڻو ضلعي آفيسر آهي.' مواد پڙهڻ سان موضوع جي حوالي سان مون کي وڌيو پر آئون وري راءِ ڏيڻ ۽ رابطو ڪرڻ جي معاملي ۾ محتياط رهيس. منهنجي اندر ۾ سوال اڀري رهيو هو تہ هڪ رٽائرڊ ڪامورو ڊاڪٽر خبر نہ آهي ڪهڙي طبيعت جو هوندو! آئون رابطو ڪيئن ڪريان!؟ مون کي رابطو ڪرڻ گهرجي يا نہ؟

ڪجهہ ڏينهن گذريا سنڌ يونيورسٽي جي "انٿروپالاجي" شعبي جو شاگرد محمد ابراهيم ڪنڀار منهنجي پڇا ڪندو اچي چيلهار منهنجي آشياني تي پهتو. حال احوال اوريندي ٻڌايائين تہ آئون چارڻ قبيلي تي ٿيسز لکي رهيو آهيان. مون کي ڊاڪٽر عبدالعزيز توهان ڏي موڪليو آهي. اوهان جي ڪاوش مئگزين ۾ ڇپيل مضمونن جي "ڪٽنگس" جي ڪاپي بہ مون کي ڊاڪٽر صاحب کان ملي آهي. اها ڳالهہ ٻڌي مون کي خوشي بہ ٿي تہ ڊاڪٽر صاحب نہ صرف منهنجا مضمون پڙهي رهيو آهي. ڪٽنگ جو فائيل بہ ٺاهي رهيو آهي. خير محمد ابراهيم سان ڪچهري ٿي. هن مضمون جي موضوع جي حوالي سان ڪجهہ سوال ڪيا. رات رهيو ۽ ٻي ڏينهن هليو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد ابراهيم سان ڪچهري ڪي هفتو مس گذريو. مني ۾ هڪ پروگرام ۾ شرڪت جي لاءِ ڊاڪٽر عبدالعزيز بہ اچي مليو. پاڪرين پئجي وياسين. منهنجا سمورا انومان غلط نڪتا. هي محبتي ماڻهو مهربان، مسيحا ۽ هاڪڙي وادي جي وارث طور مليو.

هن ڪي نہ امير ٿيڻ جي آرزو نہ شهرت جو شوق. هن ڪامورڪي ڪرسي ڪي جڏهن فقيري رنگ ۾ ريت ۾ رڪاوٽ سمجهي تڏهن رٽائرمنٽ جي درخواست ڏيئي پنهنجن ساٿين سميت "پلي پار" وڃي پٽ ڏٽي جي بيٺن ۾ سنگهارن جي سکن جي لاءِ دعا گهري:

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اجين جي،
پاڻي پوچ پٽن تي، ارزان ان ڪريج،
وطن وسائيج تہ سنگهارن سک ٿئي.

هن جي اندر جي ڪل ڪائنات ۾ وطن جي مٽي سان عشق جا اندلٺ ۽ محبت جا ميگهہ ملهار آهن. هن جي صحبت ۾ اهو پرائي سگهجي ٿو تہ بين جو احترام ڪيئن ڪبو آهي ۽ ڪردار جي عظمت ڪيئن قبول ڪئي ويندي آهي. هن جي من ۾ سنڌ دوست ۽ انسان دوست پهلو سدائين اجاگر رهيا آهن. انسان ذات ۾ برابري چاهيندڙ هن شخص وٽ تصوف تعصب جو رد آهي. هن ڪڏهن پنهنجي علميت جو ڏيکاءُ نہ ڪيو آهي.

ڊاڪٽرعبدالعزيز سدائين قافلو بڻجي رهيو آهي. عمرڪوٽ کان وهري تائين حاجي عالم جي اڳواڻي ۾ پنج جڻن وارو قافلو مشهور ۽ مقبول آهي. آئون ۽ منهنجا دوست پهرين ملاقات کان وٺي اڄ ڏينهن تائين تر واري پاسي ڊاڪٽر صاحب جي قافلي جا رڪن بڻجي رهيا آهيون:

جڏانهان ڪر تيام، ساڃاهہ سپرين سين،
تڏانهان ڪر تر جيترو وير م وسريام،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر روح رهيام، سچڻ اوطاقون ڪري.

اسان جي ڪچهري جون راتيون ختم ٿيون آهن، پر باتيون ختم نه ٿيون آهن. رولاڪين جا ڏگها رستا ڪٿي رڪيا نه آهن. ڪڏهن اسان ڪاروڙي چارڻ، شو مندر، ستين جي ٿان، ولهار جي ڳوٺ ۾ پدمات جي پٽ ۾ نيو چور ڪان ٿيندا ڪنني جي ڳوٺ سارنگهيار ڊاڪٽر ناٿو سنگهه جي نجهري پهتا آهيون ته ڪڏهن مني مان منگل سنگهه ۾ شهاب دين کي ساڻ ڪري پابوهر ۾ ڪوي هيمڏان چارڻ سان رهاڻ رچائي فقير پاربرهم ۾ راول فقير جي آستاني پهچڻ جي لاءِ ويڙهي جهپ جي واٽ ورتي آهي. ڪڏهن پاري نگر جا پڌ گهمي جام خان جي واندئي ۾ ساگر خاصخيلي جي چانهه چڪي پيتي آهي ته ڪڏهن تلهار پرسان ڊاڪٽر محمد سومار ڪوسي جي ڳوٺ ۾ شانتي نڪيتن جهڙي درسگاهه جي درشن جي لاءِ حاضر ٿيا آهيون ته ڪڏهن ارباب نيڪ محمد سان گڏجي ميرپورخاص ۾ امير بخش شر جي لائيبريري جا ڪتاب اٿلائي پٿلائي نامور تاريخدان غلام محمد لاکي جا مهمان ٿيا آهيون ۽ وري ڪڏهن اي ڊي ڪنير ۽ مرتضيٰ راهمي جي ساٿ ۾ رئيس ڪرم خان نظاماڻي ۾ سهڻي شاعر ڪلال جي ڪوٺ تي رسيا آهيون. ائين اسان جي مسافري جو وڏو قصو آهي.

انهن پنڌن ۾ منهنجي ڪابي ٻانهن به ٽٽي. (آئون لکڻ ۾ 'ڪابڙيو' آهيان. جنهن جي ڪري لکڻ ۾ وڏي تڪليف به ٿي) پر 'بون ڪيئر' حيدرآباد ۾ هڏن جي ماهر ڊاڪٽر نفيس چوهاڻ ڪان 'راڌ 'لڳرائي وري جوڳي رمتا پيلا :

پنهنجي نيٽن سچ وسي ٿي،
پنهنجي پيرين پرندڙ بنڙو،
هاءِ اسان جو پاڳل منڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سمورين ڪچهرين، انهن سمورن پنڌن ۾ ”هاڪڙي جا وهڪرا“ عمرڪرٽ ۾ ڪاروڙي جو آباد ٿيڻ، ”چارڻ ڪوي ۾ ڪوتا“، ”مارئي ۾ شاهه لطيف جو ٿر“ گفتگو ۾ مشاهدي جو موضوع رهيا آهن.

هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر عبدالعزيز انهن سمورن موضوعن جو تت بيان ڪيو آهي. جنهن سان ڪير اختلاف ڪري يا اتفاق پر پڙهڻ سان ڊاڪٽر صاحب جي قلمي پورهئي کي داد ضرور ڏيندو. ڪاروڙي چارڻ ۽ ان جي آس پاس واري علائقي سان گڏ ٿر جي تاريخ جو نئين سر جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي.

نامور آرڪيالاجسٽ رفيق مغل پنهنجي ڪتاب ”هاڪڙا وادي“ جي قديم آثارن ۾ ڪاروڙي جو ذڪر ڪيو آهي يا نه؟ پر چارڻي ڪوتا ۾ ڪاروڙي چارڻ جو وڏو تذڪرو ملي ٿو. لوڪ روايتن مطابق ڪاروڙو چارڻ هاڪڙي جي قديم ماڳن مان هڪ آهي. بدين جي ڳوٺ علي مراد چانديي جي سگهڙ شفيع محمد چانديي هڪ ڪچهري ۾ ٻڌايو ته لطيف سائين هاڪڙي کي ڳايو آهي. هن مثال طور هيٺيون بيت ٻڌايو:

هي پٽون، هُو پاڻ، هيڪ نه پسان هاڪڙو
ڏٺم نه ڏيهه ۾ اُني جا اهڃاڻ،
ميهوڳي جا ماڻ، ڏسان ته ڏاهي ٿيان.[2]

هڪ پيري ولهار جي مشاهداتي دوري دوران ڊاڪٽر عبدالعزيز ٻڌايو ته عمرڪوٽ ۾ ڪاروڙي جي تاريخ ۾ ”شو مندر“ جي اهم حيثيت رهي آهي. هن مندر کي پهريون پيرو ڪنيار قبيلي جي هڪڙي فرد جوڙيو هو. نندي ڪنڊ جي ورهاڱي تائين شو مندر جي جڙت مان چوٿون حصو ڪاروڙي چارڻ جي ڪنيارن کي ملندو رهندو هو.

---

[2] بدين ضلعي جي ڳوٺ علي مراد چانديو جي سگهڙ شفيع محمدچانديو کان مليل




Parts of Thar where Maro the parents of Marvi travelled.

ٿرپاڪر جو نقشو جنهن ۾ ٿر جي مختلف علائقن سان گڏ ڪاٺڙ پڻ ڏيکاريل آهي.

# پائر

## PAYAR OR SAMAROTI PART OF THAR in Green color




هتي ٿر جا مختلف حصا ڏيکاريا ويا آهن جن ۾ پائر يا سامروٽي پڻ ڏيکاريل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڳوٺ ولهار کان شو مندر جو نهايت خوبصورت نظارو.

# DHAAT PART OF THAR




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



پورجي ويل کوهہ جا نشان



(ڏاهلي جو اهو ميدان جتي مارُوئڙن اچي پڙاءُ ڪيو هو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ڳوٺ ولهار پيپل کان درگاه نماڻو شاهه ۽ ولهار ڏنڍ جو خوبصورت منظر



پاٻوهر جو ٺمرائي مندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ستين جو آستان جتي ڇهہ ئي ڀيڻون ۽ سندن ڀاءُ چڪيا تي چڙهيا هئا



ڪارڙيءَ ڇاڙ ۾ ڏيول ديويءَ جو ٿان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



(جهونا ڳڙهه ۾ ديواپت جو لڳل مجسمو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



مارو گرجر پينٽنگ جو نمونو



مارو گرجر آرڪيٽيڪچر جو هڪ نمونو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شو مندر جي قدامت هزارين سال پڌائي وڃي ٿي.[3] لوڪ روايتن مطابق گهٽي وقت تائين هتي رڳو ”شو لنگم“ لڳل رهيو. هاڪڙي جي عروج واري زماني جي آثارن ۾ شو مندر کي شامل ڪري سگهجي ٿو پر اڃان وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي.

چون ٿا هاڪڙي جي ڪنيارن وٽ متي جا ٿانو جوڙڻ جو فن بہ اعليٰ درجي جو هوندو هو. (هن موضوع تي وڌيڪ ڊار ڪنهن بي پيري لکبو. هن پيري ڳالهہ انهي طرف وني ٿا هلون تہ) ڊاڪٽر عبدالعزيز جو تعلق انهن تخليقڪارن ڪنيرن جي ”سما“ نک سان آهي. پٽ ڏٽي ڪنيرن متعلق چيو آهي تہ:

ڪي جو ڪنيارن، متي پائي منيو
تنهن مان تر جيتري جي پٽي خبر ڪرن،
هي تان هوند مرن، هن اگڻ اوراتو ٿئي..

عمرڪوٽ جي اڏجڻ بابت ڊاڪٽر عبدالعزيز عمر سومري بيو جو اڏيل شهر ڄاڻائيندي چيو آهي تہ هڪ وڏي دريائي بوڏ ۾ وگهہ ڪوٽ جي ٻڏڻ کان پوءِ عمرڪوٽ اڏيو ويو. هڪ لوڪ ڪهاڻي ”عمر بادشاه ۽ نيرل راڻي“ ۾ لوڪ شعر( ڳاهہ ) آهي تہ:

ڦٽو شهر روغاني جو، اڏيو عمرڪوٽ ڙي،
ڏيءَ مانجهي ملير جي، وڃي گڏي گهوٽ ڙي،

هي روغاني يا روغان جو شهر ڪٿي آهي؟ ڇا اهو وگهہ ڪوٽ تہ هو؟ لوڪ ڪهاڻي موجب اهو عمر سومرو همير سومري بادشاهہ جو پٽ هو. سومرن جي صاحبي ۾ بہ عمر بادشاهہ ٿيا آهن، هڪ عمرپهريون، جيڪو سومرن جو ڇهون بادشاهہ ۽ خفيف نالي بادشاهہ کان پوءِ تخت تي ويٺو. عمر بيو سومرن جون سترهون بادشاهہ دودي

---

[3] Built Heritage of Pakistan, Ihsan H Nadiem



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ بادشاهہ ٿيو. عمر ٻيو ڪنهن جو پٽ هو. سندس جيون خاڪي کي اپٽار ڪرڻ جي ضرورت آهي.

ڪجهہ تاريخدانن پراچين دوهي کي ورجايو آهي تہ :

پرلي پاڙ نہ جاڻي، جڳ جڳ رهہ جماڻ،
ٻڪماڏي ري ٻيڏئي ڪوجيو گڏ امراڻ.

ان دوهي کي ورجائيندڙن عمرڪوٽ جي قلعي کي وير ڪرماجيت جو اڏيل قلعو لکيو آهي. پر تاريخي حوالن سان وڌيڪ واضح نہ ڪري سگهيا آهن.هڪ راءِ ۾ عمرڪوٽ امر سنگهہ جو اڏايل آهي. جنهن متعلق ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي تہ 'سوڍن جي صاحبي ۾ امر سنگهہ نالي سان ڪو پاتوي راڻو نٿو ملي.'

سوڍن کان اڳ ۾ انهي علائقي تي پرمار راجپوتن جو بہ راڄ رهيو آهي. پرمار راجپوتن جي فهرست ۾ بہ امر سنگهہ کي هن وقت تائين ڪو ئي دليلن سان ڳولي ڏيئي نہ سگهيو آهي.

ٿر جي تاريخ ۾ مارئي متعلق ڪيترين ئي روايتون اڃي چڪيون آهن. پر ڪا بہ حتمي راءِ جڙي نہ سگهي آهي. اسان جو الميو اهو آهي تہ مناسب تحقيق نہ ٿيڻ جي ڪري اسان تاريخي ڪردارن کي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ ويڙهي ڇڏيو آهي.

تحقيق جي ذڪار ۾ بہ لطيف سائين جي شاعراڻي آرٽ جو ڪمال آهي جو مارئي جي ڪردار جي اهميت ۽ عظمت اڄ بہ برقرار آهي.

اسان جي محققن ۾ ڪن مارئي کي لاکي ڦلاڻي جي ڌي ڄاڻائي آهي. مارئي جي ماءُ مهران ڌي يا ميران ڌي کي پالڻو پڄائي ڪٺي آيو هو.[4] تہ ڪن وري همير جي ڌيءَ[5] ٻڌايو آهي. شڪار تي آيل همير

---

[4] سنڌ جي ان جا ماڻهو بوتن ص 107
[5] مارئي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي ڪئي ۽ مارئي جي ماءُ ڪي چڏي هليو آيو. ڪن ننگرپارڪر جي نندي سمي جي ڌيءَ ڪوني آهي[6] تہ ڪن وري ماڙيچي لکي آهي[7]. ڪي وري پنهوار قبيلي جي جائي ڄاڻائين ٿا. ڪن تاريخدانن مطابق مارئي رباري آهي[8] لاکي ڦلاڻي ۽ همير وارين ڪهاڻين ۾ عجيب روايتون آهن. انهن اڪثر ڪهاڻين ۾ مارئي ملير جي ڳوٺ ۾ پالڻي جي گهر وڏي ٿئي ٿي. ڪن محققن مارئي جي ماءُ جو نالو ماڌوئي لکيو آهي تہ ڪي وري مهراڏي يا ميراڏي لکن ٿا. منگهارام اوجها مطابق پالڻو سوٿهڙ قبيلي سان تعلق رکندڙ آهي. جنهن وٽ هڪ سهڻو ۽ تيز رٿ آهي.[9] ناميارو محقق پروفيسر هوتچند گربخشاڻي مارئي ملير جي پنهوار پالڻي جي ڌيءَ لکي ٿو.[10] ملير پالوا ويجهو ڳوٺ هو.[11] آءِ حسن ايچ نديم لکي ٿو تہ 'ملير سائي زمين جو نالو آهي. اهو انهي علائقي جو نالو آهي.[12] جيڪو ٿر جي دل جهڙي حيثيت رکي ٿو.

ميون شاهہ عنايت پنهنجي هڪ بيت ۾ مارئي جو ماڳ وچيون ٿر چيو آهي.

اوريون ٿر اوري، تهان پريون پارڪر،
ويهن ويڙهيچا وچ ۾ سانيڪا سوري،

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "وچيون ٿر" ڊاٽ کي سڏي ٿو. لطيف سائين چيو آهي تہ:

---

[6] ايضا
[7] سر مارئي مرتب حميد سنڌي سال مارچ 1990ع پريتم پياسي جو مضمون
[8] پراڻو پارڪر ص 77
[9] پراڻو پارڪر ص 78
[10] شاهہ جو رسالو پروفيسر هوتچند مولچند گربخشاڻي. ثقافت کاتو ص 699
[11] Cultural History of Sindh Faiz Muhammad, p 107
[12] Thar the Great Land Pakistan Desert History People p 85


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊولي مڪي ڏت ڪان، سوڪڙي سائي،
آئي اباڻن ڪان وني وڏائي،
ساعت اهائي، سومرن سنڌو ٿيو.

ڊاڪٽر عبدالعزيز ٻٽ ڏٽي جي بيتن آڏار مارئي جو پورو تر بيان ڪيو آهي. هڪ روايت موجب اڄڙي تر ۾ رتي ڪوٽ جي ڏکڻ اوير ۾ مارئي ديهه آهي. اتي هڪ پٽ تي قبر آهي،جنهن جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها مارئي جي قبر آهي.[13] رٻارين ۾ اڄ بہ ريت آهي تہ هڪ خاص قسم جي ڪٿي جو ڪفن ڏنو ويندو آهي. ٻٽ ڏٽي چوي ٿو تہ :

سائين لڳ سومرا هڪڙو عرض مجيبج ،
جي ماڙين منجهہ مري وڃان، ڪٿي ڪفن ڏيج،
اتي لوڙهہ لتيج، جتي جهوپا جهانگيڙن جا.

هما جليل عباس لکيو آهي تہ: مارئي پالوا جي ڳوٺ جي رهندڙ هئي. پالوا جو لفظ ”پلي واءِ“ مان نڪتل آهي يا ”پيپل واءِ“ اهو هڪ سوال آهي.پالوا جي پر سان ست راڄي ۾ پيپل بہ رهن ٿا. جن جو چوڻ آهي تہ مارئي رٻارڻ هئي. اهي چون ٿا تہ اڳ ۾ هن علائقي ۾ ٻارنهن تڙ رٻارين جا هئا. مارئي جي واقعي جي ڪري لڏي ويا.

ڊاڪٽر عبدالعزيز تاريخ جي حوالن سان گڏ سگهڙن. سياڻن جي سماچارن آڏار پنهنجي قلم کي اڳتي وڌايو آهي. ڪاروڙي لڳ ڳوٺ ’رٻاريو‘ ۾ رٻارين کي بہ تذڪري ۾ آندو آهي. چارڻ ’ديوي پتر‘ آهن. رٻاري ديوي جا مڃيندڙ آهن. ٻئي شو شڪتي جا اپاشڪ آهن.

موهن سروپ چند ناز پارڪر جو استاد ۽ ليکڪ هو. جنهن مارئي جي ميلي ۾ پارڪري شاعري ۽ اهڃاڻن جي بنياد تي مارئي کي پالوا جو پوپٽ رنگ ثابت ڪندي هڪ شاندار مقالو پڙهيو هو جنهن

[13] مارئي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا بيت هتي ڏجن ٿا:

چيري چولي چانبڙيءَ ڏلي پراوي لوڻ،
ڪايا اوڪالي ڪارمي اونئون ني دي جوڻ،
ڪيتل سريڪو ڪوڻ، ساچو ور مين سومرا.

لطيف سائين:

جي لوڻ لڳين لائين، چيري چيري چم،
مون ڪر اڳي نہ ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دم تان تان پريت پنهوار سين.

پارڪري بيت:

گجويلي گيمار، نور نڪاوي سومرا،
ڏومڻ بانڌل نيهہ رو مورک را سردار،
ڏيهاءِ ڏيکون دوار، پيلي ڪرون پڌرومٽي.

لطيف سائين:

نيئر نہ لهي نيهن جو لوهہ جا لهي ويا،
مارن ڏاران مازئين ڏهلا ڏينهن ٿيا،
ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي.

پارڪري بيت :

ڦاٽي لووڙ پات، سو سو سيوا ڪاپڙي،
جوءِ مرڪسي مانري مات، ڪيتل ور ڪمڪارسي،

لطيف سائين:

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي سين ليڙن،
ههڙو حال وني ڪري وجان منجهہ ٽرن،
مارو مان چون، هئي اسانهين آسري.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارڪري بيت:

پنٿي ويرا وينوُن، ڪر جو وات گهري،
ميهه جمر رو وي مارئي، ويلي وار ڪري،
مين رويا گي پري، خبر ليجي ڪيتسي.

لطيف سائين :

پانڌي پرين پنهوار سين، روئي ڪج رهاڻ،
جيئن تر وجون انيون، تيئن آءُ سورن ساڻ،
ڪجاهه ڪا وراڻ، ڏکن ڏيل ڏهِيوُن ڪيو.

پارڪري بيت :

راتا ڊيڪا ڊولتي، ملير ڏس ني جوءِ،
سيج تيٽي سومرا، وهمي مُون ني ووءِ،
ور ڪونتيلو ڪيتسي، دوجو نہ ڏيکون ڪوءِ
تن ڪونڙئي توءِ، من ۾ مارو وسي رهيو.

لطيف سائين :

ڪريو مهاڙ ملير ڏي، روءِ ايي جوءِ،
سهج سوري پانئيان سومرا سنڌوءِ،
ملڪ ماروءَ جي آهيان، جور نہ ٿيان جوءِ
سو قلب ڪوٽ نہ هوءِ، جو هتيجن هٿ ڪيو.

پارڪري بيت :

مانري من مارو وهي نهين ڪرون وپريت،
ڏوهلي ڏيهايون تٽي، نات رباري ريت،
پوري پالوا پريت رودان ڪرتي راتيئي.

لطيف سائين :

ڪنهن تڙ ڏيهاءِ، ڪتي انن مينهڙا،
مون وٽ مون پرين جي ويهي ڪر وائي،
آءُ اڳ ڊائي، سنيهو سُٽي جيان.

پارڪري بيت :

راتي ربِاري آويا، ونا ڪالوڙا ميهہ،
ٿوپريا تبو تار ٿيا، پُون پيچ ڪريهہ،
تہ ڏاڏاٽو ڏيهہ، سميري مُو ني سومرا.

شاھہ عنات رضوي :

رات ربِاري آئيو، اُني جو اوٺي،
تليون سپ تار ٿيون، سپ جوءِ سٺوٺي،
ڪوءِ ڪانا ۾ ڪوٺي، لڱون لوھہ لهي ويا.

پارڪري بيت :

نجري تہ نيڙڪي رهي، سومون ڏيسي ڍاٽ،
پارڪر پينڍو گهٽو وچ ۾ مارو رهواس،
هُون پل ۾ ڪيتل پاس، پونچي ڏن پوچي ٻڏا.

شاھ عنات رضوي :

اوريون تہ اوري تنهان پريون پارڪر،
وهن ويڙهيچا وچ ۾ سانيڪا سوري،
ڪير تڙيندو تن کي تڙن تان توري،
بخش ٿئي برين کي تہ اچن تڪاٽي توري
اُنيءَ سين اوري، گڏ گڏاريان ڏينهڙا..

پارڪري بيت :

ڏابر ڦاتي ڏار، ميندليئي ميل گهٽو
ماڏو چُوٽو والمو، ڪيڏي ڪوٽ ڪار،
ماتا ميرانڏي ني همير ڏيڏل هار
سبر سرت سنيار، تن سُوباٽي سنيڙ وسي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارڪري بيت :

جڏ همير هيڪل پنڻيو، روجهو پاڙڻ تراس،
ميرانڏي جيواڙيو، همير مونگل هاٿ،
نوني پالڻ پاس، سومير جئي ني سومرا.

پارڪري بيت :

هيڪي ٻاپي ٻينڙي، وهاوي نماڻي نير،
ڪيت سنگا تي ڪيلوا پوجون گوڙي پير،
عمر مارا وير، تني ماڙيچو مناوسي.

—

ماتا ميرانڏي جنمي ٻيني ٻاون وير،
ور سچيلو ڪيتسي ساس مانهيلو سرير
پلو لاگي ڀالاوا رنڻو واري هير،
پوجڻ گوڙي پير، ملير جاوسي مارئي [14].

لطيف سائين:

ڇُرن ڇڻڪن چت ۾، سدا منجهه سرير،
لڏي ڪنهن لوءِ ويا، مارو منجهان ملير،
ويني پوجيان پير، مان ملنم ڪڏهن.

پارڪري بيت :

ڍڙيءَ اوڪوڻو ڍات، پارڪر پلاريو
ڪاوڙ ڀاور ڪونيپو رنڻو واري رات،
ويجليئي پلڪات، ملير ماتي مونڏيا.

پارڪري بيت :

پوتا ڀاور ڏيهه، گاڏر ٻاڪر گوتيا،
ڍاٻا جئي ني ڍاريا سميري ساٿ سنيهه،
لووڙيارو ويهه، سالي موني سومرا.

---

[14] هي بيت مقالي ۾ شامل نہ آهي. مون ڪي پارڪر جي سگهڙن ٻڌايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارڪري بيت :

ڪاوڙ ۾ ڪميا نهين پوتا پاور ڏيھ،
وريا ويري جھونپ ٿي والا امر وديھ،
جڏ جاڏا وونا ميھ، پالاوا پيڙا ٿيا.

پارڪري بيت :

امي رباري جات، بيتي بيجو نَو ڪري،
ڦوگي ڦاٿل ڍول ٽيوي، ويري وڏاوي وات،
ايني لمٽي لاگي لات، همير پوتر سومرا.

پارڪري بيت :

ميڙي ٻاڏي مارئي ڍلتون ڏيسي ڍات،
ٿورو تر نجري پڙي، پرو پارڪر پرڪات،
رنٽو راري رات، من يلو لاگي پالا واو.

پارڪري بيت :

ليجڙ ڪيجڙ جار، ڦوگڙ ڪونيت موريا،
لوني لونپ پاور گھٽي، ڪاوڙ ڪڙ هنٻار،
مليَر ڏوري بيھٽو، پالاوا پر واڙ
پاڪي پاروٽي جوار، جھاجھا تاتا تميري

پارڪري بيت :

ماتا ميرانڏي جٽي ست ورتا ساٻاس،
پالڻ پوسي پريم سون، پالاواو رهواس
ڪيتل پايا ورتٽي من ۾ پوري آس،
ڦولون پوتر واس، موتيون مونگھي مارئي[15].

موهن لال موجب لفظ 'ڏيھاءِ'ڪي پتائي سائين گھٽڻ هنڌن تي

[15] هي بيت مقالي ۾ شامل نہ آهي. مون ڪي پارڪر جي سگھڙن ٻڌايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳايو آهي. جنهن جي معنيٰ ڏيهي آهي. ٿرپارڪر ۾ ڏيهاءِ لفظ اسم خاص ۾ رٻارين جي لاءِ استمال ٿيندو آيو آهي. لاکو ڦلاڻي سونل رٻارڻ جي بطن مان ٿيو هو. ڪي راوي انهيءَ دستور مارئي کي لاکي جي ڀيڻ ٻه ڪوٺين ٿا'. جڏهن تہ رٻاري قبيلي تي تحقيق ڪندڙن موجب رٻاري لفظ 'رهباري' مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ ٻاهريون آهي.

انهن پارڪري بيتن ۾ چيل آهي تہ همير جڏهن شڪار تي نڪتو هو. تڏهن اڄ سبب بيهوش ٿي ڪريو هو. مارئي جي ماءُ ميرانڏي همير جي سار لهي جياريو هو. انهي موقعي تي همير ميرانڏي کي هار تحفي طور ڏنو هو.

ڪجهہ راين موجب چيو وڃي ٿو تہ اهو همير سومرو مهاتم طور وارو بادشاه هو جنهن ڪيسر مڪواڻي کان ڪيرتي جو گڊ کسيو هو. ڊاڪٽر عبدالعزيز مارئي جي قصي سان لاڳاپيل سومرا دور جو آخري حڪمران هميرسومرو ۽ عمر همير جو پائيتو محمد جو پٽ ڄاڻائي ٿو. پارڪري بيتن ۾ عمر کي همير جو پٽ چيو ويو آهي. ممڪن آهي تہ همير محمد جي پٽ کي پٽيلو ڪري پاليو هجي.

انهن پارڪري بيتن ۾ ”ويڙهيجهپ“ جو ذڪر اچي ٿو. پٽ ڏٽي بہ ويڙهيجهپ کي ڳايو آهي. پٺائي جي ”ڪاروڙيان ڪٽي ويڙهيجهپ ويا“ واري بيت جي آڌار معمور يوسفاڻي مارئي جو ماڳ ڪاروڙو هجڻ واري راءِ پيش ڪئي هئي. ڪاروڙي جي پراڻن آثارن وٽ هڪ کوهہ جا نشان آهن. جنهن کي ڊاڪٽر عبدالعزيز موجب پٺائي جو پارڪو ولي محمد ڪنڀار مارئي جي قصي سان منسوب ڪندو هو. ويڙهي جهپ ۾ راول فقير ۽ پاربرهم فقير جا آستان آهن. هڪ راءِ موجب چيو وڃي ٿو تہ هي بيت پٽ ڏٽي راول فقير ۽ پاربرهم فقير جي لاءِ چيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راول فقير جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هُو ڳوٺ ڪوروڙي ۾ رهندو هو. پٽائي هُن سان هڪ ڀيرو ڪوروڙي ۾ مليو هو. ٻيهر جڏهن پٽائي هن سان ملڻ آيو هو، تڏهن راول فقير هن فاني دنيا کي الوداع ڪري چڪو هو. ڳوٺ 'ڪوروڙي' جو قبرستان ويڙهي جهپ ۾ آهي. پاربرهم فقير ڳوٺ ڪاروڙي نڪر ۾ رهندو هو. پاربرهم فقير مهڪڻ فقير جو چيلو هو. چون ٿا تہ پٽ ڌڻي بہ هن ڪڇي شاعر سنت مهڪڻ فقير وٽ ڪاڇيل جي پٽ واري تڪئي تي ويدانت جي چاڻ ۽ جوڳ وڌيا سکيا ورتي هئي. پٽ ڌڻي پاربرهم فقير سان ملڻ جي لاءِ جڏهن ڪاروڙي آيو هو تہ انهيءَ ڪان اڳ ۾ پاربرهم سماڌي ونئي چڏي هئي. پٽائي سائين سُر رامڪلي ۾ راول کي ڳائيندي چيو آهي تہ :

راول رهي نہ رات جيڏيون،

منهنجو راول رهي....

ڪو نہ ڪريندي ڪانڌ ري،

وهاڻي پرڀات .

منهنجو راول رهي...

مت نہ معذورن جا،

ڪا جا جوڳي ذات،

منهنجو راول رهي.....

لڳم لاهوتين جو

منجهان ڪينر ڪات،

منهنجو راول رهي....

هڪ راءِ موجب راول جوڳين ۽ سامين جو هڪ پد بہ آهي. ممڪن آهي تہ پٽ ڌڻي راول جي تذڪري ۾ انهي پد وارن سامين کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳايو هجي. وڏيڪ ڇنڊڇاڻ جي ضرورت آهي. لطيف سائين چوي ٿو تہ :

پوڃا ڪار م پاڻ ڪي، جوڳي رکج جوڳ،
خلق خادم جئن ڪرين، ايءُ راول وڏو روڳ،
ڀڳن ڪونهي ڀوڳ، نانگا وڃن نڱئا.

ڪوي بانڪيداس چارڻ جا حب الوطنيءَ جي عظيم ڪردار مارئيءَ متعلق بہ دوها ملن ٿا، هتي هڪ دوهو ڏجي ٿو جنهن ۾ مارئيءَ جو جنم هنڌ 'پالوا' ڏيکاريل آهي :

موتيان اُجلي مارئي، سورج پرنت ساک
پوپت روپ پالواٽي، جيها جڙنت نہ لاک![1]

(مارئي موتين کان بہ اُجري آهي، جنهن جي سونهن جي سورج پڻ شاهدي ڏي ٿو پالوا جي هن سندر روپ جهڙو لکن ۾ بہ هڪ نہ هوندو).[16]

ڊاڪٽرعبدالعزيز "تحفہ الڪرام" جو حوالو ڏيندي تلها ۽ تلواڙا جو تذڪرو ڪيو آهي. تلواڙا نئيڙ جو ڳوٺ آهي. ننگرپارڪر جي مشهور سگهڙ سروبي ڊاڍي جي بيان ڪيل روايت مطابق مارئي جو مڱيندو کيت سين يا کيتسي ڏوڏ يا ڏوڏ ذات جو ۽ نئيڙ جي علائقي ۾ جوڌپور لڳ ڳوٺ سانچور جو رهواسي هو.[17]

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ تلها جي معني پٽون لکيو آهي. پر اهو نہ ڄاڻايو آهي تہ ڪهڙي ٻولي ۾ پٽن کي تلها سڏيو وڃي ٿو. تلاءِ

---

[1] بانڪيداس جي ان دوهي سان ملندڙ جلندڙ مفهوم وارو بيت لطيف سائينءَ وٽ بہ ملي ٿو:

پکي ۾ پدمڻي. ڏئي وراڪا وڄ.
جهڙي صورت سج. تهڙي مورت مارئي.

[16] همروٺ ڇتيسي ص

[17] مارئي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لفظ ٻگڙي ”تلها“ تي سگهي ٿو.

لاکو ڦلاڻي تاريخ ۾ هڪ اڻبنگ ڪردار آهي. ان جي ڏيءَ پالڻي جي گهر ڪئين وڌي ٿي؟ شڪار تي ويل همير سومرو شادي ڪري پنهنجي جيون ساٿي کي ملير يا پالوا ۾ ڪيئن ڇڏي اچي ٿو.!؟

ٿر جي طبعي ڀاڱن ۾ سامروٽي ۽ ڪنٺي جو سڏو سنئون نالو ڪٿي پتائي نہ ڳايو آهي. ونگي بابت بہ شاعري نہ ٿي ملي. ممڪن آهي تہ اهي نالا پوءِ رکيا وڃن. مهراڻو پتائي وٽ ”موهر“ آهي. ٿر جي طبعي ڀاڱن جي ماهرن پالوا واري پٽي کي پاٽر سڏيو آهي. ڊاڪٽر عبدالعزيز سامروٽي واري علائقي کي بہ پاٽر جو حصو ڄاڻايو آهي. ڊاڪٽر صاحب موجب انهي علائقي تي سمن جي صاحبي هئي، جيڪا ’ نئيڙ‘ تائين ڦهليل هئي.

مارئي جي قصي کي ريگستاني ٻولينءَ ۾ گهٽ ڳايو ويو آهي. جڏهن تہ ڍولا مارو کي گهڻو ڳايو ويو آهي. ڍولا مارو جي قصي ۾ بہ عمر سومري جو تذڪرو اچي ٿو جنهن ڍولي کان مارو کسڻ جي پوري ڪوشش ڪئي. انهيءَ روايت آڌار ڪن محققن ڍولا مارو ۽ عمر مارئي هڪ قصو لکيو آهي. نامياري ناول نگار ۽ محقق آغا سليم هڪ روايت موجب ڍولا مارو جو تعلق سوٽهڙ ڄاتيءَ سان ڄاڻايو آهي.[18] هڪ لوڪ دوهي ۾ آهي تہ:

کيجڙيو ڍر ڍنڪرو، ڪُونت ڪاچي لوءِ،
هُون ڪاتي ري ڏيوڙي ڍولا مارو محلي هوءِ

(ڪنڍي جي نندي وڻ هينيان، ٻني ۾ جهار هڪلي رهي

[18] ڍولا مارو. آغا سليم. ص. 27. لوڪ ورثہ اشاعت گهر اسلا آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان. ڍولا! آءُ ڪاتي[19] جي ڌيءُ آهيان. مُارو تہ مُحلاتن ۾ رهي ٿي.)[20]

مولانا عزيز الرحمان بهاولپوري پنهنجي ڪتاب ”تاريخ قلعہ مروٽ“ ۾ ڏيکاريو آهي تہ عمر سومرو مروٽ جو حاڪم هو. مارئي کي مروٽ جي قلعي ۾ قيد ڪيو هئائين. مولانا عزيز الرحمان مارئي متعلق هڪ بيت پڻ ڏنو آهي جيڪو ڪيس مروٽ پسگردائي ۾ مليو.

عمر پيچ نہ آنچ، زور ضعيف سان،
هت نہ هوندا هيترا ٻيا درمتي دربان،
ويندا هي فيل فنا ٿي، سڀ نغارا نيشان
قاضي تيندا پاڻ شرع ڪندا سومرا.[21]

مروٽ جو قلعو عمرڪوٽ جي قلعي وانگر مشهور رهيو آهي. جهڙي ريت سنڌي ۾ عمرڪوٽ جي تعريف ڪندي چيو ويندو آهي تہ:

ڪوٽ تہ عمرڪوٽ، ٻيون سڀ ڪوٽڙيون،

اهڙي ريت مروٽ جي قلعي جي لاءِ سرائيڪي ۾ شاعري موجود آهي.

اچا ڪوٽ مروٽ دا، تلي وهي درياھ،
مين مڇلي دريا دي تو بگلا بن ڪي آءِ.

مروٽ جو قلعو هاڪڙي جي ڪناري تي آباد هو. ويهين صديءَ ۾ مروٽ جي قلعي جي پرسان هاڪڙي جي پيٽ مان هڪ مورتي لڌي ويئي. ’هاڪي واهسي هاڪڙو‘ جهڙا دوها سرائيڪي ۾ بہ ملن ٿا. جن ۾ سوڍن جو ذڪر آهي.

هڪڙا وهڻ ٻيي واهسي، نديان وهسن پور،

---

[19] ڪاتي سونهڙ واڍي کي چيو ويندو آهي
[20] ايضا ص 62
[21] اَنا مينهن ملير تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نـ ڇايا نـ جمسي، سوڍا راءِ امير.

—

هڪڙا ڦير پيي وهسي، نديان وهسن پور
نـ ڇايا نـ جمسي سوڍا راءِ امير

انهن ٻنهي دوهن ۾ ٿورو ڦير سان مطلب ساڳيو آهي. ٻيو تـ فني طور بـ قافيي جي ڪمزوري ملي ٿي.

مير حسن لاشاري 30 سيپٽمبر 2006ع تي ڪاوش اخبار ۾ لکيل هڪ خط ۾ لکي ٿو تـ شاهـ عبداللطيف ڀٽائي رح جا پالوا جي متعلق بيت رسالي ۾ تـ نـ آهن، پر پالوا جي پونءِ جي ماڻهن هڪ قيمتي وٿ وانگر سيني سان سانديو رکيا آهن.

چوڏهينءَ چت چڙهيام، ٿورا ٿر ڄاين جا،
پالوا ءِ پاروڙيون، روح اندر رهيام.

—

هن پريوندي پونءِ، مون کي گسن نـ لڳي گس جي،
گوڙ گرياٽون وچ ۾ پالوا سندي پونءِ
جنهن کي ڄارون ٻيون جون، تنهن کي لاهي لوهـ نـ ڇڏيين.

—

پالوا جي پونءِ پلا ڪيئن پلائيان،
ننگ مون ننگيءَ تي، آسر هڙم لاهيان،
تو وٽ سام آهيان، ستي ويندس سومرا.

—

پٽون پلاريون، ڪيئن پلا آن پلايان،
پالوا جي پيٽن سين، ڏاڍا ڏنم ڏينهن،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿان ونا مينهن، موڪل ڏي تہ ملير وڃان.

ٿر جي سگهڙن وٽان ملندڙ بيتن ۾ هي بيت بہ آهن:

اڄ اناوبهين راتڙي وريس ڏانهن وطن،
هيڪل ڪوندي چونچا ڏهوي ويڙهيچا وڃن،
گونگڙي، ڪبڙي، هاڙهو چڏيو پاسي پنهوارن،
هاٺي هڏ هاڙي ڪوهہ ڪريندين، مر گوئي گس پچن،
تن سرتين سنگهارن عمر اڪندي آهيان .

—

پهرين پنهوارن جان، نائي ڪيم نهار،
نڪي مارو موهر ۾، نڪا تڙ تنوار،
لڏي لوءِ چڏي ويا، پٽهاريا پار،
اڌا جا اجهلا، ٿي وجهلان ويرو تار،
سومرا سنگهار، ڏني مون ڏينهن ٿيا.

انهن بيتن ۾ آيل ڳوٺ پالوا جي پير ۾ آهن. ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻي ڪتاب ’لطيفي سير‘ ۾ مارئي جو ڳوٺ پالوا جي پرسان ملير ڄاڻايو آهي. ملير نالي سان ڪا بہ وسندي ٿر ۾ نٿي ملي. ٿر ۾ ملير هڪ قسم جي اوڍاڻي ٿيندي آهي. جنهن تي گهاٽو پرت پريل هوندو آهي. شادي جي حوالي سان مڱڻي جي رسم ادا ڪرڻ وقت اوڍائي ويندي آهي. ملير رنگ جي هڪ ڊڳي بہ ٿيندي آهي. ملير سائي سڪئي خطي کي بہ چئبو آهي. ڀرپور وسڪاري ۾ سائو ٿر ڏسي سانگيڙا چوندا آهن تہ ’ملڪ ملير لڳو پيو آهي.‘ لطيف سائين ملير کي اهڙو سکيو ستابو ڏيکاريو آهي. لطيف سائين جي لفظن ۾ مارئي جي ملير سان تمام گهڻي جذباتي وابستگي آهي.

واجهائي وطن کي ساري ساھہ ڏيان،
هي سر ساڻيھہ سامهون منهنجو نج ميان،
مقامياڻي ماروئين وچي ٿر ٿيان.
مُيائي جيان جي وچي مڙه ملير ڏي،

—

واجهائي وطن کي آءَ جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا ڪج پنوارن پاس،
ساري ڏج سرتيئن، منجهان ولين واس.
ميائي جياس، جي وچي مڙه ملير ڏي،

چيو وڃي ٿو تہ پائر جي ڳوٺ هستڙو چانديا ۾ هڪ ڪنڊي جي وڻ هينيان لطيف سائين چلو ڪڍيو هو. اهو ڪنڊي جو وڻ اڄ بہ موجود آهي.[22]

ناميارو محقق معمور يوسفاڻي مارئي جو تعلق ڪاروڙي سان ڏيکاريو آهي. انهي ڏس ۾ پٽ ڏٺي جو بيت 'ڪاروڙيان ڪٽي ويڙهي جهپ ويا' حوالي طور ڏنو آهي. ٿر ۾ ڪاروڙا گهڻا آهن. انهن ڪاروڙن جي ماڳن، مڪانن کي بہ مارئي متعلق تحقيق ڪندي تذڪري هيٺ آڻڻ گهرجي. شاھہ عنايت 'مير جهپ' کي ڳايو آهي ڇا اها مير جهپ ويڙهي جهپ آهي!؟

پائر پسايو مير جهپ، اي وطن ويڙهيچن،

ڊاڪٽر صاحب جي تحقيق جي آڌار هي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي تہ پتائي هي ڳالھہ ڪهڙي پسمنظر ۾ چئي آهي تہ:

---

[22] ننگرپارڪر جي نوجوان شاعر ساگر خاصخيلي جو ڪچهري ۾ اظهار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاٺڙ پيين ڪير، جي امانت ات وجي،

چاڪاڻ تہ ڊاڪٽر عبدالعزيز تاريخ جي ڪتابن ۾ سگهڙ سياڻن جي سٽايل لوڪ روايتن جي روشني ۾ ڳالهين جو ڳونڍڙو ٻڌندي چارڻ قبيلي، آوڙ ديوي، ڏيول ديوي، مارو آرٽ، جاسل اهير، رٻارين، سومرن حاڪمن، عمرڪوٽ ۾ ٿر جي طبعي پاڳن بابت جامع لکيو آهي. مارئي تي تحقيق ڪندڙ مورخن ۾ شاگردن جي لاءِ نئون رخ اڳيان آندو آهي. اميد آهي تہ پڙهندڙن جي اندر ۾ مارئي متعلق تحقيق ڪرڻ جي لاءِ اتساهہ پيدا ٿيندو.

پڙهندڙ پوري ربت هن ڪتاب کي پڙهي ڊاڪٽر کي پنهنجي راءِ سان نوازين.تيستائين اسان جو قافلو عمرڪوٽ جي ڳلين ۾ گهمي سورهين سترهين صدي ۾ جنم وننڌڙ عمرڪوٽ جي ڏاهي سوامي ديوا چندرا جو گهر ڳولهڻ جي ڪوشش تو ڪري، جنهن جو چيلو مشهور سنت مهامتي جو سرواڻ پراڻ ناٿ ٿيو هو. جنهن جا ’ گرنٿ شري ڪلجم سروپ‘ ۾ 524 سنڌي ٻولي ۾ شعر ملن ٿا.

**پارو مل امراڻي سوٿهڙ**

20 مارچ، 2019

هولي جي شام

چيلهار، ٿرپارڪر

فون نمبر: 03332504520



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

عمر ۽ مارئي جي داستان جي روايتن جي جيڪا سهيڙ هيل تائين ٿي آهي، هيءَ روايت انهيءَ سڄي سهيڙ کان به ٻاهر آهي ته چارڻن ۽ ديوين جو ماحول به ”متن تبڪ تبڪڙا“ کان بلڪل مختلف آهي. نه وري هن روايت ۾ ”جا عمر تو مُلُ عيد“ واريون ڳالهيون آهن نه هيءَ روايت ” ڦُلُ جنين جو قوت“ سان ڪا نسبت رکي ٿي. هِن روايت ۾ ” نُڪا ڪن فيڪون هئي. نڪو لڳ لحم“ وارو لاڳاپو به ڪونهي ته ” الست بربڪم“ به ڪَن تي ڪونه ٿو پوي.

ڊاڪٽر عبدالعزيز جي هيءَ روايت بلڪل نئين نڪور ۽ اَڇُهي آهي جنهن کي ڏيرج ۽ ڌيان سان پڙهي پوءِ ڪا راءِ قائم ڪرڻي پوندي. هو خود به پنهنجي ڳالهه تي پڙ ڪڍي ڪو نه ٿو بيهي ۽ صرف ڳالهه ٿو ڪري انهي سان اختلاف جو حق به پڙهندڙ کي ڏئي ٿو.

محترم تيج سنگهه سولنڪي، ڪاڪو پيرو مل، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، معمور يوسفاڻي، سرڳواسي رائچند هريجن، غلام محمد لاکو ۽ ايم ايچ پنهور صاحب هن موضوع خواهه موضوع سان منسلڪ ٻين عنوانن تي تقريبن حرف آخر جي حد تائين لکي چڪا ۽ هي روايت پوءِ ظاهر ٿي آهي. ضروري آهي ته چارڻن ۽ ديوين جي سماج تي به لکجي ۽ اهو ڪم به ڊاڪٽر عبدالعزيز صاحب کي ئي ڪرڻو پوندو. تڏهن ئي هن محنت جو اصل لاڀ ملندو. نه ته اسان کي صرف بيجل ۽ سمنگ چارڻ جا نالا ياڳو يان سان گڏ اچن. باقي ڪُل خير

مرحوم حاجي ولي محمد ڪنيار جو ترتيب يافته عزيز منهنجي استاد مرحوم عيدل خان ڪنيار جو پائيٽو آهي ۽ مون سان سندس سدائين قرب ۽ محبت جو پائرن جهڙو رشتو قائم آهي. سهڻو، سبيتو ۽ سليقيمند محترم عبدالعزيز پنهنجي تحرير ۾ به سليقي وارو آهي. الله پاڪ کيس اولاد سميت خوش ۽ آباد رکي.

**ڊاڪٽر اسد جمال پلي**

عمرڪوٽ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب پهريون

# ”ڪاروڙو چارڻ“ عمرڪوٽ جا حاڪم ۽ چارڻ ديوبون

### ”ڪاروڙو چارڻ“:

عمرڪوٽ کان اتر طرف نون ڪلوميٽرن جي فاصلي تي ڳوٺ ڪاروڙوچارڻ هاڪڙا وادي جي عروج واري زماني جو مکيہ واپاري مرڪز هو جيڪو وقت جي گردش ۾پنهنجا پراڻا آثار ڇڏي هاڻي هڪ نئين ڳوٺ جي صورت ۾ آباد آهي. اسان وٽ سنڌ ۾ ڪڏهن تاريخ جا پيرا کڻي جديد تحقيق جي اصولن جي روشني ۾ پتو نہ لڳايو ويو آهي تہ موئن جو دڙو ۽ هڙاپا کي اڏيندڙ هنرمند هٿن سنڌو تهذيب جي آثارن ۾ بيا ڪهڙا شهر اڏيا هئا؟ هاڪڙو ۽ پراڻ, سنڌو دريا جا وهڪرا هئا يا ڏار پنهنجي دريائي حيثيت ۾ وهندا هئا!؟ بنهي صورتن ۾ هاڪڙي ۽ پراڻ جي ڪنڌي تي سنڌو تهذيب پروان چڙهي هئي, جنهن جو پرتوو لوڪ قصن, ڪهاڻين ۽ داستانن ۾سموئجي سينہ بہ سينہ (صدري علم )جي ذريعي نسلن ۾ منتقل ٿيندو رهيو آهي.

ڪاروڙي جو ڳوٺ هڪ خوبصورت لينڊ اسڪيپ رکندڙ وادي ۾آباد هو جنهن جي هڪ طرف اتر اولهہ ۾ بيبي منان جي مقبري واري پٽ

جيڪا موجوده ڪاروڙو چارڻ جي پرسان، ڏيول ديوي جي آستان ڪان شروع ٿي، ڪاروڙي سيد ڪان ٿيندي هيرا آباد وٽ اچي ختم ٿئي ٿي. جڏهن تہ ڏکڻ اوڀر ۾ نماڻي شاھ جي درگاھہ واري پٽ جيڪا شو مندر ڪان شروع ٿي، نماڻي شاھ جي درگاه ڪان ٿيندي هيرا آباد وٽ بيبي مٺان جي مقبري واري پٽ سان اچي ملي ٿي.بنهي پٽن جي وچ ۾ نهايت خوبصورت پيٽ جو منظر جڙي ٿو. جنهن جي اولهندي طرف هاڪڙو درياه وهندو هو ڏکڻ ۾ اوڀر طرف ولهار ڍنڍ هوندي هئي. صرف اتر طرف ڪان اڄ وچ لاءِ خشڪي جو رستو هوندو هو. جڏهن تہ ڏکڻ طرف پتڻ ذريعي مختلف ڳوٺن ڏانهن اچ وڃ ٿيندي هئي. اهو بہ هڪ عجيب اتفاق آهي تہ سجي ٿر ۾ پٽون ڏکڻ اولهہ ڪان اتر اوڀر طرف بتدريج اوچائي ۾ وڌنديون وڃن ٿيون ۽ هڪ مخصوص اوچائي تائين پهچڻ ڪانپوءِ عمودي صورت ۾ هڪدم هيٺ اچن ٿيون. جڏهن تہ ڪاروڙي جون هي ٻئي پٽون اتر اوڀر ڪان ڏکڻ اولهہ ڏانهن بتدريج اوچائي ۾ وڌنديون وڃن ٿيون ۽ ڳوٺ هيرا آباد وٽ هنن جو حسين ميلاپ ٿئي ٿو ۽ هڪدم عمودي شڪل ۾ هيٺ اچن ٿيون. ڪاروڙو انهن بنهي پٽن جي وچ ۾شو مندر ڪان وٺي بيبي مٺان جي مقبري تائين پکڙيل هو. جنهن جا آثار اڄ بہ انهي علائقي ۾ جڳهہ جڳهہ تي نظر اچن ٿا. جيڪي نئين زرعي زمينن جي نڪرڻ ۽ مختلف ماڻهن جي پڌ ناهي اچي آباد ٿيڻ جي ڪري، ڏينهون ڏينهن ميسارجي رهيا آهن. انهن کي جيڪڏهن تاريخي نقط نگاھہ سان محفوظ نہ ڪيو ويو تہ ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ ڪوبہ آثار شايد ملي نہ سگهي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




## هاڪڙو، سرسوتي يا گهاگهر هاڪڙو درياه جا وهڪرا

### هاڪڙي جو پراڻو وهڪرو :

ڪاروڙي کان ڏکڻ طرف ولهار ڍنڍ هوندي هئي. جيڪا بارنهن ئي مهينا پاڻي سان ڀريل رهندي هئي. هاڪڙي جو هڪ وهڪرو جيڪو موجوده چور روڊ جي ڀر مان گذرندو هو اهو هن ڍنڍ کي اچي ڀريندو هو. هاڪڙو عمرڪوٽ کان اولهندي طرف موجوده لانبي گرائونڊ منجهان وهي اڳتي ويندو هو.چون ٿا ته هاڪڙي ۾ چاڙهه برسات جي موسم ۾ ايندي هئي پر لانبو بارنهن ئي مهينا ڀريل رهندو هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو وڃي ٿو تہ هاڪڙو عمرڪوٽ کان ٿيندو ڪيجراڙي، جانهيرو ساڏوري، چيل بند، نبي سر ۽ نهٽي کان اولهندي پاسي کان ٽيندو نئون ڪوٽ جي پرسان لنگهي شادي لارج کان هيٺ وڃي پراڻ ۾ ملندو هو ۽ اتان اڳتي بئي گڏجي وڃي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندا هئا. موجوده درگاه نماڻو شاه کان ڏکڻ اوير طرف، ولهار ڍنڍ تي هڪ پتڻ هوندو هو، جنهن جي ذريعي ماڻهو عمرڪوٽ ۽ ٻين علائقن ڏانهن ايندا ۽ ويندا هئا. انهي پتڻ جو ذڪر نالي واري لوڪ شاعر سمنگ چارڻ پنهنجي هڪ شعر ۾ ڪيو آهي:

ڍري ڍوري راءُ، جنهين چارڻ سان ڪاهُ،
پتڻ پٽي جو ٽيو سيج وتايو ساهُ،
هميران پو راهُ، راج نہ ڪندا سومرا.[23]

روينيو رڪارڊ ۾هن وقت بہ انهي علائقي کي ولهار سڏيو وڃي ٿو. ولهار ڍنڍ جي اوير واري پٽ تي ولهار پيل نالي ڳوٺ آباد آهي، جنهن ۾ پيل قبيلي جا ماڻهو رهندا آهن.پٽ ڌڻي فرمايو آهي تہ :

ڪنهين اڇي امرڪوٽ تان، وسايا ولهار،
سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

(سر سارنگ)

دم نہ جيئان ڌرتي تي پنهوارئون پوءِ،
وهڪ پٽ ولهارين ميڙ مارن هوءِ،
روءِ ايي چوءِ، اوني ويا اڪري.

(سر مارئي)

---

[23] مهراڻي جا مور صفحو نمبر 45

## موجوده ڪاروڙو چارڻ :

پراڻي ڳوٺ کان اتر طرف پٽ تي موجوده ڪاروڙو چارڻ آباد آهي لوڪ روايتن موجب هن ڳوٺ کي بہ آباد ٿيڻ کي ڇهہ سو سالن کان مٿي عرصو ٿي چڪو آهي. موجوده ڳوٺ ڪاروڙي چارڻ جا بہ زميندار چارڻ آهن. چارڻن سان گڏ ٻين قبيلن ۾ ڪنڀار،مڱڻهار، ٻاوا، سوٿهڙ، گرڙا، ميگهواڙ سيد، ساند، مڱريا، ڀيل، اوڏ ۽ ٻجير پڻ آباد آهن.

## ڳوٺ ڪاروڙي چارڻ جو ڦٽڻ :

لوڪ روايتن مطابق هي ڳوٺ بہ دفعا ڦٽو آهي. ڀهريون ڀيرو همير سومري جي حڪومت دوران جڏهن سومرن چارڻن کي تنگ ڪري لڏڻ تي مجبور ڪيو. ڪاروڙي جي ڦٽڻ جي هن واقعي کي تحقيق جي سامهون ۾ توريندي ڏهن ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي جي سورمي مارئي جو ڪردار ڪر ڪٽي ٿو تہ ڀٽائي جي رسالي ۾ موجود مارئي ۽ آوڙ جي داستان جو نہ صرف درد ساڳيو آهي پر وارتا جون واٽون ڪيترن هنڌن تي پاڻ ۾ ملي پڙهندڙ/ ٻڌندڙ کي محسوس ڪرائين ٿيون تہ مارئي جي مورت آوڙ جي ڪٿا ۾ ملي ٿي.

ٻيو ڀيرو ڪاروڙو تڏهن اجڙيو جڏهن سوڍن جي صاحبي دوران ڪاروڙي جي ماڻهن تي زبردستي ٽيڪس مڙهيو ويو. انهي کان اڳ ۾ ڪاروڙي ۾ رهندڙ ماڻهن تي ڪنهن بہ قسم جو ٽئڪس لاڳو نہ هوندو هو. چاڪاڻ تہ ڪاروڙو سوڍن عمرڪوٽ جي فتح وقت جنف چارڻ کي معافي طور ڏنو هو. صدين کان طئہ ٿيل راجپوتي اصول هو تہ چارڻن جي ساسڻ جاگير ۾ ڪو بہ راجا مداخلت نہ ڪندو. چارڻن پنهنجي روايت ۾ هي ريت قائم رکي هئي تہ ڪاروڙي ۾ رهندڙ ڪنهن بہ ماڻهو کان ڏِل وغيره جي اوڳاڙي نہ ڪئي ويندي.

چارڻن جي اولي ۾ رهندڙ رعيت کي ڪير تنگ بہ نہ ڪندو هو. چارڻ عام لوڪ جو پرجهلو هوندا هئا. انهن ڳالهين جي نتيجي ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاروڙو چارڻ ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. هڪڙو دور اهڙو آيو جو ڪاروڙو عمرڪوٽ کان به وڏو مرڪز بڻجي ويو. اها ڳالهه وقت جي سوڍي حاڪم کي نه وڻي. سوڍي صاحب ڪاروڙي ۾ رهندڙ چارڻن کان سواءِ ٻين جاتين کان ٽئڪس اوڳاڙي جو اعلان ڪيو. عام لوڪ جي رڙين تي ڪاروڙي جا چارڻ سوڍن وٽ هلي ويا . ٽئڪس جي معافي جي لاءِ منٿ ميڙ ڪيائون پر سوڍن هڪ به نه مڃي.

چارڻ سوڍي جي محل جي اڳيان احتجاج طور ويهي رهيا. لاڳيتو ٽن ڏينهن جي احتجاج باوجود ڪجهه نه وريو ته چارڻياڻي ساهو سوڍي حاڪم جي گهر اڳيان احتجاجن ستي[24] چڙهي ۽ ٻين چارڻن سوڍن جو پاڻي نه پيئڻ جو قسم کڻندي اپيو[25] وٺي ڪاروڙي جو ڳوٺ خالي ڪيو.

چون ٿا ته ساهو چارڻياڻي ستي چڙهندي راڻي کي سراپ ڏنو. ستي جي سراپ (بد دعا) سبب سوڍن ۾ روڳ ۽ موت اچي منهن ڪڍيو. نيٺ مجبور ٿي سوڍا ڪاروڙي جي چارڻن کي سرچائڻ جي لاءِ ڪوششون وٺڻ لڳا. وڏين ڪوشش باوجود ڪاروڙي جي چارڻن کي راضي نه ڪري سگهيا .

نيٺ ڪجهه وقت کان پوءِ منڙيو چارڻ جي ڪجهه چارڻن کي آماده ڪيو ته هو سوڍن جي گهر هلي اپيو واپس وٺن. انهن چارڻن سوڍن جي گهر اچي چارڻن جي کنيل قسم کي واپس ورتو. چون ٿا ته ستي جي سراپ جو اثر انهن چارڻن تي پيو .جنهن جي نتيجي ۾ انهن چارڻن جو گهر تباهه ٿي ويو ائين سوڍن تان ڏرت ٽري چارڻن تي پيئي. وقت گذرڻ تي سوڍا چارڻن جي من گهرين شرطن تي ڪاروڙي جي چارڻن کي واپس وٺي آيا. پيهر ڪاروڙو وسڻ لڳو.

---

[24] احتجاجن ستي چڙهڻ کي جهمر ٻرڻ به سڏيو ويندو آهي.
[25] سماجي لاتعلقي اختيار ڪرڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عمرڪوٽ ۾ عمرڪوٽ جا سومرا حاڪم

تاريخ جي مختلف ڪتابن موجب عمرڪوٽ تي سومرن جي ٽن حڪمرانن حڪومت ڪئي جن جو احوال هيٺئين ريت آهي .

1.عمر پهريون :-1332ع ۾ هڪ ته خلجين جي گجرات ۾ مقرر ٿيل گورنر ظفر علي خان سنڌ تي ڪاهه ڪئي جنهن دوران سومرن جو وڏو نقصان ٿيو ۽ ٻيو ته سنڌو درياه ۾ طغياني آئي ۽ درياه پنهنجو رخ بدلايو ته سومرن وڳهه ڪوٽ ڇڏي اچي نئون شهر آباد ڪيو جنهن تي عمر سومري جي ڪري نالو عمرڪوٽ پئجي ويو. اهڙي شاهدي محترم پروفيسر شڪتيڏان چارڻ جي هندي ۾لکيل ڪتاب "سوڍائڻ"۾ پڻ ملي ٿي.پروفيسر شڪتيڏان عمر ڪوٽ سومرن جو آباد ڪيل شهر ڄاڻائي ٿو.[26] شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب "قديم سنڌ: ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" ۾ عمرڪوٽ عمر سومري جو آباد ڪيل ڄاڻائي ٿو.[27] ٿر جي نوجوان ليکڪ ۽ شاعر محترم پارومل امراڻي جي سهيڙيل ڪتاب "همروٽ ڇتيسي" ۾ ريگستاني ڪوي بانڪيداس چارڻ جا دوها پڻ ان ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿا ته، عمرڪوٽ عمر سومري جو اڏايل آهي.

شهر وسايو سومري، امرڪوٽ ڪهرايہ.
ڪهجي امرڪوٽ تي، سوڍان ليڌر آيہ .[28]

(امرڪوٽ جو شهر سومري حاڪم وسايو ۽ امرڪوٽ سڏجڻ لڳو. سوڍن ملڪ جي مشهور شهر کي پنهنجي قبضي ۾ ورتو.)[29]

---

[26] سوڍائڻ ص 26
[27] قديم سنڌ. ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو ص 82, 246
[28] ٿري ٻولي ۾ع کي الف جي اچار طور پڙهيو آهي.
[29] لفظ عمر ڪوٽ ريگستاني ٻولي امرڪوٽ لکيو ويو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمر هتو دوسرو، هونتو نام همير،
تنهه همروٽ ڪهاوهي، سک ڪرنير سمير.

(عمر ٻيو بادشاهه هو جنهن جو نالو همير پڻ هو اُن ڪري امرڪوٽ هميرڪوٽ يا همروٽ سڏجي ٿو. هي شهر سک جو ساگر آهي.) [30]

هتي عمر ٻئي کي همير پڻ چيو ويو آهي. حالانڪ همير سومرن جو آخري حڪمران آهي ۽ سوڍن جو پهريون حڪمران پڻ همير ئي آهي. ساڳئي غلط فهمي جرمن ليکڪامحترمه جنيٽ ڪيمفرتس کي به ٿي آهي محترمه پنهنجي ڪتاب "ان دي پريز آف ڊيٿ" ۾ عمر ۽ همير کي ساڳيو ماڻهو ڄاڻائيندي چوي ٿي ته "عمر پهرين هندو امر هو ۽ مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ همير چورائي ٿو"[31] ليکڪا انهي راءِ کي سگهه ڏيڻ جي لاءِ مضبوط حوالا ڏيئي نه سگهي آهي. انهي ڪري تاريخ جو شاگرد مڃڻ جي لاءِ تيار ٿي نٿو سگهي. محترم شڪتيڏان چارڻ پنهنجي ڪتاب سوڍائڻ ۾ عمرڪوٽ جي راڻن جي جيڪا فهرست ڏني آهي ان ۾ به ڪوبه امر نالي جو حڪمران ڪونه ٿيو آهي. هڪڙو پراڻو چند 'نوڪوٽي مارواڙ' جي حوالي سان ملي ٿو جنهن ۾ پڻ جوڳراج پرمار کي ڊاٽ جي ڌرتي ورهاست ۾ آئي آهي. پر عمرڪوٽ جو ذڪر نه آهي.[32]

عمرڪوٽ مان ڪي به اهڙا آثار ڪونه مليا آهن جن مان اهو ظاهر ٿئي ته عمرڪوٽ سومرن جي دور کان گهڻو اڳ جو آباد ٿيل هجي.

---

[30] همروٽ چتيسي ص 61

[31] ان دي پريز آف ڊيٿ ص 243

[32] هڪ راءِ موجب امر پرمار هو عمرڪوٽ تي پرمارن جي حاڪميت جي حوالي هن وقت تائين ڪو مستند تاريخي ڪتاب اچي نه سگهيو آهي. هڪ چند جي بنياد تي پرمارن جي بادشاهي جي تاريخ جڙي نٿي سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

2. **پونگر ٽيون** :- جيڪو عمر ٻئي کان پوءِ گادي تي ويٺو پر ڪيترو وقت حڪومت ڪيائين انهي جي خبر نٿي پوي. مختلف تاريخي ڪتابن ۾ سن لکيل آهن پر اهي اعتبار جوڳا ڪونہ ٿا چئي سگهجن.

3. **حمير سومرو** : جيڪو سومرا دور جو آخري حڪمران هو. سندس حڪومت 1351ع ۾ پڄاڻي تي پهتي ۽ اهڙي طرح سومرن جي تقريبن 300 سئو سالا دور جي پڄاڻي ٿي.

سومرن جي مختلف حاڪمن جا نالا ۽ حڪمراني جا سال محترم ايم.ايڇ پنهور جي ڪتاب 'تصوير سنڌ' ۾ هن ريت ڏنل آهن [33]

| نمبر | بادشاهہ جو نالو | عيسوي سن |
|---|---|---|
| 1 | جنف پهريون | 1011 کان 1026 |
| 2 | سومار | 1027 کان 1055 |
| 3 | پونگر پهريون | 1055 کان 1068 |
| 4 | دودو پهريون | 1069 کان 1092 |
| 5 | زينب تاري (دودي جي ڀيڻ) | 1092 کان 1098 |
| 6 | سنگهار | 1098 کان 1106 |
| 7 | خفيف ٻيون (سنگهار جو سالو) | 1107 کان 1141 |
| 8 | عمر پهريون (خفيف ٻئين جو پٽ) | 1141 کان 1180 |
| 9 | دودو ٻيون | 1181 کان 1194 |
| 10 | پونگر ٻيون (دودي پهرين جو پونير) | 1194 کان 1222 |
| 11 | چنيسر پهريون | 1222 کان 1228 |

33 تصوير سنڌ ص 31


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 12 | گڙهيرو پهريون | 1228 کان 1236 |
| 13 | چنيسر پهريون ڀيهر | 1237کان؟ |
| 14 | گڙهيرو پهريون ڀيهر | ؟ کان 1241 |
| 15 | تور (محمد تور گڙهيري پهرين جو پٽ) | 1242کان 1256 |
| 16 | گڙهيرو ٻيون | 1256 کان 1259 |
| 17 | دودو ٽيون (گڙهيري ٻي جو پٽ) | 1259کان 1273 |
| 18 | طائي (دودي ٽئين جو پٽ) | 1274کان1283 |
| 19 | چنيسر ٻيون | 1284کان 1300 |
| 20 | پونگر ٽيون | 1301کان 1315 |
| 21 | خفيف ٽيون | 1315 کان 1332 |
| 22 | دودو چوٿون | 1333کان 1350 |
| 23 | عمر ٻيون | |
| 24 | پونگر چوٿون | |
| 25 | همير (دودو) | 1350کان 1352 |

## چارڻ ديوبون

چارڻن ۾ ڪيترين ئي ديوين ٽي گذريون آهن چون ٿا نندي ڪنڊ ۾ هڪ اندازي موجب 900,000 ( نو لک )کان مٿي چارڻ ديوبون ٿيون آهن. جن جا مختلف جاين تي مندر يا آستان موجود آهن. چارڻن جو مڃڻ آهي ته. چارڻ ديوين کي شڪتي درگا ديوي کان مليي ۽ خود چارڻن ۾ سڀ کان پهرين ديوي هنگلاج ديوي کي مڃيو وڃي ٿو. ٻئي نمبر تي آوڙ ديوي ٽئين نمبر تي ڪارني ديوي ۽ چوٿين نمبر تي ڏيول ديوي کي مڃيو وڃي ٿو. چارڻ ديوين ۾ شڪتي به ٻن قسمن جي مڃي

وڃي ٿي. پهرين کي ”پورن شڪتي“ چوندا آهن. اهڙي ديوي کي مڪمل طاقت يا اختيار مليل هوندا آهن ۽ هو پنهنجي شڪتي جي آڌار ڪيترو به معجزو ڏيکاري سگهي ٿي. ٻئي قسم جي جي شڪتي کي ”نيمتي شڪتي“ چوندا آهن جنهن موجب هن ديوي وٽ محدود اختيار هوندا آهن. هڪڙي محدود دائري ۾ هن جا معجزا هوندا آهن. هنگلاج ديوي ۽ آوڙ ديوي کي ”پورن شڪتي“ مليل آهي، جڏهن ته ڪارني، ڏيول ۽ ٻين ديوين وٽ نيمتي شڪتي آهي. 34

**آوڙ ديوي** :۔محترمہ جنيٽ ڪيمفرنس پنهنجي ڪتاب ”ان دي پريز آف ڊيٿ“ ۾ آوڙ ديوي جو ذڪر هيئين ريت ڪري ٿي: ’آوڙ ديوي هنگلاج ديوي کانپوءِ ٻئي نمبر تي پورن اوتار ديوي آهي. آوڙ جو تعلق چارڻن جي ماڌو يا ساواني پاڙي سان هو. هي دبوي 831ع ۾ راجستان جي هڪ ڳوٺ چالڪنائو ۾ پيدا ٿي. ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هي ديوي شوراسٽر جي ڳوٺ ولاپي ۾ پيدا ٿي. سندس مڃيندڙ ڪجهہ ماڻهن جو خيال آهي تہ هي نانگ ديوتا جي ڌي آهي. ڪجهہ ماڻهن جو هي مڃڻ بہ آهي تہ هن ديوي کي شڪتي پاروتي ديوي کان ملي آهي.[35]

هي ديوي مختلف جاين تي مختلف نالن سان پوڄي وبندي آهي. جئين ڳوٺ چالڪنا ۾ ”چالڪنائو ديوي“ جي نالي سان پوڄي وبندي آهي. ڪجهہ مندرن ۾ ”ساواني ديوي ”جي نالي سان پڻ پوڄي وڃي ٿي. ڳوٺ تمرائي ۾ نهايت خوبصورت مندر آهي جتي هن ديوي ۽ سندس پيٽن جي پوڄا ”تمرائي ديوي“ جي نالي سان ڪئي وبندي آهي. جيسلمير ويجهو آوڙ ديوي جو مندر ”ڪالي دمگر“ جي نالي سان

---

[34] ان دي پريز آف ديث ص.....

[35] ان دي پريز آف ديث ص 231



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجود آهي. ڪجهه ماڻهو ڪيس ”ناٽ يوگني“ جي نالي سان پوڄين ٿا.ڪي وري ڪيس ”ڪتياني ديوي“ جي نالي سان پوڄين ٿا. مهاراجه جئسنگ رائوڙ بيڪانير ۾هڪ بهترين مندر آوڙ ديوي جي نالي سان ٺهرايو آهي. جئيپور ۾ آوڙ جي پوڄا ”نانگ نيچي“ جي نالي سان ڪئي ويندي آهي. جوڌپور جيسلمير روڊ تي آوڙ ديوي جي پوڄا ”ڀدريائي“ نالي سان ڪئي ويندي آهي. ڳوٺ پاٻوسر ۾ پڻ تمرائي ديوي جو مندر موجود آهي.

ٿرپارڪر جي شهر چيلهار ۾ آوڙ ديوي جو آستان ٺهيل آهي.جتي هر سال ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. چيلي چارڻ آوڙ کي وينتي ڪندي چيلهار جي لاءِ دعا گهري آهي:

آيل جگ چار، چيلهاڻو ايو رکي،
آوڙ تانهنجي آڌار، سک وسين سانگيڙا.

## آوڙ ديوي جو داستان:

سوڍائڻ جو مصنف پروفيسر شڪتيڏان آوڙ ديوي جو قصو عمر ڀهرين سان جاڙائي ٿو.پارومل امراڻي بہ پنهنجي ڪتاب چتر ٻولي چارڻان ۾ سوڍائڻ جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ آوڙ جو قصو عمر سومرو ڀهريون سان لاڳاپيل آهي. پارومل مطابق تاريخ جي ڪتابن ۾ آوڙ جو جنم 813ع جاڻايو ويو آهي جڏهن تہ آوڙ جي جنم سال جي حوالي سان چارڻي شاعري ۾ بہ رايا ملن ٿا. هڪ راءِ شريمان ڏانجي ڪويءَ جي آهي، جنهن جي دوهي موجب وڪرمي سنبت 888 ۾ آوڙ جو جنم ٿيو هو.

سال ائياسي مين سٽي آٺو سنبت انوپ،
آوڙ جگ ۾ اُتري شري هنگلاج سروپ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(سنبت 888 ۾ آوڙ ديوي هن جهان ۾ هنگلاج جي اوتار طور جنم ورتو)

ٻي راءِ هڪ پراچين دوهي مان ملي ٿي، جنهن موجب سنبت 838 وڪرمي چيٽ جي نائين تاريخ چنڇر جي ڏينهن مامڙ چارڻ جي گهر ۾ آوڙ جنم ورتو.

آٺي اڙتيسي سنبت مڌو سد نام شني وار،
مهامايا مامڙ گهري آوڙ ليا اوتار.

(سنبت 838 وڪرمي ۾ چيٽ جي نائين تاريخ چنڇر ڏينهن مامر چارڻ جي گهر ۾ آوڙ ديوي اوتار ورتو.)[36]

ڪتاب"هسٽري آف ڪانياواڙ" جي مصنف ڪئپٽن. ايڇ. ولبرفورس بيل پوليٽيڪل ايجنٽ سورت ۽ سوڊائڻ جي مصنف پروفيسر شڪتيڏان چارڻ مطابق آوڙ ديوي جي ڳوٺ جو نالو ولا آهي جيڪو ڪانياواڙ جي علائقي ۾ آهي.

ڪجهه هندي روايتن ۾ آوڙ ديوي جي قصي ۾ عدن/ادن سومري جو ذڪر آهي. جيڪو ننگڏ جو راجا هو.پر اهو ننگڏ ڪٿي آهي؟ ان بابت پختا آثار نہ ملي سگهيا آهن.

محترمہ جنيٽ ڪيمفرنس پنهنجي ڪتاب "ان دي پريز آف ڊيٿ" جي صفحي نمبر 242 تي آوڙ ۽ همير سومري جو داستان بيان ڪري ٿي.جنيٽ مطابق آوڙ جي حوالي سان ڪيترين ڪهاڻيون ملن ٿيون. جن جو هڪ ٻئي سان ربط نٿو جڙي. هڪ روايت موجب آوڙ ٻاڙمير ويجهو چالڪنائو ڳوٺ ۾جنم ٿيو. تہ ٻي روايت ۾ شوراسٽر جي علائقي ۾ ولاڀي ڳوٺ ۾ آوڙ جنم ورتو.

---

[36] چتر ٻولي چارڻان ص 46



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏڪار جي صورت ۾ آوڙ لڏي سنڌ ۾ اچي ٿي جتي همير سومرو ڪيس ڏسي مٿس موهت ٿي پوي ٿو. همير پاران سڱ گهرڻ تي آوڙ ڪاوڙ ۾ اچي لڏي ٿمرائي ڳوٺ وڃي ٿي. جيسلمير ڏانهن ويندي رستي ۾ پنهنجو پيل خدمتگار همير ڏانهن موڪلي ٿي ۽ سندس سر ونڻ جو سنديش ڏئي ٿي. پنهنجي خاندان کي ٿمرائي ۾ ڇڏي پاڻ جيسلمير جي ڀاٽين ۽ سماسٽا جي سمن کان مدد وٺي سومرن تي چڙهائي ڪري ٿي جنهن جي نتيجي ۾همير سومري جي حڪومت جو خاتمو اچي ٿو. ٿرپارڪر ڀاٽين جي حوالي ٿيو ۽ باقي سنڌ تي سمن سلطنت قائم ڪئي.

ساڳئي ڪتاب جي صفحي نمبر 250 تي آوڙ ديوي متعلق بحث ڪندي جنيت لکي ٿي تہ نائين صدي عيسوي ۾ جنم وٺندڙ آوڙ تيرنهين صدي جي همير سومري سان جهيڙو ڪيئن ڪري سگهي ٿي؟

تحقيق طلب ڳالهہ اها آهي تہ نائين صدي جي آوڙ ديوي ۽ چوڏهين صدي واري آوڙ جي قصن جو پاڻ ۾ ميلاپ ڪيئن ٿيو آهي؟ چوڏهين صدي واري آوڙ جي زندگي بابت ڄاڻ گم آهي.يا نائين صدي جي آوڙ ديوي جي جيون چريتر بابت تحقيق اڌوري آهي اها ڳالهہ بہ چندڄاڻ گهري ٿي تہ نائين صدي ۾ ٿر جي طبعي ڀاڱن ڍاٽ ۽ مهراڻي تي ڪنهن جي حاڪميت هئي؟ ٿرپارڪر تي ڀاٽين جي حاڪميت رهي يا نہ؟چارڻن ڪهڙي واقعي جي ڪري سومرن جو اپيو (سماجي بائيڪاٽ ڪرڻ ) ورتو. جيڪو ٿر ۽ عمرڪوٽ جي پاسي هن وقت تائين هلندو اچي.

نائين صدي ۾ سنڌ تي سومرن جي صاحبي جو ڪو بہ نالو نشان نٿو ملي. 'تصوير سنڌ' مطابق سنڌ ۾ خفيف پهريون سومرو حاڪم آهي. جنهن جو دور 1011 کان شروع ٿئي ٿو.ايم ايچ پنهور مطابق عمر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نائين صدي جي آوڙ ديوي جي ڪهاڻي جي متعلق لوڪ روايتن ۾ وڏيڪ چيو وڃي ٿوتہ ولا ڳوٺ ۾ مارو چارڻ جي شاخ سائوا جو هڪ چارڻ مامڙ ولد ماوا رهندو هو. ان جي گهر ستن نياڻين جو جنم ٿيو جن جا نالا آوڙ آچي، چاچي، هلو روپلي، گهلي ۽ لانگهي يا ڪوريار هئا. مامڙ جي علائقي ۾ اچي ڏڪار پيو نتيجي ۾ مامڙ پنهنجي ننڍي چوڪري ڪوريار کي ڳوٺ ۾ ڇڏي باقي ڇهہ نياڻيون، زال ۽ چوپايو مال ساڻ ڪري سنڌ جي ڳوٺ چالنڪا ۾ اچي رهڻ لڳو. انهي ڳوٺ جو ڪو پتو نہ پئجي سگهيو آهي.

چون ٿا تہ اهو ڳوٺ ساماري پرسان موجوده يونين ڪائونسل سنتڙيون ۾ هو. موجوده صالح پنيرو اسٽيشن کان اوپر طرف سنتڙين جو دڙو موجود آهي ممڪن آهي تہ اتي اچي مامڙ ديرو ڄمايو هجي. لوڪ روايتن موجب مامڙ جون ڇهہ ئي ڌيئرون حسن ۾ سيني کان سرس هيون ۽ سندن حسن جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ پکڙجي ويئي.

چون ٿا تہ سومرن چارڻ کان آوڙ ديوي جو سڱ گهريو. چارڻ اهو چئي انڪار ڪيو تہ اسان ڏارين قبيلن ۾ سڱ نہ ڏيندا آهيون ۽ نہ ئي وٺندا آهيون. اها رسم چارڻن ۾ اڄ ڏينهن تائين هلندي اچي. اهڙو جواب ملڻ تي سومرن چارڻ کي مختلف حيلن ۽ بهانن سان تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. اها خبر جڏهن ڪاروڙي چارڻ ۽ آسپاس جي چارڻن کي پئي تہ انهن کي ڏاڍو ڏک پهتو. مامڙ چارڻ بہ ساماري واري علائقي کان لڏي اچي ڳوٺ رباريو ۾ رهيو.

داستان گو چون ٿا تہ وقت جي حاڪم همير سومري مقامي چارڻن تي تمام گهڻو زور پريو تہ آوڙ جوسڱ ڪيس ڏنو وڃي پر انهن سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. نيٺ چارڻن جي ڳوٺن جو گهيرو تنگ ڪيو ويو. ڳوٺن ڏانهن اچڻ وڃڻ جا رستا بند ڪيا ويا. جنهن جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪر ڪوي سمنگ پنھنجي ھڪ شعر ۾ پڻ ڪيو آھي.

ڏري ڏوري راءِ، جنھين چارڻ سان ڪاھُ،

پتڻ پٽي جو ٿيو سيج وتايو ساھُ،

ھميران پو راھُ، راج نہ ڪندا سومرا.[37]

ولھار ڏنڍ تي جيڪا پتڻ ھئي ان تي پھرو بيھاريو ويو. سڄي علائقي ۾ جاسوس موڪليا ويا جيڪي پل پل جي خبر حمير ۽ عمر سومري کي آڻي ڏيندا ھئا.

چارڻن جي حويلي موجوده نماڻي شاھ جي درگاھ کان اتر طرف ۽ ربو شاھ جي درگاھ کان اپرندي طرف ھئي. جنھن جا نشان زمينون آباد ٿيڻ ڪري ميسارجي ويا آھن. مقامي چارڻن کي پتو ھو تہ سندن مقابلو وقت جي حاڪم سان آھي. پر انھن پرواھ نہ ڪئي ۽ مامڙ چارڻ جو ڀرپور ساٿ ڏنو.

ڪجھ ماڻھن جو چوڻ آھي تہ سومرن چارڻن کي تاريخ ڏني تہ اسان فلاڻي تاريخ ڄڃ وٺي ايندا سين. پر مقرر تاريخ تي جڏھن سومرن جي ڄڃ پھتي تہ آوڙ ديوي جي بد دعا تي چاڄين مٿان اڇي نانگ ڪريا جنھن سان چاڄين ۾ اڇي ٻاچ پئي. سڱ سڱ جي جاءِ رھيو، سومرو ڳوليو نہ لڀي.38

ھڪڙي راءِ اھا آھي تہ سومرن ڇھن ئي ڀيڻن جا سڱ گھريا جنھن تي مامڙ چاليھہ ڏينھن جي مھلت گھري اڇي شو مندر تي ڪاٺڻ ٻيئڻ چڙي نراس چلو ڪاٽيو. ڀيءُ جي اھڙي حالت ڏسي آوڙ ۽ سندس ڀيڻن بہ پنھنجي ٻنٽ مطابق ورت رکي پوڃا شروع ڪئي. چاليھہ ڏينھن پورا ٿيڻ تي جڏھن سومرا ڄڃ وٺي آيا تہ آوڙ جي

---

[37] مھراڻي جا مور، معمور يوسفاڻي، ص 45

[38] ھي روايت قصن ۾ نائين صدي جي آوڙ سان آھي پر لڳي ٿو تہ اھا چوڏھين صدي جي آوڙ جي ڳالھہ آھي.

شڪتي معجزا ڏيکاريا. آوڙ ۽ سندس پيٽون وٽن تي چڙهي ويون اها حالت ڏسي جاچين ۾ اچي اوچتو ڪاڪوڙو پيو ۽ ڊپ وچان سڀ ڀڄي ويا. 39

تر جا چارڻ سگهڙ آوڙ ديوي جو قصو انهي کان اڳتي بيان نٿا ڪن. پر چارڻي اتهاس ۾ آوڙ جو قصو اڃان به اڳتي ملي ٿو. انهي بابت جنيٺ جي ڪتاب ۾ تفصيلي ذڪر آهي.

## "ستين جو آستان" :

لوڪ روايتن مطابق آوڙ ديوي جي قصي ۾ آهي ته ڳوٺ رباريو ۾ ٻاڪلو نالي راجپوت وٽ آوڙ پاڏي جو بڪ ڏنو. غريب ماڻهن کي خيرات جوڪاڏوتيار ڪري ڪارايو. اهو پورو منظر چارڻ ڪوي پنهنجي ڪويتا ۾ ڪجهه هن طرح سان بيان ڪري ٿو:

آوڙ بوليا آپ بل ڪر، شينهن گونجاري،
تم اوسر، امي سڪت، ڪيا سمجهه ڏاري،
پهر سرونکيون تپسيا، چت بات چتاري،
قاضي راڪو جينمل، ڪنت منت وڏاري

ڪجهه وقت اتي رهڻ ڪانپوءِ مامڙ چارڻ پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جي تياري ڪئي. رباريي جي ڳوناڻن کان موڪلائي شومندرتي اچي پوڄا پاٺ ڪيائون. شومندر کان اولهندي ولهار ڍنڍ تي پتڻ هوندو هو.

چون ٿا ته جڏهن هي ننڍڙو قافلو ڍنڍ پار ڪرڻ لاءِ پتڻ وٽ پهتو ته ڇهن غيور پيٽن پاڻ ۾ ويهي صلاح ڪئي ته هي تڪو ڪٽي جڏهن ڳوٺ وڃبو ته ڳوٺ جا ماڻهو متان ڪو ويڻ ڏين. تنهن کان بهتر آهي ته چڪيا تي چڙهي وڃجي. ائين اهي ڇهن ڀينرن ۽ سندن هڪ ڀاءَ باه جي اوڙاه ۾

---

39 ستين جي آستان جا پوڄاري ٻڌائين ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو پاڻ سازي ڇڏيو. چارڻن جي عقيدت مندن انهي جاءِ تي هڪ يادگار ٺهرائي ڇڏيو آهي جنهن کي ستين جو آستان چوندا آهن. اڄ به هزارين عقيدتمند اتي اچي عقيدت جا گل نڇاور ڪندا آهن.

ستي تنهنجي ست ۾ ڳالهه گهرجي ڳچ،
وڏيو ڇيريو ڇڇريو ٻر ايپي پچ،
ساڻ امانت اڄ ته ٿين سماني ساٺيهه ۾.

تاريخ جي ڪنهن به ڪتاب ۾ آوڙ ۽ سندس پيڻن جي ستي ٿيڻ جو ذڪر ناهي. ٿري لوڪ ڪوتا ۾ هن جاءِ وٽ آوڙ جي پاءُ پاٺجي کي ڦوڪٽي بلا جي ڦوڪڻ/ڏنگ هڻڻ جي روايت ملي ٿي.

ليکڪ پارومل امراڻي لکيو آهي ته: شومندر وٽ آوڙ جي پائر پاٺجي کي پيئڻ بلا ڦوڪي ويئي/ ڏنگ هڻي ويئي. پيئڻ بلا جي ڦڪيل/ ڪکيل جو رات جي اونداهي ۾ علاج ڪيو ويندو آهي. سج جي روشني مريض جي اکين تي پوڻ سان زهر بدن ۾ ڦهلجي ويندو آهي. هڪ چارڻي دوهي ۾ آهي ته آوڙ سج کي قسم ڏيندو چيو ته جيستائين آءُ پنهنجي پاءُ پاٺجي جو علاج ڪري نه اُٿاربان تيستائين نه ابرجان:

آوڙ ڏني آڻ، لاجاڙا لوبي مت.
پڙ هڙ اوگو پاڻ، هون پائي اُناٽا پاٺجي.

(آوڙ سج کي قسم ڏيندي چيو ته اي لجيارا! تون منهنجي قسم کي نه ٽورجان. جيستائين آءُ پنهجي پاءُ پاٺجي کي صحتمند ڪريان پوءِ پليين روشني ڦهلائجان.)[40]

محترم پارومل امراڻي پنهنجي ڪتاب "چتر بولي چارڻان" ۾ آوڙ ۽ سندس پيڻن جي هاڪڙي تان گذرڻ جي حوالي سان لوڪ دوهن

---

[40] چتر بولي چارڻان ص 44



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ چارٽياڻين چرون ۾ هاڪڙي جو پاڻي پري ست سو ڪوس هاڪڙو سراپ سان سڪايو هو. لوڪ شاعري ۾ هڪڙي همير جو ذڪر هن ريت آيل آهي تہ:

هاڪي واهسي هاڪڙو، نڏيان واهسي نير،

سنڌ ۾ هيڪ جنميو پيجو جنمسي راڻ همير.

(سنڌ ۾ هڪ همير پيدا ٿيو آهي، جڏهن ٻيو راڻو همير جنم وٺندو تڏهن هاڪڙو پنهنجي هاڪ سان وهندو، ندين ۾ پاڻي وهندو.)[41]

ڪهڙي همير جي دور ۾ هاڪڙو سڪو آهي؟ ٻي همير جي دور ۾ هاڪڙو سنڌ ۾ ٻيهر وهندو. ٻيو همير ٿي ويو يا هاڻي ٿيندو؟ سوال جي جواب ڪي اڏ ۾ چڏي هن ڪهاڻي جي ڪردار همير تي اچون ٿا تہ عين ممڪن آهي تہ چارٽياڻين جي ستي چڙهڻ جي انهي عمل چارڻن، ڀاٽين، سوڍن ۽ سمن کي چيڙائي وڌو هجي ۽ انهن سيني گڏجي حمير سومري تي حملو ڪيو هجي. اهڙي تصديق محترمہ جينيٽ ڪيمفرٽ صاحبہ پنهنجي ڪتاب "ان دي پريز آف ڊيٿ" صفحو نمبر 242 ۾ ڪئي آهي.

همير مقابلي جي سگهہ نہ سارينديءَ پڇي وڃي ملتان ۾ دهلي جي گورنر عين الملڪ ماهرو وٽ پناه ورتي سندس پونئر اڄ بہ پنجاب جي شهر ليہ ۾ آباد آهن. سندس پائر گجرات ڏانهن ويا ۽ اتي وڃي آباد ٿيا. اهڙي تصديق ايم. ايڇ پنهور صاحب جي ڪتاب "تصوير سنڌ" صفحو نمبر 33 تان ٿئي ٿي. جنهن ۾ سومرن جو آخري حڪمران همير ڪڇ تي انڙ سمون ۽ ملتان تي عين الملڪ حڪمران ڏيکاريو ويو آهي:

[41] چتر ٻولي چارڻان صفحو نمبر 43.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




ائٽلس آف سومرا ڪنگڊم ص 61

سومرن جي شڪست ڪانپوءِ جنيٽ ڪيمفرٽ مطابق سنڌ سمن جي حڪمراني ۾ آئي ۽ عمرڪوٽ سوڍن کي ڏنو ويو. محترم ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي ڪتاب "سمن جي سلطنت" مطابق انڙ سمي کي سنڌ جي سيني سماٽ قبيلن پنهنجو سردار چونڊي ڪيس ڄام جي لقب سان نوازيو. هن قصي ۾ چارڻن جو نهايت اهم ۽ تاريخي ڪردار

آهي سندن هيٺيان ڪم تاريخ ۾ ڪين هڪ نهايت اهم مقام ڏيارين ٿا.

1. وقت جي حاڪم سان مهاڏو اٽڪائڻ، جڏهن ته نتيجن جي ڪين پلي پت خبر هئي.

2. وقت جي حاڪم جي زيادتين خلاف احتجاجن ڳوٺ مان جلا وطني اختيار ڪرڻ.

3. پاتين ڪان سومرن جي خلاف مدد وٺڻ ۽ ان کي شڪست ڏيڻ.

4. ابڙي سمي ڪان سومرن خلاف مدد وٺڻ.

5. ٻين چارڻن ۽ پاتين ڪان سومرن خلاف مدد وٺڻ.

6. اهڙي ريت همير سومري کي شڪست ڏيئي سومرن جي 300 سئو سالہ حڪومت جو خاتمو آڻڻ.

7. انڙ سمي کي ڄام جو لقب ڏيئي سڄي سنڌ جي حڪومت سندس حوالي ڪرڻ ۽ ائين سمن جي سنڌ تي 200 سئو سالہ حڪومت جو آغاز ٿيڻ.

8. عمرڪوٽ تي سوڍن جي صاحبي ۾ همير سوڍي جو راڄ شروع ٿيڻ،[42]

## ڏيول ديوي ڪاروڙو چارڻ :

ڏيول ديوي مارواڙ جي ڳوٺ ماڙوو جي رهاڪو هئي. ماڙوو جو ڳوٺ پوڪران جي ويجهو اچ بہ آباد آهي، چارڻن جي نک سنڍائچ ۾ جنم وٺندڙ ڏيول جي پيءُ جو نالو پلو جي چارڻ هو ۽ ڏيول ڪاروڙي چارڻ ۾ ٻاپن جي ولد ريلڻ جي چارڻ سان پرڻايل هئي. ريلڻ جي جو ڏاڏو پوپٽ ڏان هنگلاج ويو اتي وڃي هن عرض ڪيو تہ اسان جي ڪل ۾ ديوي نہ

[42] سوڍن ۾ همير سوڍي جي عمرڪوٽ تي 40 سال حاڪميت مثالي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي.ماٺهو مِهٽا ڏين ٿا. چارڻن جي عقيدي موجب هنگلاج ديوي پوپٽ ڏان جي عرض تي ڏيول ديوي جي روپ ۾ ٻيو جنم ورتو هو.يا انهي جي ڪرپا سان ڏيول ديوي جو جنم ٿيو هو. اهڙي عقيدي جو اظهار هڪ چارڻ ڪوي پنهنجي هڪ شعر ۾ هينين ريت بيان ڪري ٿو:

ماڙوي اوتار ليو. مهمائي ٿان ڪاروڙو ستان ٿپي.
وڏن ٻرڌ ٻيسوتر لاج ثابت راج سوڍان سمپي.
ٻيسوڪر راڻ سراپيو. ٻيرم امرڪوٽ اکي اپٽو.

ڏيول ديوي جو جنم 1535سنبت ۾ 1475ع سال ٻڌايو وڃي ٿو.ڏيول ديوي جو ڪاروڙي ۾ ٿان آهي.پوڄاري لوڪن ۾ ڏيول جي شڪتي جون ڪيترين ئي ڳالهيون مشهور آهن. اڄ به ڪيترائي عقيدتمند سندس ٿان تي اچي عقيدت جا گل نڇاور ڪندا آهن.همير جي وفات ڪانپوءِ سندس صغير پٽ ويسا گادي تي ويٺو جنهن کان ڏوڏا نالي شخص راج گادي ڦري ورتي. هن ديوي ڏوڏا سان جنگ ڪري ويسا کي واپس گادي تي ويهاريو.ڪتاب سوڍائڻ ۾ چتر ٻوليءَ چارڻان ۾ راڻي همير جي صغير پٽ ويسي کان دوکي سان راج کسيندڙڏوڏا کي ديول چارڻياڻي جي ڏِنل بد دعا ۽ راڻي ويسي کي ڏنل دعا بابت هڪ چند ڏنو ويو آهي تہ :-

ڪروڌ ڪيپيو مها مايا ڪڙڪي
ٻوجي پوم گهٽي پوم دڙڪي.
ڪنيو ديول راج نہ ڪرسي.
مورک گهر پهونچتو مرسي.

ڪر استوتي پرڻام ڪر. ويسي ليئو وردان.
ديول ريجهي ديت هئہ امر ڪوٽ انعام.

لاڳي پڳي ور شڏ لي امر نا آسيس،
قائم راجس ڪري، سڏ گت ڪرپا سيس.

(معني: مها شڪتي ڏيول ڏوڏا تي ايتري غصي ۾ اچي ڪڙڪي، جو ڏرتي ڏبندي محسوس ٿي، ديوي ڪاوڙ ۾ چيو تہ ڏوڏو هاٺي راج نہ ڪندو، مورک گهر پهچندي مري ويندو. ديوي جي استوتي پرٿام ڪري ويسي وردان ورتو. ديول راضي ٿي ويسي کي امرڪوٽ انعام طور ڏنو. ويسي ديوي جو شڪرانو ادا ڪندي پيرن تي هٿ رکي دعا ورتي. ديوي دعا ڏيندي چيو تہ تون پنهنجو راج قائم ڪري سک سان وسندين.)[43]

## ڏيول ديوي (پوڳنيا)۽ پابوجي :

محترم جنيٽ ڪيمفرتس پنهنجي ڪتاب ”ان دي پريز آف ڊيٿ“ ۾ لکي ٿي تہ هڪ ڏيول ديوي جيسلمير جي پرسان ڳوٺ پوڳنيا ۾ مسرا چارڻ جي گهر ۾ پيدا ٿي. ڳوٺ پوڳنيا ۾ سندس مندر چار جي وڻ هيٺ آهي. جڏهن تہ ڳوٺ ڪوهلو ۾ پابوجي مندر جي پرسان نشاني طور هڪ پٿر ۽ ترشول رکيل آهي.پابوجي ڪوهلو ۾ دمدال خاندان جو مشهور وير ٿي گذريو آهي جنهن پنهنجو وچن نباهڻ خاطر پنهنجي جان جو نظرانو ڏئي ڇڏيو. چون ٿا تہ ڏيول ديوي جسلمير ۾ ڏڪار پوڻ جي ڪري اتان لڏي اچي پابوجي جي اجازت سان ڪوهلو وچي رهي. اتي رهڻ دوران سندس نهايت خوبصورت گهوڙي جنهن کي ڪلوي جي نالي سان سڏيندي هئي پابوجي کي پسند اچي ويئي ۽ هن گهوڙي ڏيول ديوي کان گهري. ڏيول ديوي گهوڙي انهي شرط تي ڏيئي ڇڏي تہ ڪيس جڏهن بہ مال جي حفاظت لاءِ ضرورت پئي تہ پابوجي سندس مدد ڪندو.

---

[43] چتر ٻولي چارڻان صفحو نمبر 102.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسلمير پرسان ڪيسي خاندان جو راڄ جمدا رهندو سندس پيءُ دمدال خاندان هٿان مارجي ويو هو فيصلي ۾ پاٻوجي جي پيڻ جو سڱ ڪيس ڏنو ويو. شادي دوران جمدا ڏيج ۾ ڪلوي گهوڙي گهري ورتي. پاٻوجي گهوڙي ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. بهرحال ڪنهن طريقي سان شادي ٿي ويئي پر جمدا هر وقت وير وٺڻ جو سوچيندو رهيو. پاٻوجي جو رشتو عمرڪوٽ ۾ سورج سنگهه جي ڪنور ڦول ديوي سان طئه ٿيو. جڏهن سندس ڄڃ عمرڪوٽ شادي لاءِ پهتي تـه جمدا موقعو غنيمت سمجهي ڏيول ديوي جو مال زبردستي ڪاهي ويو جنهن جو اطلاع ڏيول ديوي پاٻوجي کي پهچايو. اطلاع ملڻ وقت سندس چونئري جا ڦيرا هلي رهيا هئا. هن وير چونئري جا ڦيرا اڌ ۾ ڇڏي پنهنجو ڪيل وچن پاڙڻ لاءِ پهچي ڏيول ديوي جو مال واپس ڪرائي ڏنو. ڪجه ڏينهن کانپوءِ جمدا مٿس اوچتو حملو ڪيو جنهن دوران هي وير وڙهندي مارجي ويو. اڄ ڏينهن تائين پوري ريگستان ۾ سندس بهادري جا قصا ڳايا وڃن ٿا. ٻئي ديوين چوڏهين صدي ۾ ٿي گذريون آهن. هتي سوال اڀري ٿو تـه انهن ٻنهي ديوين جا قصا ڏار ڏار ملن ٿا پوءِ نائين صدي جي آوڙ ۽ چوڏهين صدي جي آوڙ جا قصا ڪيئن گڏجي ويا آهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون

## همير جي قيد ۾ جاسل

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيا ۾ لکيو ويو آهي ته آهير ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جو قبيلو آهي، جيڪو سنڌ ۾ رهندو هو. هن قبيلي جا ماڻهو ڳوٺن ۾ رهندا هئا. اتان ڪير ڪٺي شهرن ۾ وڪڻندا هئا. اهير هڪ نسلي گروهه آهي.اهير هڪ ذات، هڪ ڪڙم، هڪ قبيلو ۽ هڪ نسل آهي. جنهن جي جڙ يادو ونس سان ملي ٿي. مهاڀارت ڪان پوءِ ۽ ٻهرين صدي قبل مسيح جي پڇاڙي وارن سالن ۾ نندي ڪنڊ جي رهواسين ۽ يونانين جي حملن جي رڪجڻ ڪان پوءِ يادو (يادو جو اولاد) ۽ ارجنياس (ارجن جو اولاد اترينئين علائقن ۾ سک سانت سان رهيا. ٻئي قبيلا 380ع تائين گپتا سلطنت جي بادشاه سامودرا گپت خزاني جي لاءِ سڪا ناهيندا رهيا.

اهير لفظ ابيير مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ بي خوف آهي. گنگارام گارگ اهيرن کي پراڻو ابيير قبيلو ڄاڻايو آهي، جن جو ذڪر مهاڀارت ۽ ٻين پشتڪن ۾ آيو آهي. گارگ مطابق اهير لفظ سنسڪرت ٻولي جي لفظ ابيرا مان نڪتل آهي. هن وقت بنگالي ۽ مراٺي ۾ به اصطلاح ڪم اچي ٿو.

ڇيو وڃي ٿو ته راءِ ڪنوات جو پٽ راءِ دياس جنهن کي راءِ ڏياچ پڻ سڏيو ويو آهي. 1003 ۾ ڪاٺياواڙ جي گادي تي وينو. ان وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس راڄڌاني جو ماڳ گرنار ڪوٽ ( جهونا ڳڙهه ڪان تي ڪوهه اوپر طرف) هو.راءِ دياس عرف راءِ ڏياچ ست سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ ٻيجل چارڻ جي صدا تي سُر عيوض سِر وڍي ڏنو. سنڌي شاعري جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي راءِ ڏياچ جي اهڙي سخاوت کي ڳائي امر ڪري ڇڏيو آهي.

راءِ ڏياچ ٻاران چارڻ کي ڪلهن تان ڪنڌ ڪوري ڏيڻ جي واقعي گهٽڻ جو جيءَ جهوري وڌو. پوري رياست روڄ راڙي ۾ هئي. پر موقعي جي تاڙ ۾ ويٺل ويري جي لاءِ جهونا ڳڙهه فتح ڪرڻ جي لاءِ اهڙو نادر موقعو ٻيهر نه ملڻو هو. گجرات جي حاڪم اهڙي موقعي تي وجهه وٺي جهوناڳڙهه تي حملو ڪري سخي سردار جي رياست پنهنجي هٿ وس ڪئي. پوءِ اتي ويرل سنگهه نالي هڪ صوبو (گورنر) مقرر ڪري پاڻ انهلواڙ ڏي موٽي ويو.

تر جي ناماري تاريخدان سائين رائچند هريجن لکيو آهي تہ ويريءَ جي وار ڪرڻ وقت راءِ ڏياچ جي هڪ راڻي پنهنجي ننڍي پٽ نو گهڻ سوڍي هڪ اهير ديواپت جي گهر وڃي پناهه ورتي. ديواپت هڪ جنگي جوان هو. سندس گهٽا ذات وارا راجا راءِ دياس جي جنگي ڪاتي جا عملدار هئا.جن. راءِ نوگهڻ کي گاديءَ تي ويهارڻ جو موقعو پئي ڳوليو. هن وفادار اهير، راڻي ۽ راجڪمار جي تمام چڱيءَ طرح سنڀال ڪئي. 44

لوڪ شاعري جي روايتن مطابق راءِ دياس کي پاٽن جي راجا ( شايد چولڪيوبا بادشاهه ) شڪست ڏني هئي.45 هڪ روايت ۾ آهي

[44] تاريخ ريگستان پاڳو ٻهريون. ص 33

[45] Watson, James W., (1873). "Legends of the Earlier Chudasama Ras of Junagadh. Indain Antiquary 2 p 312



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ انهي جنگ ۾ ٽيج پياڪ نوگھڻ ڪي ديوايت پنهنجي گھر ڪٽي اچي پاليو. اهيرڻ جي ٽيج تي نوگھڻ پلجي وڏو ٿيو. ديوايت جي ان وقت جاسل ناليءَ ڌيءَ هئي، جنهن جو نوگھڻ ٽجيتو پاءُ ٿيو.

وقت گذرڻ سان سوراشٽر (جهونا ڳڙهہ) جي صوبي (گورنر) کي ڪٿان ڪڙڪ پئي تہ راءِ دياس جو پٽ نوگھڻ ديوايت جي گھر پلجي رهيو آهي. هن کي ڏپ لڳو تہ متان راءِ ڏياس جا همدرد ڪنهن وقت نوگھن جو طرف وٺي بغاوت ڪن. تنهن ڪري ترت ئي پاڙ پٽجي. هن ديوايت کي گهرائي حڪم ڏنو تہ ' راجڪمار اسان جي حوالي ڪر. نہ تہ لشڪر موڪلي تنهنجو پورو گهر ناس ٿو ڪرايان.' ديوايت اهي ٻول ٻڌي پريشان ٿي ويو. پر پاڻ سنڀالي هڪ پروسي جوڳي ماڻهو کي اهو سمجهائي گهر موڪليائين تہ، تون منهنجي گهر وڃي منهنجي فرزند کي راجڪمار جا ڪپڙا پهرائي وٺي اچ'. ديوايت جو پٽ شاهاڻي ويس ۾ جڏهن صوبي جي دربار ۾ حاضر ٿيو تہ صوبي هُن کي نوگھڻ سمجھي ديوايت کي وري حڪم ڏنو تہ ' اٿي منهنجي سامهون ترار سان هن کي قتل ڪر'. پيءُ ۽ پٽ ٻنهي جي لاءِ آزمائش جي وڏي گھڙي هئي. پر اهير وفادارن من ۾ هڪڙو لوڏو نہ کاڌو. راجڪمار کي بچائڻ جي لاءِ ديوايت تلوار جي تيز ڌار سان پنهنجو سڪيلڌو پٽ قربان ڪري ڇڏيو. ديوايت جو پٽ پنهنجو ڪنڌ ڪلهن تان ڪورائي ڪانياواڙ جي پومي تنهنجي ريتي رت سان رڱي ويو. سائين رائچند هريجن ديوايت جي فرزند جو نالو وسڻ لکيو آهي جڏهن تہ تاريخ ڪانياواڙ ۾ هُن جو نالو اگها ملي ٿو.[46]

ديوايت پنهنجي پٽ تي تلوار ڪٽندي پهہ ڪيو تہ صوبو جيئن

[46] The History of Kathiaward from the Earliest Times. Horld Wilberforce Bell. p 54



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي پٽ کي ڪهرائي رهيو آهي ائين ڪيس ڪهي سک جو ساهه کڻندس. وقت گذرندو رهيو. ائين ڏهه سال گذري ويا. پر ديوايت کي موقعو نه مليو جو صوبي کي قتل ڪري پنهنجي اندر کي ٺاري. نوگهڻ به اچي نوجوان ٿيو. ديوايت جي ڌيءَ نوگهڻ جي ٽيج شريڪ پيڻ به وڏي ٿي. ديوايت پنهنجي ڌيءَ جو مڱڻو سنڌ ۾ ڪيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وهانءَ جون تياريون ٿيڻ لڳيون. اهير به اچي ديوايت وٽ ڪٺا ٿيڻ لڳا. جڏهن اهيرن جو ميڙ ٿيو ته : 'ديوايت پنهنجي اندر کي اظهاريو: 'مون کي پنهنجي نياڻي جي شادي کان اڳ ۾ صوبي ويرل سنگهه جي قتل جو ڪاڄ ڪرڻو آهي. منهنجي مدد ڪريو.' اهيرن پنهنجي هن سورمي جو ڀرپور ساٿ ڏنو. رڻ ڳجي راڙو ٿيو. اهيرن جي ڪوپن ويرل سنگهه ۽ سندس لشڪر کي ماري نوگهڻ کي جهوناڳڙهه جي تخت تي ويهاريو.

راءِ نوگهڻ گاديءَ تي ويهڻ سان پنهنجي ٽيج شريڪ ڀيڻ جاسل جي وهانءَ جو شاهاڻو منڊپ منڊيو. جاسل راجائي پالڪيءَ ۾ چڙهي پنهنجي گهوٽ سان گڏ اچي ساهراڻي گهر سنڌ ۾ پهتي. سائين رائچند موجب ان وقت عمرڪوٽ جو حاڪم همير سومرو هو. همير سومري جاسل جي شاهاڻي ڄڃ جي واپسي ۽ حسن جي هاڪ ٻڌي مٿس مفتون ٿي پيو! راڄ جي رعيت ۾ ايندڙ اهيرن تي ڪڙڪي زبردستي جاسل کي ڪٽي اچي محلات ۾ قيد ڪيائين.

لوڪ شاعري جي روايتن ۾ ملي ٿو ته جاسل جا ساهراڻو گهر ڪانياواڙ جي علائقي جو ٿي رهواسي آهي. ڏڪاري حالتن ۾ آوڙ جي خاندان جيان لڏي اچي عمرڪوٽ جي ڀر سان آباد ٿئي ٿو.

عمرڪوٽ ۽ آس پاس جا قصاگو جاسل کي به چارڻياڻي چون ٿا. پر جاسل اهير آهي. انهن سگهڙن وٽ به روايتون آهن. هڪ روايت موجب جاسل جو پيءُ پنهنجين نياڻين کي ساڻ ڪري اچي عمرڪوٽ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳ رڀاريو ۾ اچي رهيو. جتي هڪ پيرو جاسل ۽ سندس پيٽڻ جا نُنهن ڪٽيندي نائي آڱرين کي چا ڏنو. وقت جي بادشاهه تائين وڃي جاسل ۽ سندس پيٽڻ جي سونهن جا سماچار پڄايائين. ٻي روايت موجب جاسل جڏهن پرٽجي رڀاريو پهتي تہ ٻي ڏينهن ڪيس سينگار ڪرائيندي نائياڻي جاسل جو حسن چا ڏٺو!؟ حيرت ۾ پئجي ويئي. هن گهر اچي پنهنجي مڙس نائي سان ڳالهہ ڪئي جنهن بادشاه جي دربار ۾ وڃي جاسل جي حسن جي ساراهہ ڪئي.

جاسل ڏاڍي سلڇڻي، عقل واري ۽ برجستي هئي. تنهن همير کي چيو تہ هينئر تہ آئون ڪيترو بہ روئنديس ، رڙينديس تہ بہ ورندو ڪجهہ ڪو نہ. مون کي ضرور اوهان سان شادي ڪرڻي پوندي. پر مڙس جي جيئري، يڪدم ٻيو مڙس ڪرڻ روا نہ آهي. تنهن ڪري پلائي ڪري ڇهہ مهينا مهلت ڏيو. پوءِ آئون اوهان جي آهيان. همير هن جي ڳالهہ قبول ڪئي. جاسل کي اميد هئي تہ انهيءَ وقت اندر راءِ نوگهڻ ضرور منهنجو تدارڪ ڪندو.[47] ڪرنل بيل موجب جاسل پوءِ پنهنجا قاصد راءِ نوگهڻ ڏي موڪليا.[48]

هڪ ٻي راءِ موجب جاسل جو خود مڙس ڏيپو منهن مٿو پٽندو راءِ نوگهڻ جي دربار ۾ پهتو جتي هن راءِ سان ساري درد جي ڪٿا بيان ڪندي اها لکت ڏيکاري جنهن ۾ ننڍڙي نوگهڻ جاسل کي لکي ڏنو هو تہ : 'پيڙ ڪنهن بہ وقت آئون ڳاديءَ تي ويٺس ۽ مون تي ڪو ڪم رکنديءَ تہ ٻيون ڳالهيون ڇڏي اول تنهنجو ڪم ڪندس.'

جاسل پنهنجي شاديءَ کان پوءِ اهو دستخط پنهنجي مڙس کي ڏيئي ڇڏيو هو. راءِ نوگهڻ کي جيئن اهو ڪاغذ مليو تہ هن پنهنجا اکر

---

[47] تاريخ ريگستان (پاڳو پهريون) ص 34.

[48] تاريخ ڪاٺياواڙ ص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سجاتا. ڳالهہ ٻڌڻ سان تپي باهہ تي پيو. يڪدم هڪ وڏو ڪٽڪ تيار ڪري عمرڪوٽ تي ڪاهي آيو. اهو سن 1020 جو زمانو آهي. همير کي شڪست ڏئي جاسل جا بند خلاص ڪيائين.'49

پارومل امراڻي لکي ٿو تہ لوڪ روايتن جي روشنيءَ ۾ ٿر ۽ عمرڪوٽ جي تاريخ جي حوالي سان وڙوڙي ديوي جي خاص اهميت رهي آهي. جڏهن همير سومري راءِ نوگهڻ جي ڌرم جي ڀيڻ جاسل کي سنڌ ۾ روڪي هئي تڏهن راءِ نوگهڻ جهونا ڳڙهہ مان همير سومري تي ڪاهيو هو. رستي ۾ راءِ نوگهڻ جي لشڪر جي لاءِ ڪاڌي جو بندوبست وڙوڙي ڪيو هو.50 چارڻي اتهاس ۾ آهي تہ وڙوڙي شڪتي جي سراپ سان سمنڊ جو پاڻي هيٺ لهي ويو ۽ ڪڇ جي رڻ پڌرو ٿيو جتان راءِ نوگهڻ سنڌ پهتو هو.51

چون ٿا تہ وڙوڙي ديوي کي آوڙ جي قصي جي ڪري سومرن تي ڪاوڙ هئي. ان ڪري هن همير سومري جي مدد ڪئي.

جاسل جي ڪهاڻي جي حوالي سان لوڪ دوها هن ريت ملن ٿا.

ڪوئي ڪادو آويا، نديئي ڪتيا نير،

سورٺ سڙتالو پڙيو، ورتوا آويا وير،

(سورٺ (جي علائقي) ۾ اهڙو ڀيانڪ ڏڪار پيو، جنهن ۾ ندين ۾ پاڻي ڪٽي ويو. اي منهنجا ڀاءُ! اسين اهڙي مشڪل گهڙي ۾ لڏي اچي (سنڌ) آياسين.)

نهين موساڙي ماوڙو، نهين ماوڙي جايو وير

---

49 تاريخ ريگستتان (ياڳو ڀهريون) ص 35.

50 وڙوڙي جي عقيدت ۾ آڪا تيج ملهائي ويندي آهي.

51 چتربوليءَ چارڻان ص 48، 49.

سنڌ ۾ روڪي سومري هالوا ڏي نا همير[52]

(مون وٽ نہ مال ملڪيت آهي، نہ زري پنهنجي جيجل ڇايو پاڻ آهي، مون کي سنڌ ۾ سومري حاڪم روڪيو آهي، همير سومرو هلڻ نٿو ڏي)

قابليان نجرون ڪري، مغل ني ميان،
آهيرڻ اُر پيان، نوگهڻ نڪلا هي نهين.

(همير سومري جي قيد ۾ مغل ميان ۽ قابليا (قابل مان آيل) پهريدار مون کي بري نظرن سان ڏسي رهيا آهن. آهيرڻ جي ٿڃ پيئندڙ اي نوگهڻ! تون (اجان منهنجي سار لهڻ جي لاءِ) نڪتو ئي نہ آهين!!؟)

تون آڏو مين آپيو واهڻ مانهيلو وير،
سمجهيو مانهين سرير، نو گهڻ نو سورٺ ڏٽي.

(تو مون سان گڏ (منهنجي جيجل جي) ٿڃ پيتي، مون تون کي پنهنجو (سدائين جاڙو ڀاءُ) ڀانيو آهي. اي سورٺ جا ڏٽي! منهنجي جيجل توکي پنهنجي وجود جو حصو سمجهيو هو.)

تون نو تون جي نوئي، تون تو هيت هوئي،
ويرماسي جوئي، نوگهڻ نو سورٺ ڏٽي.

(اي منهنجا ڀاءُ نوگهڻ سورٺ جا ڏٽي! تون ٿورو ويچار ڪر، تو جهڙي بهادر ڀاءُ هوندي بہ اهڙي مشڪلات مان گذري رهي آهيان. ڏک

---

[52] هي دوهو مختلف پڙهڻي سان ائين بہ ملي ٿو تہ:

1. سورٺ سٽر تالوپيو، ورتڻ آيا وير،
سنڌ ۾ روڪي سومري، هلڻ ڏي نہ همير.

2. نا مامو ناماماسار، ناهي مائوڙي جايو وير،
سنڌ ۾ روڪي سومري هالوا ڏي نہ همير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو آهي تون اجان تائين نہ پهتو آهين.)53

مارئي بابت تحقيق ۾ اهي دوها بہ شامل ڪري سگهجن ٿا. ڪجھہ ماڻهن جو خيال آهي تہ مارئي جي مورت جاسل جي جيءُ ۾ جرڪندي هجي. قصن ۾ ڪهاڻين موجب اهير ڏڪار سبب سورٺ مان سنڌ اچن ٿا. آوڙجا مائٽ بہ ڏڪار سبب سنڌ اچن ٿا. ٽرجي لوڪ شاعري ۾ ڪٿي بہ آوڙ ڪي سنڌ ۾ همير سومري پاران روڪڻ جي حوالي سان ڪوئي شعر نٿو ملي. جڏهن تہ جاسل جي دوهن ۾ سنڌ ۾ سومري پاران روڪڻ جو ذڪر ملي ٿو. پر هن وقت تائين سومرا دور تي ٿيل ڪنهن بہ تحقيق ۾ 1020ع واري وقت عمرڪوٽ واري علائقي تي ڪو بہ همير سومري جي نالي سان حاڪم نٿو ملي.البت ائين ٿي سگهي ٿو تہ عمرڪوٽ وارو علائقوان وقت سومرن جي صاحبي ۾ هجي.

ڪانياواڙ جي تاريخ ۾ نوگهڻ بہ گهڻا ٿيا آهن. 'سومرا دور' تي تحقيق ڪندي ايم ايچ پنهور پنهنجي ڪتاب 'تصوير سنڌ' ۾ سومرن حاڪمن جي فهرست ۾ سومرا دور جي شروعات ۾ جنف سومري جي حاڪميت 1011ع کان شروع ڄاڻائي ٿو.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پاران مرتب ڪيل ڪتاب 'عمر مارئي' ۾ تعلقي ماتلي مان مليل هڪ روايت موجب جاسل همير سومري جي هڪ راڻي جو نالو آهي. جنهن جي ڌي مارئي آهي

53 چنتر ٻولي چارڻان صفحو نمبر 194.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٽيون

# شاھ لطيف جو سُر مارئي

ڪاروڙي ۽ ان جي آس پاس جي ماڳ مڪانن، قصن ۽ ڪهاڻين کي غور سان سمجهڻ ڪانپوءِ شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۾ آيل سر عمر مارئي سان ڀيٽ ڪجي تہ ڪوڙ ساريون ڳالهيون مشترڪ نظر اچن ٿيون.انهن ڳالهين تي غور و فڪر ڪرڻ سان ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن تاريخ جي نئين رستي تي پهچي سگهي ٿو.

### سر عمر مارئي ۾ آيل ڪردار :

1. مارئي : يعني مارو جي ڄايل
2. مارو : چارڻ قبيلي جو هڪ پاڙو ربارين جو هڪ سماج ۽ ٿر ۾ مال چاريندڙ ۽ ڏٽ تي گذر ڪندڙ لوڪ
3. ستي :پاڪ دامن عورت
4. همير : سنڌ جو حاڪم جنهن جي گادي جو هنڌ عمرڪوٽ هو.
5. عمر : همير جي پاءَ محمد جو پٽ.
6. سومرو :همير ۽ عمر ٻنهي جي ذات.

### مارو لفظ جو ماخذ :

ڪرنل جيمس ٽاڊ پنهنجي ڪتاب ”اينل ايند اينٽيڪس آف راجستان“ ۾ لکيو آهي تہ مارو سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي جنهن

جي معنيٰ آهي جبل ۾ مارورا مطلب جبل ۾ رهندڙ ماڻهو.54 ساڳئي ڪتاب ۾ ٽاڊ لکي ٿو تہ طوفان نوح کان پوءِ مانو يعني حضرت نوح سامرو جبل تي اچي لٿو ۽ ايوڌيا کي پنهنجو آستان ناهيائين.55 سندس پونئر ميداني علائقن ڏانهن هيٺ لهي آيا ۽ جوڌپور جي آسپاس اچي آباد ٿيا. انهي ڪري اهو علائقو ماروستالي چورائڻ لڳو جيڪو پوءِ بگڙجي مارواڙ ٿي ويو56.

ٽر ۾ مارو لفظ چوپايو مال چاريندڙ ۽ ڏٿ تي گذران ڪندڙن جي لاءِ ڪتب ايندو آهي. انهي نسبت سان 'مارو ' لفظ مان لفظ ماروئڙا بڻيو آهي.

"راجستاني زبان وادب" جو ليکڪ محترم فضل امام پنهنجي ڪتاب ۾ جاڻائي ٿو تہ مارواڙ لاءِ سڀ کان پهرين جارج ٽامس 1801ع ۾ راجپوتانا جو نالو استعمال ڪيو57 جڏهن تہ 1886ع ۾ ڪرنل جيمس ٽاڊ هن علائقي لاءِ راجستان جو لفظ استعمال ڪيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين استعمال ۾ اچي پيو. اتي ڳالهائي ويندڙ بولي کي مارو ڀاشا چيو ويندو هو جنهن تي پوءِ ڊنگل نالو پيو. اڄڪلهہ انهي بولي کي راجستاني زبان چيو وڃي ٿو. راجستان جي سڀ کان پراڻي ادب کي مارو ادب چيو وڃي ٿو جڏهن تہ انهي زماني جي چٽسالي کي مارو گرجر پينٽنگ سٽيو وڃي ٿو. اتي خاص طور تي مندرن ۾ پٿرن کي ڪٽي ۽ ٺڪي جيڪي مورتيون يا مختلف شڪليون ٺاهيون وڃن يا هن وقت ٺاهيون وڃن ٿيون انهي عمل کي مارو گرجر آرڪيٽيڪچر چيو ويندو آهي.

---

[54] اينل اينڊ اينٽيڪس آف راجستان ص 26، 28.
[55] ايضا ص 24
[56] ايضا ص 19
[57] راجستاني زبان وادب ص 13


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مارو چارڻ :

مارو چارڻن جو تمام وڏو قبيلو آهي جيڪو مارواڙ کان اٿيو ۽ سڄي نٽدي ڪنڌ ۾ پکڙجي ويو. مارو قبيلي جا اڳتي هلي 300 کان مٿي مختلف پاڙا يا نکون آهن جيڪي اڄ بہ نٽدي ڪنڌ ۾ آباد آهن. محترمہ جنيٽ ڪيمفرٽس پنهنجي تحقيقي ڪتاب ”ان دي پريز آف ڊيٿ “ ۾ چارڻ لفظ جي معنيٰ متعلق ٽن قسمن جا مختلف رايا ڏنا آهن:

1. **چارنائو:** معنيٰ راجستاني زبان ۾ چارڻ وارو مطلب مال چارڻ وارو
2. **اچارڻ:** مطلب ڳالهائڻ جو فن يا شاعري کي خوبصورت انداز سان پڙهڻ
3. **چهر:** مطلب انصاف چاهيندڙ

ٿر جي لوڪ ادب تي ڪم ڪندڙ پارومل امراڻي ”چتر بولي چارڻان“ ۾ لکيو آهي تہ: ’ٿري لهجي جو لفظ چوڪ جنهن جي معنيٰ آهي ڳالهہ پيش ڪرڻ جو خاص انداز. چارڻن جي عقل ۽ فهم جي حوالي سان چئي سگهجي ٿو تہ چارڻ لفظ جو بڻ بنياد اهو لفظ هجي.58” چارڻ جا اهڃاڻ ڏيندي لوڪ ساگر جي ڪوي چيو آهي تہ :

جتي ستي سور وير، سنپو سُت ويچار
چارڻ رڻ ڪلر نهين چارڻ ويد اچار

هندو جاتين ۾ چارڻ کي نهايت عزت ۽ احترام جي نگاه سان ڏٺو ويندو آهي عزت مان ”پارت جي“ يا ”ديوي پتر“ پڻ چيو ويندو آهي. چارڻ سان ملاقات وقت ”جئي ماتا جي“ چئي مخاطب ٿيندا آهن.. چارڻن کي ”ديوي پتر“ چوڻ جو ڪارڻ اهو آهي تہ هندو عقيدي مطابق چارڻن ۾ تمام گهڻيون ديويون پيدا ٿيون آهن. جن مان هيٺيون

---

[58] چتر بولي چارڻان، ص 23



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ مشهور ٽيون 1.هنگلاج ديوي[2]. آوڙ ديوي[3]. پهوچرا ديوي[4]. ڪاراڻي ديوي[5]. ڪوڏيار ديوي ۽[6]. سونل ديوي.انهن مشهور ديوين کان علاوه ٻيون ڪيتريون ئي ننڍيون وڏيون ديويون پوري ننڍي کنڊ ۾ موجود آهن.

ڪاروڙي چارڻ جي ديول ديوي (ڏيول ديوي) انهن مان هڪ آهي. مارو قبيلي جا ڏيتا چارڻ ديول ديوي جي ٿان جا پوڄاري آهن. چارڻن کي نسل در نسل شاعرائي سگهه عطا ٿيل آهي.چارڻن جي تخليقي تجلين جي ڪري چارڻن کي "ڪوي راج" پڻ چيو ويندو آهي. چارڻ ڪوي ۽ ڏاها راجپوتن ۽ سمن جي مکيه درٻارن ۾ شامل رهيا آهن. اڪثر بادشاه کين ڪوتائن ۽ ڏاهپ جي نقطن کان متاثر ٿي تمام وڏن انعامن ۽اڪرامن سان نوازيندا رهيا آهن. چارڻ مهذب, قول ۽ فعل جا سچا رهيا آهن.پنهنجو قول پاڙڻ لاءِ چارڻن ڪڏهن جان جي پرواه نه ڪئي آهي. بادشاه جي اڳيان به بي خوف سچ چئي ڏيندا آهن. ننڍي کنڊ جي رجواڙن ۾ رواج هوندو هو ته جيڪڏهن ڪو ڏوهي به اچي چارڻ جي گهر ۾ پناه وٺندو هو ته وقت جو بادشاه به ان تي هٿ نه کڻندو هو جيستائين اٿين ڪرڻ جي ڪيس چارڻ اجازت نه ڏئي.

چارڻ سماج ۾ عورت جي تمام گهڻي عزت ڪئي ويندي آهي. گهر جي بزرگ عورت کي "ماتا جي" چوندا آهن. گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ جتي ٻاهر لاهي تنهن کانپوءِ گهر ۾ داخل ٿيندا آهن. ڍڳي کي تمام گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي.جنهن ڍڳي جو کير مڙس استعمال ڪندو ته زال انهي ساڳئي ڍڳي جو کير استعمال ڪونه ڪندي آهي. چارڻ اڄ به ڪنهن ٻي ذات مان شادي ناهي ڪندو ۽ نه ئي وري پنهنجي نياڻي ڪنهن ٻي ذات ۾ پرڻائيندو آهي .


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مارو رباري :**

رباري ننڍي ڪنڌ جو مال چاريندڙ قبيلو آهي. هي سماج ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، ’مارو سماج‘ ۽ ’گجر سماج‘. رباري قبيلي جو بڻ بنياد بيان ڪندي ٿر جي نوجوان محقق پارومل امراڻي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته : ’روايتن جي ڪٿا موجب هڪ ڀيري ماتا پاروتي ندي جي ڪناري ويٺي هئي. اتي هن وقت گذاريندي مٽي مان اٺ ناهيو اٺ ناهي شو کي ڇپائين ته هن ۾ ساهه وجهي ڏي. شو جي شڪتي سان اٺ جيئرو جاڳندو اٿي پيو. پوءِ پاروتي شو کي اٺ کي پالڻ جي لاءِ ماڻهو پيدا ڪرڻ جو عرض ڪيو. پاروتي جي عرض تي شو پنهنجي اردگرد نهاريو. سامهون سمالا جو وڻ هو. جنهن جي ڇوڏي مان شو پنهنجي شڪتي سان وري ماڻهو پيدا ڪيو. اهو ماڻهو سمالا جاتي جو رباري آهي.

اٺ جي سنڀال ڪندڙ رباري جون چار نياڻيون ٿيون. جيڪي راجپوتن ۾ پرڻايون ويون. ڪجهه روايتن مطابق 16 نياڻيون ٿيون. انهن جو اولاد راهباري سڏاڻو. لفظ رهباري جو مطلب آهي ٻاهر، اهي مال چارڻ جي ڪري هماليه جي علائقي کان ٻاهر رهندا هئا. راهباري لفظ رباري يا ريباري بڻيو. هڪ راءِ موجب رباري لفظ ريب مان نڪتو آهي. جنهن جي معني آهي ريجهائڻ. انهن سورنهن ڪنيائن جو اولاد راٺوڙ، پرمار، سولنڪي ۽ مڪواڻا گوتر ن ۾ وڌيو. هن وقت 133رباري قبيلي جون نکون آهن.

علم بشريات جي ڪن ماهرن مطابق رباري ’هنن‘ جي پونير مان آهن. جن پنجين عيسوي صدي ۾ سنڌ ۽ گجرات تي حڪمراني ڪئي هئي. رباري جي بادشاهه ميهرڪُل هندو مت قبول ڪيو. ننڍي کنڊ جي وڏي ريگستان جي تاريخ لکندڙ ڪرنل جيمس ٽاڊ پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ’تاريخ راجستان‘ ۾ ربيارين جو تعلق جيسلمير جي ڀاٽي قبيلي سان ڏيکاريو آهي. تاڊ مطابق رباري ڀاٽي راجپوت آهن.

راجپوتن کي’ راءِ پُتر‘ پڻ سڏيو ويندو آهي. لفظ ’راءِپتر‘ مان رباربن تي رائيڪا جو بہ نالو پيو. ڏڳيون پالڻ جي ڪري ڳئوپالڪش نالو پيو. مهاڀارت ۾ ديسا سڏيو ويو. فرسرام جي 21 پيرا راجپوتن جي ’نہ چتري‘ ڪرڻ سان راجپوتن جي 133 نکن چوپايو مال پالڻ جو پيشو اختيار ڪيو. انهن کي ’وهوتر ‘ سڏيو ويو ۽ لفظ ويسوتر جو بڻ بنياد بڻيو. رباربن جي نکن کي ويسوتر بہ چيو ويندو آهي. هڪ رايو آهي تہ هي وچ ايشيا کان آرين سان گڏجي آيا. آرين جو مکيہ پيشو مال پالڻ هو. رباربن جو بہ اهو پيشو آهي.‘59

رباري قبيلو بہ ڏاربن ۾ سڳ نہ ڏيندو آهي نہ وٺندو آهي. هڪ ڀيري هڪ بادشاهہ رباربن کان سڳ گهريو. رباربن بادشاهہ کي سڳ جو جواب ڏيئي اتان لڏڻ جي ڪئي. رات پيٽ ۾ لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. روايتن موجب سنڌ کين دودي سومري پناهہ ڏني. دودي جي شهادت تي رباربن سوڳ ۾ ڪارو ويس ڪيو. اڄ ڏينهن تائين ننگرپارڪر جي ڳوٺن ۾ رباري قبيلي جي عورتن جو ان مان اٽيل ڪارو ويس آهي.

ٿر جو ناميارو تاريخدان محترم منگهارام اوجها لکي ٿو تہ ’ڪڏهن ڪنهن قربائتي ڪچهري ۾ ڳالهہ چرندي آهي تہ مارئي ڪير هئي ؟ تہ رباري چوندا آهن تہ مارئي ربارڻ هئي. اسان جو ويس وڳو بہ ساڳيو آهي. جو مارئي جو هو. آهي بہ ائين. ربارڻيون اجان تائين مٿي تي اوني چني ۽ ان جو گهاگهرو پهريندبون آهن. شادي مهل بہ ساڳيو ويس. البت ڪجهہ يرت يريل هوندو آهي. شاديءَ مهل ڪاريءَ چُنيءَ ۽

59 رباري قبيلو هڪ تعارف. پارومل امراڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري گهاگهري جو ڪارڻ ڏسيندا آهن تہ عمر جڏهن مارئي کي ڪٺي ويو، تڏهن ماروئڙن مهٽي ڪان ڪارو ويس ڪيو هو.' 60

آوڙ ۾ جاسل جي قصي ۾ ايندڙ ڳوٺ رٻاريو جي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هي ڳوٺ اصل رٻارين جو آباد ڪيل آهي. رٻاريو هڪ ٻني جو نالو آهي، جنهن کي رٻاري آباد ڪندا هئا. پرسان رٻارين جي مال جا واڙا ۽ انن جي جهوڪ هئي. هن ڳوٺ ۽ پر واري تر ۾ رٻاري ڪڏهن آباد ٿيا ۽ ڪڏهن لڏي ويا، هڪ تحقيق طلب موضوع آهي.

هن وقت عمرڪوٽ ۽ پر واري علائقي ۾ رٻارين جو هڪ بہ ڳوٺ آباد نہ آهي. پر آڪاڙي واري ميلي ۾ پوري سنڌ ۾ وسندڙ رٻاري اچي گڏ ٿيندا آهن. رٻاري شوءِ ديوي جا پوڄاري آهن.

**مارو ڄائي مارئي :**

سائين رائچند پنهنجي ڪتاب "تاريخ ريگستان" ۾ لکي ٿو تہ "مارئي معنيٰ ماروجي ڄائي يا مارو جي نياڻي. 61" محترم رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب جنت السنڌ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ 'مارئي مارو قبيلي جي حسين ڇوڪري هئي جيڪي عمرڪوٽ جي پرسان رهندا هئا.62' محترم مير علي شير قانع "تحفتہ الڪرام" ۾ لکيو آهي تہ مارئي مارو قبيلي مان هئي ۽ ڳوٺ تلها ۾ رهندي هئي.'63

تلها جو ڳوٺ کهڙي علائقي ۾ هو؟ انهي سوال جا پيرا کڻندي اڳتي وڌجي ٿو تہ ڳوٺ تلها تہ نتو ملي پر نهيڙ جي علائقي ۾ لوڻي ندي جي ڪناري تي بالوترا جي ويجهو ڳوٺ تلرا يا تلواڙه ملي ٿو. جتي

---

[60] پراڻو پارڪر، منگهارام اوجها. ص

[61] تاريخ ريگستان ص 67

[62] جنت السنڌ ص 270

[63] تحفتہ الڪرام سنڌي ترجمو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. ص 122



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بالوترا کان جوڌپور ريلوي لائين تي ننڍڙي ريلوي اسٽيشن پڻ آهي.
پٽ ڏٽي نهيڙ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ :

ڪاٽڙ ڪنوي سومرا، نئيڙ پريا نير.
وري چڙهيم چت تي، ڪاٽويا ۽ ڪير.
ڪوٽيپا ڪڪوريا، پڪا گم گنڍير.
هاجو ڪري همير، باالله هٽين ٿو بند ۾.

—

ڪانڌي عمرڪوٽ ۾ تاريلا ٽيندا.
جنازو مون جڏي جو نهيڙ پاس نيندا.
سرپوش سيد چئي باباٽا ٻڌندا.
پنهوارات پڙهندا، مون ڪتيري جو ختمو.[64]

مير علي شير قانع مارئي بابت وڌيڪ وضاحت نہ ڪئي آهي نہ وري چوڏهين صدي جي آوڙ بابت وڌيڪ مواد ملي ٿو.
ڪاڇي جو شاعر حيات لغاري[65] پنهنجي هڪ شعر ۾ چوي ٿو تہ:

جڏهن عمر ڪنئي هئي مارئي، تڏهين چارڻ هئا چوڏار،
شاعر عبداللطيف هو، جنهن ڪي هئي ڳجهہ جي خبر چار

سڀ کان وڌيڪ پختي ۽ مستند شاهدي ڀٽائي صاحب جو رسالو آهي جنهن ۾ 100 کان وڌيڪ ڀيرا لفظ مارو استعمال ٿيل آهي جنهن ۾ مارئي جو مارو سان ازل کان ۽ اڻ ٽٽ رشتو ڄاڻايو ويو آهي. هيٺيون بيت انهي ازلي رشتي جو ثبوت آهي :

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪو لگ لحم،
بنيو هو نہ بت ۾ اجان ڪو آدم

---

[64] سگهڙ شفيع محمد چانڊئي (ڳوٺ علي مراد چانڊيو) کان مليل بيت
[65] ڪليات حمل ص 20


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون **مارو** سين سڱ ، سو ئي آهي سومرا.

شاه صاحب وري مارئي جي واتان پنهنجن مائٽن جو تعارف نهايت سادن ۽ خوبصورت لفظن ۾ هن طرح سان ڪرائي ٿو :

ننگا آهيون نڱيا، اسين **مارو** لوڪ.
ٿر ڪي پانيون ٿوڪ، جو ڏڪ ڏاتيئڙن جو.

هڪ ٻي بيت ۾ مارئي جي واتان چوي ٿو تہ :

مائٽ منهنجا سومرا، **مارو** نہ ميرا،
اٿيو ڏين اسر جو، پر پٿين پيرا،
پنهوارن پيرا، ويڙهہ ۾ ويڙهيچن جا.

ڀٽائي جي شاعري ۾ مارئي جڏهن پنهنجن ”مارو“ مائٽن جا اهڃاڻ ۽ رهڻي ڪهڻي بابت ٻڌائي ٿي تہ نهايت خوبصورت انداز ۾ بيان ڪري ٿي :

هي پونگا پيٽيون، هي چلها، هي چٽ،
ڪي ڏينهن جيڏين، سنها ڪيا سُٽ،
سي هنڌ پسي سومرا، لڙڪ وهايم لٽ،
**مارو** منهنجا مٽ، اوني ويئڙا اڪري.

ڀٽائي صاحب جي هڪ وائي جي سٽ هن طرح آهي :

آئون **مارو** جي آهيان، مون ڪي مارو جو آسرو.

ڀٽائي صاحب جو هڪ بيت ڪجھ هن ريت آهي تہ :

ڪريو مهاڙ ملير ڏي، روءِ اُڀي چوءِ،
سهج سوري پائيان، سومرا سندوءِ،
ملڪ **مارو** جي آهيان، زور نہ ٿيان جوءِ،
سو قلب ڪوٽ نہ هوءِ، جو هُتي جين هٿ ڪيو.

ڀٽائي صاحب جڏهن مارئي جي واتان سندس مائٽن جي ڳاله



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو جن جو گذر سفر مال تي آهي تہ نهايت سهڻن لفظن ۾ منظر ڪشي بيان ڪري ٿو :

هن مند **مارو** سنرا، ويڙهين وڳ چارين،
چنن چيڪاريو چيلڙا، پٽين پهرائين،
نيڻ منهنجا ان ڪي، جهجيو جر هارين،
تاڙا تنوارين، مينهن وسندا موٽ تون.

پٺائي صاحب مارئي جي ٻانهن ۾ سندس مارو مائٽن جي ٻڌل سڳي ڪي عمر جي سون ڪان مٿيرو ڄاڻائيندي مارئي جي واتان چورايل هي بيت انهي ازلي رشتي جو ثبوت آهي :

مون **مارن** سين لڏيون، لوئي ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون ڪي ٻانهن ٻڌائون،
سو آئون، ڪئين پٽ پهريان سومرا.

مارئي پنهنجي ريت روايت بيان ڪندي چوي ٿي تہ :

اي نہ **مارن** ريت، جو سيڻ مٽائين سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪان ڪُہ ريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نہ مٽيان.

پٺائي صاحب مارن جي سادي رهڻي ڪهڻي جو نقشو چٽيندي چوي ٿو تہ :

وَرُ سي وطن ڄايون، صحرا ستر جن،
گولاڙا ۽ گگريون، اوچڻ اباڻن،
ويڙهيا گهمن ولين، جهانگي منجه جهنگن،
مون ڪي **ماروئڙن**، سڄ ڳٺائي سيج ۾.

پٺائي سائين مارئي جي واتان مارن جي لاءِ ميارن جا جهول ڀرڻ پيري ٿو تہ :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڙين ماريس ڪينڪي، ميس **مارن** لاءِ،
ڪر نہ لڏائون ڪڏهن، منهنجي اچي ماءِ،
سانيهڙا سدا، وينو واجھ وجهي هينئون

مارئي جي مارن سان محبت جي انتها تہ اها آهي جو هُو وصيت ڪري ٿي تہ جيڪر عمر جي ماڙين ۾ مارن کي سارينديءَ منهنجو ساهہ نڪري وڃي تہ منهنجو مڙهہ ملير ڏانهن موڪلجو:

مارن ڏاران مارئي، جي هتي ڏئي ساهہ،
تہ سري منهنجي سومرا، قيد م ڪريجاهہ،
ساٿيہ ڏي سيد چئي، ڪلي ڪٽيجاهہ،
**مارن** مٿي نجاهہ، تہ لوئي لج رهي.

اهڙي طرح پٺائي صاحب ڪيترن ئي بيتن ۾ مارئي جو رشتو مارن سان جاڙائي ٿوان سلسلي ۾ پٺائي جو هر بيت هڪ وڏي سند آهي.

## ستي :

ستي عصمت واري يا پاڪدامن عورت کي چئبو آهي. راجپوتن جي پراڻي رواج ۾ جيڪڏهن ڪنهن عورت جو مڙس مري وڃي ٿو اها عورت پنهنجي مڙس سان گڏ پاڻ کي چڪيا تي چاڙهي جيئري سڙي وڃي تہ اهڙي عورت کي پڻ ستي چيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ويرگتي پائيندڙ سورهيہ پٽ سان گڏ ماءُ . پاءُ سان پيڻ پڻ ستي چڙهندي هئي. ٿر ۾ عمرڪوٽ جي راجپوتن جي قديم قبرستانن ۾ ستين ٿلها يا آستان موجود آهن. ستين جي ڪن هنڌن تي لورنيون (هڪ قسم جو يادگار پٿر) لڳل آهن.

پارومل امراڻي پنهنجي ڪتاب 'چتر بولي چارڻان' ۾ لکيو آهي تہ چڪيا چڙهندڙ عورت پنهنجي هٿن سان تياري ڪندي هئي. ستي ٿيڻ کان اڳ ۾ گوٺ جي ماڻهن کي سيرو رڌي کارائيندي هئي، ٽپندڙ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديگ ۾ روايت موجب ڏوئي طور هٿ استعمال ڪندي هئي. انگريز دور ۾ انهي رواج تي پابندي وڌي ويئي.66

شاه عبداللطيف ڀٽائي پڻ مارئي کي ستي ڪوٺيو آهي. ڪيترائي بيت آهن جن ۾ مختلف حوالن سان ستي جو ذڪر آيو آهي. جئين هيٺين بيت مارئي کي پنهنجو ست سلامت رکڻ جي صلاح ڏيندي فرمائي ٿو ته :

ستي تنهنجي ست ۾، ڳاله گهرجي ڳچ،
وڏيو چيريو چچريو پر ۾ اپي پچ،
ساڻ امانت اچ، ته تئين سماني ساٿيه ۾.

هن عصمت واري عورت کي پنهنجي ست نڀائڻ تي ڪيڏو نه ڀروسو آهي :

سيل ڀڃڻ جي سومرا، مت ۾ آڇ مير،
گهٽين ٿورين ڏينهڙين، ويندس هُت همير،
مچڻ منجه ملير، ڪنڌ مٿاهون نه ڪٽان.

ڀٽائي صاحب نهايت ئي خوبصورت مثال ڏيندي مارئي کي سمجهائي ٿو ته :

جا ڪي ستي سيل،تان ڪئين ويهندس ڪوٽ ۾ ،
سپ سمونڊين سپجي، ندي پيئي نه نير،
جئين هو ابر آسري، تئين مون من ملير،
ڪاهڙ پئين ڪير، جي امانت اُت وڃي.

مارئي پنهنجي سهيلين ۽ پيٽڻ جي عصمت جي ڳاله ڪجه هن طرح سان ڪري ٿي :

ٿوهر، ڪوهر، ٿر، جت سانيڪا ۽ ستيون،

---

66 چتر بولي ۽ چارڻان ص 64



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارين ٿيون چاه پٽي، پاسي ڦوڳن ڦر،
ڪير لهندو ڪر، مارو پاڻ اپاريا.

هن سٽي جو جيڪو حال عمرجي قيد ۾ آهي ان کي ڀٽائي صاحب ڪجھ هن طرح سان بيان ڪري ٿو:

ڪيو مهاڙ ملير ڏي، اُپيائي آهي،
جا مٿي ڏنس ماروين، سا لوئي نہ لاهي،
سومرا اساهي، **سٽي** وجھ م سنگھرون.

مارئي جو جيڪو حال قيد ۾ آهي ان جو نقشو ڪجھ هن طرح سان چٽيو اٿس:

سبي سيبا ڏئي، پوري نيهن نہ ڪجيو،
ڪٿي وٺيون ڪٿيون، **سٽي** سيري سي،
مچڻ چونم ڪي . تہ لڄائيي تر جايون.

مارئي عمر کي ڪجھ هن طرح سان مخاطب ٿئي ٿي:

عمر اُت اماڻين، جت وبڙهيچا وسيل،
ملائين ملير ۾، **سٽي** پنهنجي سيل،
جنهن اڳ نہ پڳئي ايل، تنهنجا مچڻ راج روئارين.

مارئي جي سهيلين جو ذڪر ڪجھ هن طرح سان ڪري ٿو:

سي ساهيڙيون سارين تو، **سيل** جنين ست.
ماروي ويہ م هت، شيهو پائج سون کي.

—

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽن ۾، لوئي هڏ م لاهہ،
ڪامڻ آهنجي ڪر جي، اڏ وڏائي آهہ،
هت م پارج هيڪڙو، پائر جي پساهہ،
سٽي سيل نباهہ، پائر ويندين مارئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽائي صاحب مارئي جي بلند ڪردار جي تعريف ڪندي سندس مارو مائٽن کي جس ڏئي ٿو جن اهڙي مضبوط اعصاب واري عورت کي جنم ڏنو. ڀٽائي چوي ٿو ته :

جنهن ستي ست نہ ڇڏيو سا مارئي مرڇائي،
اچي عمرڪوٽ ۾، لڄ نہ لڄائي،
سا پئي بنديا ٺي بند ۾، ڪونين ڪنبائي،
جا سانگين سڏائي، سا مور نہ مرڪي ماڙين.

## عمر، همير ۽ سومرو :

شاه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري جا اڪثر محقق انهي ۾ الجهيل رهيا آهن تہ عمر ۽ همير سومرو هڪ ڪردارجا نالا آهن يا ٻہ ڌار ڪردار آهن. شاه سائين پنهنجي رسالي جي سر عمر مارئي ۾ مارئي ۽ سندس مائٽ مارن سان ظلم ڪرڻ جي حوالي سان عمر۽ همير سومري کي ذميوار قرار ڏنو آهي.

ڀٽائي صاحب جي شاعري جي خوبصورتي اها آهي تہ جنهن بہ قصي کي ڀٽائي ڳايو آهي تہ انهي علائقي ۽ اتي جي ڪهاڻي ۾ جاڳايل ڪردارن جو بذات خود وڃي مشاهدو ڪيو اٿس. اهڙي ڪنهن بہ ڪردار تي طبع آزمائي نہ ڪئي اٿس جنهن جو پاڻ وڃي مشاهدو نہ ڪيو هجيس. سر مارئي لکڻ جي لاءِ ٿر ۽ عمرڪوٽ جي ڀٽن ۽ ڏهرن مان لانگهائو ٿيو هو. پنهنجي مطالعاتي ۽ مشاهداتي دوري کان پوءِ ڀٽائي صاحب انهن ڪردارن کي تمثيل طور استعمال ڪري پنهنجي آفاقي پيغام کي عام ماڻهو تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڀٽائي صاحب پنهنجي شاعري ۾ پوري سنڌ جيان ٿر جي علائقي جي تاريخ، جاگرافي، معيشت، سماج ۽ سياست جا عڪس نهايت منفرد انداز ۾ پيش ڪري ٿو. عمر مارئي جي قصي ۾ اتي جا ماڳ ۽ مڪان،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون، کاڌو خوراڪ، وڻ ۽ ٻوٽا، چوپايو مال، گهر ۽ گهاٽ، پٽون ۽ لڪ، گاهه ۽ ٻوٽا مطلب تہ هر شيءِ جو ذڪر تفصيل سان ملي ٿو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي هن علائقي (ٿر ۽ عمرڪوٽ) ۾ اچڻ جو ذڪر مرحوم محترم معمور يوسفاڻي صاحب پنهنجي ڪتاب "لطيف جا ٿر تان پيرا" ۾ نهايت ئي تحقيقي نموني سان ڪيو آهي.

هاڻي اچو تہ انهن ٻنهي ڪردارن کي تفصيل سان ڏسون تہ ڀٽائي صاحب انهن ٻنهي ڪردارن کي مارئي ۽ سندس مائٽن سان ظلم ڪرڻ جو ذميوار قرار ڇو ڏنو آهي.

**همير سومرو :**

سنڌ تي سومرن جي ٽي سو سالا حڪومت جو آخري حڪمران همير سومرو جيڪو پونگر ٻئي کانپوءِ گادي تي ويٺو سندس گادي جو هنڌ عمرڪوٽ هو. هن آخري همير کان سواءِ ٻيو ڪو بہ همير سومرن جي تاريخ ۾ عمرڪوٽ تي حاڪميت ڪندي نٿو ملي.

سومرن جي صاحبي جي قصن ۽ ڪهاڻين ۾ هڪ ٻيو همير ملي ٿو جنهن ڪڇ جي ڄام پونئري جي گهران شادي ڪئي هئي. هن همير سومري ڄام پونئري جي مدد ڪندي ڪانياواڙ جي دنگ تي وير گجر کي ماريو هو. 67 سنڌ ۾ مشهور تاريخ جي ڪتابن 'تاريخ معصومي'، 'تحفتہ الڪرام،' 'دولت علويہ'، 'چچ نامو' ۽ 'تصوير سنڌ' ۾ هن همير جو ذڪر نٿو ملي. ٿر جي نامور ڪهاڻيڪار ۽ محقق حاجي محمد ڪنير پنهنجي هڪ مضمون ۾ همير سومري کي مهاتم تور (مامتور) ۾ راڄ ڪندڙ حاڪم ڏيکاريو آهي. 68

---

[67] ڳاهن سان ڳالهيون. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص 83

[68] ڪاوش دنيا، آچر 14 آڪٽومبر 2018ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمر ڪوٽ جي حاڪم همير سومري سوڍن راجپوتن مان شادي ڪئي هئي ۽ راڻوميندڙو سندس سالو ۽ وزير پڻ هو. روايتن موجب همير سومري جي حڪومتي دور ۾ سندس پائتي عمر بن محمد چوڏهين صدي جي آوڙ جي سگ جي لاءِ چارڻن سان تڪرار ڪيو هو. اهو ئي عمر مارئي جي قصي سان پڻ لاڳاپيل آهي. اڪثر محقق عمر مارئي جي قصي ڪي عمر پهرين يا عمر ٻئي سان منسوب ڪندا آهن نتيجي ۾ انهن کي ڪي به اهڙا اهڃاڻ ڪونه ملندا آهن جن سان اصل حقيقتون ظاهر ٿين.

چون ٿا تہ همير سومري جي راجپوتاڻي گهر واريءَ کي چارڻن سان خاص عقيدتمندي ورثي ۾ مليل هئي. هن کي جڏهن چارڻن سان تڪرار جو پتو پيو تہ گهر ۾ وڏي ويڙهاند ڪيائين.شرط رکيائين تہ جيستائين چوڪري پاڻ راضي نہ ٿيندي تيستائين هن جي شادي عمر سان نہ ٿيندي. چارڻن سومرن جي ظلمن تي ڏمرجي سومرن جي صاحبي وارو علائقو ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. ڪاروڙي جو پورو ڳوٺ خالي ٿي ويو.69

چوڏهين صدي جي آوڙ لوڪ ڪهاڻي آڏار ڳالهين جا ڳوڻڙا ٻڌندڙ ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چون ٿا تہ عمرڪوٽ جو علائقو ڇڏيندڙ هن قافلي جو پهريون پڙاءَ ڪاهوڙ جي ڳوٺ ڏاهلي ۾ ٿيو جتي رانوڙن جي ننڍڙي رياست هئي ۽ انهن هن قافلي جي نهايت گرمجوشي سان آجيان ڪئي. اتي سيني گڏجي فيصلو ڪيو تہ ڪجهہ چارڻ ۽ انهن سان گڏ ايندڙ ماڻهوجيسلمير ڏانهن ويندا جتي راجا گهڙ راءِ کين پناهہ ڏئي ڳوٺ جهرڪلي ۾ رهائيندو.70

---

[69] لطيف جا تر تان پيرا ليکڪ معمور يوسفاڻي. ص 120

[70] گهڙ راءِ تي تحقيق جي ضرورت آهي. * لاکي مطابق انڙ ۽ پنهور مطابق ابڙو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ روايتن موجب, آوڙ جي مائٽن لاءِ اهو طئي ٿيو تہ اهي پائر يا سامروٽي ۾ سمي حاڪم وٽ دانهن ڪٽي ويندا. انهي وقت مارواڙ ڪڇ, ڏکڻ اپرندو تر ۽ لاڙ جي ڪجهہ علائقي تي انڙ سمي جي حڪمراني هئي. ممڪن آهي تہ تلها جو ڳوٺ بہ سمن جي سلطنت ۾ شامل هجي. ان وقت سمن جي راڄڌاني يا گادي جو هنڌ ڏيپلي تعلقي جي ٽيپي ڪاڙڪ ۾ هو جنهن جا آثار اڄ بہ ڳوٺ پاتار جي ڀرسان هڪ پڙي جي صورت ۾ موجود آهن. سمان سياري جي موسم ۾ وري ڳوٺ سمان ننگر ۾ اچي ديرو ڄمائيندا هئا جيڪو هاڪڙي جي اپرندي ڪناري تي موجوده نئون ڪوٽ قلعي جي ڀرسان هوندو هو جتي اڄ بہ هڪ پڙي جي صورت ۾ آثار موجود آهن71

سمي حاڪم ڏانهن فريادي ويندڙ چارڻن جو هي مختصر قافلو ڏاهلي چڌڻ ڪانپوءِ ڏٺ مان ٿيندو اچي پائر جو پنڌ لتاڙي سامروٽي جي علائقي ويڙهيجهپ ۾ پهتو.

ان وقت انهي علائقي ۾ ابڙي؛ سمي جي بادشاهي هئي چاڪاڻ تہ محترم ڊاڪٽر غلام محمد لاکو صاحب پنهنجي ڪتاب "سمن جي سلطنت" ۾ ڄاڻائي ٿو تہ, حمير سومري جي حڪومت جو خاتمو ابڙي سمي جي هٿان ٿيو هو.'72

چارڻ انڙ جي دربار ۾ پهچي دانهن ڏني تہ هن سان همير سومري ڪهڙي طريقي سان زيادتي ڪئي آهي. چارڻ جي شڪايت ٻڌي انڙ سمي پنهنجي درباري شاعر سومنگ يا سمنگ چارڻ کي ايلچي ڪري همير سومري وٽ موڪليو. محترم معمور يوسفاڻي پنهنجي ڪتاب "لطيف جا ٽر تان پيرا" ۾ انڙ جي ايلچي ٿي ويندڙ سمنگ کي ڇهين

---

[71] ست سورهہ ڏهہ ڏاتار صفحو نمبر 67

[72] سمن جي سلطنت صفحو نمبر 31



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدي عيسوي جي مشهور سمنگ چارڻ جي خاندان مان هجڻ جي تصديق ڪري ٿو.73 بهرحال جڏهن سمنگ چارڻ (بيو) سومري حاڪم جي دربار ۾ پهتو تہ همير ڪانئس فرمائش ڪئي تہ تون سدائين سمن جي ساراهہ ۾ خوبصورت دوها چوندو آهين اڄ سومرن لاءِ ڪجهہ چئو. سمنگ جي اندر ۾ پنهنجي چارڻ نياتي جي ڪوڪ ويٺل هئي، هن اچي چيو تہ :

سهر ٿيا سومرا، ڏهر تن پرجا،
همير جس ماتا، چارڻ چوندو ايترو.

هڪ ٻي شعر ۾ چوي ٿو تہ :

ستاويهين سهاءُ، ڪئي اٺتيهين اونداهہ،
هميراٺي باهہ، ٻري نہ ٻري جهڙي

جڏهن حمير سومري اهي بيت ٻڌا تہ تپي باهہ ٿي ويو ۽ سمنگ چارڻ کي قيد ڪرائي ڇڏيائين. چارڻ کي جڏهن قيد ڪيو ويو تہ هن قيد مان هڪ شعر پاراتي جي شڪل ۾ ڏنو جيڪو هنين ريت آهي:

ڍري ڍوري راءُ، جنهين چارڻ سان ڪاهہُ،
پتڻ پٽي جو ٿيو سيج وتايو ساهہُ،
هميران پو راهہُ، راڄ نہ ڪندا سومرا.[74]

تحقيق اها بہ ٿيڻ گهرجي تہ هي ڳاهون ڪهڙي سمنگ چارڻ جون آهن؟ هي شعر ٻي سمنگ چارڻ جا آهن تہ پهرين جا شعر ڪهڙا آهن. جنهن سمنگ جو ڀٽائي پنهنجي شاعري ۾ ذڪر ڪيو آهي اهو ڪهڙو آهي؟

مجموعي طور تي سومرن تي گهڻ پاسائون زور اچي پيو تہ

---

73 لطيف جا ٽہ تان پيرا صفحو نمبر 108.
74 همراٺي جا مور صفحو نمبر 45



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چارڻن ڪي تنگ ڪرڻ بند ڪري انهن سان ظلم جو ازالو ڪيو وڃي.

مجموعي طور چارڻن ۽ سومرن جي تڪرار مان هي ڳالهيون ڪر ڪڍڻ ٿيون ته:

1. همير سومري جا ساهورا يعني سوڍا راجپوت جن جي چارڻن سان عقيدتمندي هئي، انهن به چارڻن جو پاسو ڪنيو.

2. سمن حڪمرانن طرفان به زور پوڻ شروع ٿيو چاڪاڻ ته آوڙ چارڻياڻي وارا سمن جي رعيت مان هئا ۽ سما چارڻن جي عزت ڪندڙ رهيا آهن.

چوڏهين صدي جي آوڙ واري ڪهاڻي لوڪ روايتن جو حصو آهي. جنيت انهي قصي بابت مختلف سوال اٿاريا آهن.چارڻ سگهڙ چوڏهين صدي جي آوڙ جي ڪهاڻي ڪي رد ڏين ٿا. ان ڪري هن موضوع جي حوالي سان وڌيڪ سائنسي بنيادن تي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

پٺاڻي سر مارئي ۾ همير جو تذڪرو ڪيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي مرتب ڪيل رسالي ۾ يارهن مختلف بيتن ۾ همير سومري جو ذڪر ملي ٿو. ممڪن آهي ته ٻين رسالن ۾ وڌيڪ بيتن ۾ سندس ذڪر موجود هجي. ڪجھ بيت نموني طور هيٺ ڏجن ٿا. پٺائي صاحب جي هڪ وائي جي سٽ هن طرح آهي.

هميراڻا هنڙا، مهري ڪين مڃيندي

هتي هميراڻي جو مقصد همير جا پونئير يا سندس اولاد ٿي سگهي ٿو. چاڪاڻ جو پاڻ وٽ اڪثر همير جي پونئيرن کي هميراڻي، جمعي جي پونئيرن کي جماڻي يا ڦلو جي پونئيرن کي ڦلاڻي چوندا رهندا آهيون. اهڙو ئي هڪ ٻيو بيت ڪجھ هن ريت آهي ته:

جي گھرگھاريم ڏينهڙا هيڪاندي حضور

سيئي سڪان ساريان، پچان پائر پور،
هميراڻا هتڙا ڪين مجيندس مور،
سنجهي ست گذاريان، اچي شال اسور.
دران ٿيان م دور، مارو چام ملير جي،

هڪ ٻي وائي جي سٽ آهي :

ايي ارداسون ڪري هميراڻي حضور.

هتي پتائي صاحب مارئي هٿان همير جي حضور ۾ درخوست ڏياري ٿو انهي ڳالهه تي ڪجهه ماڻهن کي اختلاف آهي ته. جيڪڏهن مارئي عمر بادشاه جي هٿان کڄي ها ته درخواست به عمراڻي حضور ۾ پيش ڪئي وڃي ها پر هتي ته درخواست هميراڻي حضور ۾ پيش ڪئي پئي وڃي. ظاهر آهي ته درخواست بادشاه جي دربار ۾ داخل ڪبي ۽ جنهن وقت مارئي کڄاڻي ان وقت عمرڪوٽ جو بادشاه حمير سومرو هو. ٻئي هنڌ وري ڪجه هن طرح درخواست ڏئي ٿي :

ميندا ڏوئي نه ماروي، آهيس من ملير،
ڪڏي ته ڪاڻ لهي، هت هي همير،
ڪانڙ پيئن ڪير، جي امانت ات وڃي.

وري پنهنجي گڏن جي ڳهير مارن جو ذڪر ڪجهه هن طرح سان ڪري ٿي :

جيئن ڳنديون منجهه ڳنڊير،تيئن مون من ماروئڙن سين،
سي مارو تر تيا، جي ڳالهين جا ڳهير،
تني ري همير، گهنگهر گهاريان ڏينهڙا.

اڳتي وري سرتين جيڪي وڃڻ موڪليا اٿس تن جو ذڪر ڪري چوي ٿي ته:

اج اڏنگا وڃڻ، مون کي مڪا جيڏئين،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاريا **هميرن** جا، جيڪس ڪاڏئي ڪيڻ،
سانپيئڙا ۽ سيڻ، جيڪس ويئڙا وسري

وري پنهنجي اباڻن طرفان ڪا خبر چار نه اچڻ تي ڪجھ هن طرح سان شڪايت ڪري ٿي ته :

نه ڪا خبر نه ڪو خواب، نڪو اوني آيو
هُتي جن هت اچي، ڏنو ڪونه جواب،
**همير**ن حساب، ڪوهه جاڻان ڪيئن ٿيو.

وري جڏهن سندس مائٽن جو همير سان صلح ٿئي ٿو ۽ مارئي واپس ٿيڻ جو ٻڌي ٿي ته خوشي مان ڪليو هن طرح سان چوي ٿي ته :

اني تي وراڻ، ڪينءِ واڏايون آئيون،
لٿي لوئڙيارئين مڙني منهن ڪاڻ،
صلح واريو سومري، چئي پنهوارن پاڻ،
**همير**ئون هاڻ، مهت لهندي مارئي.

## عمر سومرو :

سومرن جي صاحبي ۾ ٻه عمر سومرا بادشاهه ٿيا آهن. عمر پهريون جنهن دور ۾ حاڪم هو ان وقت سومرن جي راڄڌاني جو ماڳ نري هو.[75] عمر ٻئي جي دور ۾ 1332ع ڌاري خلجين جي گورنر ظفر علي خان جي حملن ۽ سنڌو درياه جي رخ بدلائڻ جي ڪري وڳه ڪوٽ تباه ٿي ويو. سومرن عمرڪوٽ کي پنهنجي گادي جو هنڌ ٻڻايو ۽ اتي نئون شهر آباد ڪيو. عمر ڪانپوءِ پونگر تيون گادي تي ويٺو ۽ پونگر ڪانپوءِ سومرن جو آخري حڪمران همير سومري کي حڪومت جون واڳون مليون. سندس هڪ پاءُ محمد نالي هوندو هو جنهن جي

[75] تصوير سنڌ ص 51



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پٽ جو نالو عمر هو. اڄ ڏينهن تائين مختلف محققن مارئي جي قصي کي عمر پهرين يا عمر ٻئي جي دورن ۾ پئي ڳوليو آهي. جڏهن ته هي واقعو همير سومري جي دور ۾ وقوع پذير ٿيو آهي تڏهن ته ڀٽائي صاحب عمر مارئي جي قصي ۾ همير سومري جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. جيڪڏهن ڀٽائي صاحب جي بيتن جوجائزو وٺجي ته جن بيتن ۾ همير سومري جو ذڪر اچي ٿو اتي عرضداشت ٿيل آهي يا مارئي جي مائٽن جو ذڪر آهي ۽ ٻولي به نهايت فصاحت بلاغت واري استعمال ٿيل آهي. آخر ۾ صلح به همير سومري سان ڪئي وڃي ٿي نه ڪي عمر سومري سان. اڳتي ڪجهه انهن بيتن جو جائزو وٺنداسين جن ۾ عمر سومري جو ذڪر اچي ٿو. اوهان ڏسندئو ته نهايت ترش ٻولي استعمال ٿيل آهي. ڪيس ڏوهي قرار ڏنو ويو آهي، ويڻ ۽ پاراتا پڻ ڏنا ويا آهن. اها ڀٽائي صاحب جي خوبصورتي آهي جو ڪٿي به اخلاق جو دامن هٿان نه ڇڏيو اٿس ۽ نهايت فصاحت سان پنهنجي ڳاله ٻڌائي آهي. هيٺين بيت ۾ ڀٽائي صاحب عمر کان انصاف جي گهر ڪري ٿو ۽ پاراتو به ڏئي ٿو:

ميڻيا ڏوئي نه مارئي، نه ڪلي نه ڪائي،
عمر جي انصاف جا، ويني وساما ڳائي،
هي جا ڪيئي هاءِ، مهندا ايندئي منهن ۾.

وري هيٺئين بيت ۾ سنئون سڌو عمر سومري جو نالو وٺي ڏوهي قرار ڏنو ويو آهي.

عمر ماروئڙن جو، تر تر اندر تان،
سڀ وينا سومرا، تنهنجو ڳنهن نانءُ،
اتي ويندس آءُ، لوئي لڄ مٿي ڪري.

جڏهن مارئي کوه تان ڪڄاڻي ته سندس سرتين کوه تان پاڻي ڀرڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڏي ڏنو. ڀٽائي صاحب منظر ڪشي ڪيئن ڪئي آهي اچو تہ ڏسون ٿا:

ستي ڳاله سئي، سرتين سنجهڻ چڏيو
ماروئڙي محلن ۾، اڳي ڪون هئي،
**عمر** آئون نہ مئي، ان اوبالان اڳئي.

هيٺيون بيت بہ ڪافي غور طلب آهي جنهن ۾ ويڻ بہ آهن تہ دعا
بہ آهي:

باالله آهيان بند ۾، ڏئان ڪيئن ڏہر،
ويڻ ورائي ناهي ڪا، سومرو سہر،
ميان مهربان تون ڪر، الاهي عمر،
تہ ويڙه پسان سرور، جيڏانهن عالم آسرو.

ڀٽائي صاحب هيٺئين بيت ۾ مارئي جي مائٽن جا انتهائي
خوبصورت نموني سان اهڃاڻ ٻڌائي ٿو ۽ سندن پارت پڻ ڪري ٿو تہ
انهن ڏکويلن کي وڏيڪ نہ ڏکوئجان:

پلر پٽيڻ، اُن اوڍڻ، جن جا پير مٿي پٽ پاڪ،
وبهڻ وٿاڻن ۾، ان جي اجوڪي اوطاق،
پاڻ نہ پسن پاڻ کي، وبچارا بيباڪ،
**عمر** اُوءِ م آڪ، ڏکوئيا جم ڏکوئين.

مارئي ٻانهن ۾ ٻڌل مارن جي سڳي کي سون برابر ڄاڻائيندي
چوي ٿي تہ پنهنجا پَٽَ مون کي نہ آڇ :

سون برابر سڳڙا، مارو سندا مون،
پٽولا پنهواربن کي، **عمر** آڇ مَ تون،
ور لوئي جو لوُنءِ، ڏاڏاڻن ڏنم جا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب چوٿون

# سر مارئي ۾ آيل ماڳ مڪان

1. ڪاروڙو : يعني ڳوٺ ڪاروڙوچارڻ
2. ولهار: ڪاروڙي ڪان ڏکڻ ۽ عمرڪوٽ ڪان اتر اپرندي ۾ ڍنڍ
3. عمرڪوٽ : جيڪو سومرن جو تختگاه هو
4. موهر /موهراٽو/ مهراٽو: ٿر جي هڪ علائقي جو نالو
5. ڪائڙ : ٿر جي هڪ علائقي جو نالو
6. ڏاهلي : ٿر جي علائقي ڪاهڙ ۾ موجود ڳوٺ جو نالو
7. ڍٽ : ٿر جي هڪ علائقي جو نالو
8. پائر: ٿر جي هڪ علائقي جو نالو
9. ويڙهيجهپ: ٿر علائقي پائر ۾ موجود هڪ ڳوٺ جو نالو
10. ڪوهه: هي ڪوهه اڄ بہ قتل حالت ۾ درگاه نماڻون شاه ڪان اتر اولهندي طرف موجود آهي.

### ڪاروڙو :

ٿر ۽ عمرڪوٽ ۾ ڪاروڙي جي نالي سان مختلف ڳوٺ آباد آهن.تن ۾ قابل ذڪر ڪاروڙوچارڻ(عمرڪوٽ). ڪاروڙوسيد( عمرڪوٽ)ڪاروڙوو فقير (نماڻو شاهہ عمرڪوٽ ) ڪاروڙو ورڻ (ڏيپلو) ڪاروڙو ( ننگرپارڪر) آهن. پر سين ۾ قديم ڪاروڙو چارڻ آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪتاب جي پهرين صفحن ۾ ٿي چڪو آهي. پيٺائي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائين جي مشهور بيت: 'ڪاروڙيان ڪٽي ويڙهي جهپ ويا' کي ڪن محققن ڪاروڙي ورڻ سان منسوب ڪيو آهي پر اهو ٻڌائي سائين ڪاروڙي چارڻ جي حوالي سان ڇيو آهي. ڪاروڙي چارڻ جي ٻير سان عمرڪوٽ ۾ ولهار آهن.

**ولهار :**

ولهار لفظ جي معني گاهه وارو ميدان يا گاهه ۾ وٽڪار واري جاءِ. اها معنيٰ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌي لغات76" ۾ ڄاڻائي آهي. جڏهن ته ولهار ٻيل نالي هڪ ڳوٺ عمرڪوٽ کان اتر اڀرندي طرف موجود آهي. ان کان علاوه روينيو رڪارڊ ۾ ديه ولهار تپي عمرڪوٽ ۾ اڄ بہ موجود آهي. ماضي ۾ تمام مشهور ولهار ڍنڍ هوندي هئي جيڪا عمرڪوٽ ٻرسان وهندڙ هاڪڙي درياه مان موجوده ڳوٺ هيراآباد کان نڪرندي هئي. اها ڍنڍ هيراآباد کان نڪري ولهار ۾ ڪاروڙي وچان ٿيندي شو مندر جو اڀرندو پاسو ڏيئي موجوده ڳوٺ ڪاروڙو چارڻ کي اچي لڳندي هئي. ولهار ڍنڍ جي ڏکڻ پاسي ڳوٺ ولهار ٻيل، اڀرندي پاسي ڳوٺ ڀهڙائي، اتر پاسي ڳوٺ ڪاروڙو ۾ الهندي پاسي هاڪڙو درياه وهندو هو جيڪو اچي هن ڍنڍ کي ڀريندو هو. ڍنڍ ٻارهن ئي مهينا پاڻي سان ڀريل رهندي هئي. هن ڍنڍ تي ڳوٺ ڪاروڙي کان عمرڪوٽ اچڻ وڃڻ لاءِ درگاهه نماڻي شاهه کان هيٺ هڪ پتڻ هوندو هو.

ڳوٺ ولهار ٻيل وٽ بيهي ولهار ڍنڍ جو خوبصورت منظر جڏهن اکين سان ٻسبو آهي تڏهن اکيون ٺري ٺونديون آهن. ساڄي هٿ تي

---

[76] سنڌي لغات ص 702



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درگاه نماڻو شاه نظر اچي رهي آهي جڏهن تہ ڪابي هٿ تي بيبي منان جي درگاه پڻ ڏسجي پئي. اتي بيهي تصور ڪريو جيڪڏهن اها ڊنڊ پاڻي سان ڀريل هجي تہ ڪهڙو منظر هوندو.

ڀٽائي صاحب جي سر سارنگ ۾ آيل هڪ ڏگهي بيت جون آخري ٽي سٽون ڪجه هن طرح آهن تہ :

ڪنين پڇ پڇائيو، ڪنين ڊٺ مٿي ڪئي ڊار
ڪنين اچي عمرڪوٽ تان وسايا ولهار
سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين

اچو تہ ڏسون ڀٽائي صاحب پنهنجي سر عمر مارئي ۾ هن ماڳ ڪي ڪهڙي طرح بيان ڪيو آهي :ـ

دم نہ جيئان ڏرتي تي پنهوارنئون پوءِ.
وهڪ پٽ ولهارين ميڙ مارن هوءِ،
روءِ ايي چوءِ، اوني وبا اڪري.

ٻئي هنڌ ڀٽائي ولهار ڪنڌئين ٻڪريون چارينڊڙ چوڙيلين جو ذڪر ڪجه هن طرح سان ڪري ٿو:ـ

تلين تنوارين ٻڪر باباڻن جا.
وڙڪيو ولهارن ۾ چوڙيليون چارين،
مون کي تا مارين وچن ويڙهيچن جا.

هڪ هنڌ مارئي جي من جي ڳاله پروڙي ڪجهہ هن طرح سان چوي ٿو تہ:

تڳاءُ ۾ تنوار، عمر ماروئڙن جي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڇي آيس ان ڪان پائر جا پنهوار،
وساري ولهار ڪئين ويهندس ڪوٽ ۾.

هڪ هنڌ ڀٽائي صاحب مارئي جي واتان پنهنجن مارن ڪي ڪهڙي نموني ساري ٿو هن بيت ۾ ڏسي ٿا ونون:

جهجها ڏيج جهار، منهنجا ملير جائين.
آسر وندي آهيان، پرچن مان پنهوار،
ويهريون ۾ ولهار سوايا سارين مون.

ڀٽائي صاحب مارئي جي مائٽن جا پار پٽا مارئي واتان ڏيئي ساڻن ميلاپ جي دعا پڻ گهري ٿو.

لاڪيون مٿن لوئيون، اوڏين اچي ان،
وٺي ولهارن جي سرتيون ڪن سمن،
آڳا ساڻ امن، مون ڪي مارو ميڙيئين.

## عمرڪوٽ:

عمرڪوٽ جي بنياد بابت ڪيترائي رايا موجود آهن. ڪا حتمي راءِ اڃان تائين اچي نہ سگهي آهي. تاريخ جي مختلف ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ اڪثر تاريخدان پرمارن، سومرن ۽ سوڍن جي صاحبي ۾ عمرڪوٽ جي قلعي تي مالڪي جي دعوا تي ايترا الجهيل رهيا آهن. جو پڙهندڙ کي عمرڪوٽ بابت پنهنجو رايو قائم ڪرڻ ۾ مشڪلات ٿئي ٿي. هڪڙو رايو آهي تہ عمرڪوٽ 1332ع ۾ عمر ٻئي اچي آباد ڪيو. خلجين جي سپہ سالار ظفر علي خان سان جنگ ۽ سنڌو درياه جي رخ مٽائڻ جي ڪري سومرن جي گاڏي جو هنڌ وڳه ڪوٽ تباه ٿي ويو. نتيجي ۾ سومرن کي نئون شهر آباد ڪرڻو پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو نالو عمرڪوٽ رکيو ويو. سوڊائڻ جي مرتب ڪنڌڙ پروفيسر شڪتيڌان مطابق عمرڪوٽ عمر سومري جو آباد ڪيل آهي ۽ "قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو" جي ليکڪ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ صاحب جو پڻ ساڳيو خيال آهي. اهو خيال انهي ڪري سگهارو لڳي ٿو جو عمرڪوٽ ۾ ان جي آس پاس ڪي اهڙا آثار ڪونہ مليا آهن جن کي ڏسي اهو چئي سگهجي تہ هي ڪو پراڻو آباد ٿيل شهر آهي. عمر ٻئي ڪانپوءِ پونگر چوٿين ۾ سومرن جي آخري حڪمران همير پڻ عمرڪوٽ تي حڪومت ڪئي. همير سومري کان پوءِ همير سوڍي جي عمرڪوٽ تي حاڪميت شروع ٿي.

سومرن جي آخري حڪمران همير سومري جي دور ۾ سندس پاڻٺي عمر بن محمد مارو چارڻن کان سگ گهريو جنهن تان چارڻن سان تڪرار شروع ٿيو. پٺائي صاحب پنهنجي رسالي ۾ سر مارئي سَرجندي عمر ۾ همير ٻنهي کي قصور وار ڄاڻايو آهي. عام طور مختلف محققن عمر ٻئي کي قصور وار ڪيو آهي انهي ڪري صحيح قصو اڄ ڏينهن تائين معلوم ٿي ڪونہ سگهيو آهي جو عمر ٻئي جي وقت ۾ ڪي بہ اهڙا معروضي حالات ڪونہ ٿا ملن جن سان اصل قصي جي تہ تائين پهچي سگهجي.

همير سومري سان 1351ع ڌاري ابڙي سمي، راجپوتن ۽ چارڻن سان گڏجي جنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ حمير سومرو ڪن تاريخدانن مطابق گجرات ڏانهن پڄي ويو پر محترم ايم. ايڇ پنهور صاحب جي تحقيق موجب ملتان ۾ وڃي دهلي جي گورنر عين الملڪ ماهرو وٽ پناهہ ورتائين. هن جنگ جي نتيجي ۾ سومرن جي سنڌ تي ٽي سئو سالن واري حڪومت جو خاتمو ٿيو ۾ سمن جي بہ سئو سالن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري حڪومت جي شروعات ٿي. عمرڪوٽ جي حڪومت سوڍن جي حوالي ڪئي وئي، جڏهن ته انڙ ڪي محترم غلام محمد لاکي مطابق سنڌ جي سپني قبيلن گڏجي سردار چونڊيو ۽ ڪيس ڄام جي لقب سان پڻ نوازيو ويو77 ڄام انڙ ساموئي يا سما نگر کي پنهنجي گادي جو هنڌ مقرر ڪيو ۽ ائين سمن جي سنڌ تي حڪمراني جي شروعات ٿي.

عمرڪوٽ تي راجپوت حڪمران رهيا آهن. تن ۾ حمير سنگه سوڍو به هڪ آهي. جنهن 40 سال حڪومت ڪئي. سندس دور نهايت امن ۽ سڪون وارو رهيو. شايد انهي ڪري عمرڪوٽ تي همروٽ يا حمروٽ نالو پڻ پيو. جنهن تي چارڻن جي مشهور شاعر ڪوي بانڪي داس جا 36 دوها "همروٽ ڇتيسي" جي نالي محترم پارومل امراڻي مرتب ڪري ڇپرايا آهن.

ڀٽائي صاحب سر عمر مارئي ۾ عمرڪوٽ جو ذڪر ڪيو آهي. عمر جڏهن مارئي کي ڪٽي اچي عمرڪوٽ ۾ قيد ڪيو ته ڀٽائي ان جي منظر ڪشي اجهو هيئن ڪئي آهي:

قيدالماءِ ٿيوم، هت اڙانگي گهاريان.
النار نصيب العاشقين هھڙو حال سندوم
قادر شال ڪندوم، آجي **عمرڪوٽ** ڪان.

پاڻ مارئي جو مارن ۾ پيدا ٿيڻ ۽ ان ڪانپوءِ ان جو ڪچڻ مارن جي عزت تي داغ ڄاڻائيندي هِن طرح سان ويڻ ڏئي ٿو:

مَ سَپني مارئي، مُئي مَ ڄائي،
جنهن اچي **عمرڪوٽ** ۾، لوئي لڄائي.

---

77 سمن جي سلطنت ص 31



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاسانگين سيڏائي، ساڪيئن مرڪي ماڙئين.

جڏهن مارئي کي عمر جي قيد ۾ ڏينهن لنگهي ويا تہ سرتين کيس ڪهڙا سنيها موڪليا، اچو تہ پٺاڻي صاحب کان ٻڌون ٿا :

سرتين سخت سنيهڙا، مڪا مان ڏونهن ملير
تہ آهن عمرڪوٽ ۾ ڪنڌون منا ڪير،
چانور چکي چورما هرين ساڻ حمير،
ڪنڌا قوت قرير، ويڙهيون وئي وسري.

مارئي کي عمر جي قيد جون سختيون سهندي ڏسي کيس آٿت ڏيندي چوي ٿو تہ:

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ ۾ لاهہ
ڪامڻ اوهان جي ڪيڙ جي اڏ وڏائي آهہ،
هت م پارج هڪڙي پائر جي پساهہ،
ستي سيل نباهہ، ملير ويندئين مارئي

مارئي جي مائٽن جي پڪن ۽ پختن اصولن جي ڳاله ڪجه هن طرح سان بيان ڪري ٿو :

ايءَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائين سون تي،
اچي عمرڪوٽ ۾ ڪنديس ڪان ڪُريت
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان.

## ڍات يا ڍٽ

هي ٿر جي تمام وڏي علائقي تي مشتمل حصو آهي. هن علائقي جي ڪري ٿر ۾ ڳالهائي ويندڙ ٻولي کي ڍاٽڪي ٻولي چيو ويندو آهي.هتان جي علائقي تي راڄ ڪندڙ راڻن کي بہ ڍاٽ جا راڻا چيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي. ڪجهہ تاريخدان عمرڪوٽ جي علائقي کي بہ ڍاٽ ۾ شامل ڪن ٿا. جڏهن تہ عمرڪوٽ مهراڻي ۾ اچي ٿو. ڍاٽ جي مناسبت سان هتان جي رهندڙ ماڻهن کي ڍاٽي چيو ويندو آهي. ڍاٽڪي ٻولي ٿر جي مختلف علائقن ۾ ٿوري گهڻي فرق سان مختلف لهجن ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

هي علائقو تعلقي ڇاڇري ۽ تعلقي مٺي جي اڌ تي مشتمل آهي. هن علائقي ۾ ننڍيون ننڍيون ۽ ڀري ڀري آهن. ٽليون يا ڏهر تمام وڏا آهن. وڏن ڏهرن کي ڏاڪي ڏهر بہ چيو ويندو آهي. ڏاڪي يعني تمام ڊگهو يا تمام وڏو. هتي جون زمينون تمام گهڻيون زرخيز آهن. زير زمين پاڻي اونهون ۽ نمڪين آهي پر مقامي ماڻهو پياڪ يعني پيئڻ لائق چون ٿا.

عمرڪوٽ مان لڏندڙ مارئي جي مائٽن جي قافلن ڏاهلي ۾ ڪجهہ وقت ترسڻ ڪانپوءِ پنهنجن واسطن جي حساب سان مختلف علائقن ڏانهن لڏپلاڻ شروع ڪئي تہ ڪجهہ ماڻهو ڍاٽ ڏانهن بہ آيا.

مارئي جا مائٽ سمن جي راجداني ۾ فريادي ٿيڻ جي لاءِ ڪاٺڙ مان پائر يا سامروٽي ويندي ڍاٽ مان لانگهائو ٿيا هئا. سما سنڌ جي ڏاکڻي حصي تي راج ڪندا هئا. انهن جو راج هاڪڙي جي اپرندي ڪناري کان وٺي لوڻي ندي جي اولهندي ڪناري تائين ڦهليل هو. هن مختصر قافلي جو پيتائي صاحب ڪيئن ساٿ ڏئي ٿو اچو تہ ڏسون ٿا :

ڪاهوڙان ڪٽي ويا، ڍريا مٿي ڍٽ،
جتي آب آگوندرو پاڻي مٿي پٽ،
آئون ڪيئن ان ريءَ سومرا ڪلي چڙهان ڪٽ،
گهٽي مارينديَ گهٽ، مارن ڏاران ماڙيئين

ٻئي هنڌ ڪجهہ هن ريت احساس ڇنٽي ٿو :



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاهوڙان ڪٽي، منهنجا ويڙهيجهپ ويا،
لنگهي لڪ لطيف چئي پرئين تر تيا،
جيڏيون جاڙ جيئان، منهن ڏنم ماروئين.

—

ڪاهوڙان ڪٽي ويا، وجي ڍريا **ڍٽ،**
پهري ويا پٽ، ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهڙيون.

مارئي اڳتي وري لڏا ڪٽڻ جو سبب ٻڌائي ٿي تہ مارن لڏا ڇو ڪنيا :

ڪاهوڙان ڪٽي ويا، رهيا **ڍٽان** ڏور،
سپ لڏايا سومري، عمر ڪري اور،
وڏي ڪنهن ضرور، مارن ملڪ مٽيو.

## ڪاٿڙ

ڪوڪراپار کان ڪينسر تائين ۽ عمرڪوٽ کان چند ميل اپرندي واري علائقي کي ڪاٿڙ /ڪاهوڙ سڏيو ويندو آهي. ڪاٿڙ جو علائقوجنهن ۾ ٿورن ننڍيون پر ويجهيون آهن. تلي واري ٻني گهٽ آهي. ڪاهوڙ جي زمين ۾ پاتار جو پاڻي اونهو ۽ ڪارو آهي. ويجهو ملندڙ پاڻي جنهن کي پار جو پاڻي سڏيو ويندو آهي، اهو منو برساتي پاڻي هوندو آهي. زمين ۾ اها خاصيت آهي تہ مخصوص جڳهن تي زير زمين 40 کان 60 فوٽ تي برساتي پاڻي گڏ ڪري رکندي آهي. انهي مخصوص جاءِ کي پار سڏيو ويندو آهي. پار ۾ کوٽيل ننڍڙن کوهن يا کڏن کي ويريون چئبو آهي. گهٽ برساتون پوڻ سبب ويرين ۾ پاڻي سڪي ويندو آهي. ويرين ۾ پاڻي ٿوري مقدار ۾ هئڻ جي ڪري ويريون تمام گهٽي تعداد ۾ آهن. هي علائقو وڏي وقت تائين راجپوتن جي اثر هيٺ رهيو

آهي. 1947ع ۾ پاڪستان نهڻ ڪانپوءِ بعد ۾ 1971ع ۾ پاڪ ڀارت جنگ کان بعد راجپوت لڏي سرحد جي هُن پار هليا ويا.

مارئي جا مائٽ سومري جي ظلمن کان تنگ ٿي ڳوٺ خالي ڪري ڪاٺڙ ڏي روانا ٿيا تہ ڏاهلي جي رانوڙ حڪمرانن کين جِيءَ ۾ جايون ڏنيون هيون. هن قافلي جو پتائي صاحب ڪهڙي ريت پيرو کنيو آهي. اهو سندس هينين بيتن مان صاف اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

ڪاٺڙ ڏانهن ڪٽي ويا، ڳالهين ڳُڻ چڏي،
شونڪي سندي سومري، ويا راج لڏي،
وجي وينا ويڙهين، اجهائون اڏي،
پينر پاڳ وڏي، ملندس ماروئڙن کي.

ڏاهلي يا ڏهلي تعلقي ڇاڇري جي هڪ ڳوٺ ۾ يونين ڪائونسل جو نالو آهي. هاڻي تازوان کي تعلقي جو درجو ڏنو ويو آهي. هي ڪاٺڙ جي علائقي جو وڏو ڳوٺ آهي. جڏهن عمرڪوٽ جي آس پاس گونن مان مارو لڏيا تہ پهريون پڙاءُ هن ڳوٺ ۾ ڪيو. پتائي سائين چوي ٿو تہ:

ڪنيائون ڪاٺڙ ڏي، ساري هاج هينئان،
ڏهلي کوه ڏس ڪنهن، ويڙهيچا ويا،
لاهي لڏ لطيف چئي، پرئين ٽر ٽيا،
چڏي ڳڻ ويا، ماروئڙا ملير ۾.

پتائي صاحب مارئي جو مارن لاءِ درد ۽ پيڙاءُ محسوس ڪندي هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڪاٺڙ ڏي ڪٽي ويا، ڍٽان پڙ ڍري،
سور تني جي سومرا، سگهان ڪين چري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهوري ان جهري، مري رهندس ماڙيين.

ڀٽائي صاحب کي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو جهڙوڪر ڀٽائي صاحب هن قافلي سان گڏ سفر ڪندو هجي، ايڏي خوبصورت منظر نگاري ورلي ڪنهن شاعر وٽ ملندي :

**ڪاهوڙان** ڪٽي، منهنجا ويڙهيچا ويا،
لنگهي لڪ لطيف چئي، پرئين تر ٿيا،
جيڏيون جاڙ جئيان، منهن ڏنم ماروئين.

ڪاهوڙ جي مشهور لوڪ ڪردار رٽمل رانوڙ جو ڀٽائي سائين جي رسالي (بمبئي واري ڇاپي ) ۾ ذڪر ملي ٿو.

نگئو نرور سيرئين، راجا رٽمل مليو

محترم پارومل امراڻي پنهنجي ڪتاب 'چتر بولي چارڻان' ۾ رٽمل رانوڙ تي تفصيلي لوڪ دوهن تي مشتمل مضمون ڏنو آهي. رٽمل عمرڪوٽ جي سوڍن مان پرڻيو هو.انهي ڳالهہ مان ثابتي ملي ٿي تہ ڪاهوڙ جي رانوڙن جي عمرڪوٽ جي سوڍن سان رشتيداري هئي، انهي ڪري ڪاروڙي جي ڀُوناڻن کي ڏکي وقت ۾ مدد ڪئي هئي.ڪاڻڙ ۾ ڪينسر جي پرسان ساڪو گڊ آهي. ساڪو گڊ هاڪڙا وادي جي آثارن مان هڪ آهي. چارڻن جي شاعري ۾ هڪ لوڪ دوهو آهي تہ :

ساڪي رو سوڪران ڪري بيڏوو رو بس،
روهڙ رو رڙهي نهين ٻاپڙا جاسو ڪهي ڏس،

## ڏاهلي :

ڏاهلي ٿر جي علائقي ڪاهڙ ۾ موجود هڪ ڳوٺ جو نالو آهي. ڏاهلي جي قدامت ۽ تاريخي حيثيت جي ڪري پراڻي تعلقي چاچري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان نئين نهندڙ تعلقي جو نالو ڏاهلي رکيو ويو آهي. ڏاهلي تعلقو پوري ڪاهڙ جي ايراضي تي مشتمل آهي. رانوڙن جي راڇڏاني رهندڙ ڏاهلي ڳوٺ سوڍن جي صاحبي ۾ بجيرا سوڍن جي ٻارنهن تڙن ۾ شامل رهيو آهي. ڪائڙ جي تذڪري ۾ ڏاهلي جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

## پائر:

ٿر جي جاگرافي جي ماهرن وٽ پائر جي حوالي سان هڪ وڏو تضاد آهي. هڪڙا پائر ۾ سامروٽي ساڳيو ٿي علائقو سمجهن ٿا تہ ٻيا ٻہ ڌار علائقا مڃين ٿا. پٽائي سامروٽي لفظ ڪي نہ ڳايو آهي. اصل ۾ انهي ڳالهہ کي سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ جنهن وقت پائر تي سمن جي حڪومت هئي ان زماني ۾ سمن جي حڪمراني هاڪڙي جي اپرندي ڪناري کان وٺي، ڪانياواڙ ڪڇ، وٽ، سامروٽي پارڪر، پائر، ۾ مارواڙ جي اڌ يعني لوڻي ندي جي اولهندي ڪناري تائين ڦهليل هئي. مجموعي طور تي سموري علائقي کي پائر سڏيو ويندو هو. سمن جي صاحبي جي گاڏي جو هنڌ تعلقي ڏيپلي جي ديه ڪاڙڪ ۾ ڳوٺ پاتارپرسان هوندو هو. مارئي جا مائٽ سمن جي دربار ۾ سومرن خلاف دانهن ڪٽي پهتا هئا. پٽ ڏٽي چوي ٿو تہ :

ڪائڙ ڏي ڪٽي ويا، مٺيائون ملڪ ملير،
وجي پائر وٽ ۾، ڪلي پيتائون ڪير،
تن اباڻن کي ساري ٿو سرير،
زيرون لاهہ زنجير، تہ سرتيون پسان سومرا

لفظ ملير تي وڏي عرصي کان بحث هلندڙ آهي. پٽائي جي شاعري جي روشني ۾ معلوم ٿئي ٿو تہ ملير ڪو ماڳ، ڪو ڳوٺ يا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو واھڻ ڪونھي پر ملير ان علائقي کي چئبو آھي جتي برسات پئجي وڃي . پاڻي گڏ ٿئي ۽ مال لاءِ چارو ٿي پوي تہ اھڙي علائقي کي ملير سڏيو ويندو آھي اج بہ جنھن علائقي ۾ برسات ڪان پوءِ ساوڪ ٿي پوندي آھي ھتي جو ماڻھو چوندو آھي تہ ادا ملڪ مليرتي ويو آھي.ڀٽائي صاحب بہ ڪڏھن موھر ڪڏھن ڪاٺڙ ڪڏھن ڍٽ تہ ڪڏھن وري ڀاٽر کي ملير سڏي ٿو. ڀاٽر وينل مارن کي ساريندي ڀٽائي صاحب مارئي جي واتان ڪجھہ ھن طرح سان اظھار ڪري ٿو:

وينو واجھہ وجھي ھينئون، پر ۾ پنھوارن،
هِت اڪنديِ آھيان ڀاٽر ۽ پرين،
بي نہ ڪنديس ڪن، ويندس وطن سامھين

ٻئي ھنڌ ڀاٽر ۾ وينل مارن کي ساريندي مارئي جو ڪھڙو حال ٿيو آھي، انھي کي ڪجھ ھينئين ريت بيان ڪري ٿو:

ميندِيا ڏوئي نہ مارئي، ٿيس ڳرنديون وار،
ستي سيئي ساريا، جي ڀاٽر جا پنھوار،
عمر انھون ڏار، مور نہ رھي ماڙئين

مارئي عمر جي قيد ۾ جڏھن مايوس ٿئي ٿي تہ ڪجھ ھن طرح سان وصيت ڪري ٿي:

مارن ڏاران مارئي، جي ھِت مري،
منھنجو مڙھہ مقام ۾، دفن ڪو م ڪري،
مٿي رسائي ماروئين ڀاٽر پير پري،
الله لڳ لطيف چئي ڪوشش ڪا ڪري
مٿي هٽي هتڙا، مارو مان ڏري،
ٻُسي پاند پري، فاتح ڪن فقير جي.

جڏهن پائر مان ڪو اوني مارن جون خبرون آڻي ٿو تہ مارئي خوشي جو اظهار ڪجه هن طرح سان ڪري ٿي :

عمر اوني آيو مليران مون وٽ.
سرتين ڪوڙيا سيد چئي پڪا پائر وٽ.
ڏرو ات نہ جٽ. ملڪ ونئي مارئي.

اوني جو ذڪر پٽ ڏٺي هڪ ٻي بيت ۾ فرمائي ٿو:

عمر اوني آيو. مليران اڄ ماڻهو.
پائر سپ پڇي پيو ونو ڏيهہ ڏاڏاڻو.
سيل نہ پڇج سومرا. پلو پيراڻو
عمر اماڻو. ثابت ڏجن سومرا.

مارئي پنهنجن ماڻٽن جي پڪن اصولن ۽ سچي ساک جي ڳاله ڪندي ڪجه هن طرح سان مخاطب ٿئي ٿي :

ويڙهيچن وس ٿي. پائر پئي پڇي.
انا مينهن ملير تي. ميڙا پيا مچي.
جن جي ساک سچي. ملير سي ماڻيندين.

## ويڙهي جهپ:

ويڙهي جهپ ٿر جي طبعي ڀاڱي سامروٽي جي علائقي ۾ ايندڙ قديم وسٽي آهي. سمن جي راڄڌاني ۾ ايندڙ ويڙهي جهپ ڪي پٽائي ڳايو آهي. هٽي راول فقير ۽ درويش پاربرهم فقير جا آستان آهن.

ڪاروڙيان ڪٽي. ويڙهيجهپ ويا.
سيڻ منهنجا سيد چئي هاٽي هٽ هٽا.
پسي پڊ تني جا لڙي لڙڪ پيا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيهي ڏور ٿيا، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي.

شاه عبداللطيف ڀٽائي رح مهراڻي جو ذڪر پنهنجي بيتن ۾ ڪجھ هن طرح سان ڪيو آهي :

مارو موهر ڪنڌئين، اڃا ڪي آهين،
ڏهاڙي ڏڏ جون نديون ٿا نائين،
ماڏاڻيون هٿن ۾ پرھ جو پائين،
اهڙا ئي آهين، سيڻ منهنجا سيد چئي.

**مهراڻو:**

هي اهو حصو آهي جتي ٿر جي ڀٽن ۽ ناري جي آباد زمين جو حسين ميلاپ ٿئي ٿو، هن کي ڪس پڻ چيو ويندو آهي. مهراڻي لفظ متعلق عام طور تي ٻه مختلف رايا پيش ڪيا ويندا آهن. پهرين راءِ موجب هن لفظ جو اشتقاق موهر + راڻو ڪندا آهن. موهر ڍاٽڪي ٻولي ۾ قطار ۾ سڀ کان اڳين کي چئبو آهي. مثال طور جيڪڏهن ڪنهن کي اڳيان هلڻ لاءِ چئجي ته ڍاٽڪي ۾ چئبو "موهر ٿي" ۽ راڻو عام مروج لفظ آهي. سڀني کان بهتر، احترام لائق، عزت ۽ مان وارو يا راجپوت پنهنجي جي سردار کي راڻي جي لقب سان سڏيندا آهن. جيڪڏهن عمرڪوٽ کان اپرندي وڃجي ته ڀٽن جي شروعات هتان ٿئي ٿي پر جيڪڏهن اولهندي طرف سفر شروع ڪجي ته ناري جي آباد علائقي جي شروعات پڻ اتان ئي ٿئي ٿي.

ٻي تمثيل ڏيندا آهن ته مهر راڻي جي نالي پٺيان هن علائقي کي مهراڻو سڏيو ويندو آهي. مهر نوهٽي تي راڄ ڪندڙ رانوڙ گهراڻي جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سردار جي ڌي هئي جيڪا سونهن ۾ سپني کان سرس هئي. هن پنهنجي شادي لاءِ ڪجهه شرط رکيا هئا جيڪي ان وقت جي سورهيه سپوت لاکي ڦلاڻي پورا ڪيا ۽ ساڻس شادي ڪئي. لاکو ڪڇ جي هڪ ننڍڙي تڪري جي حاڪم ڦل جو پٽ هو. ان زماني ۾ مجموعي طورڪڇ تي راءِ ڪنگهار جي حڪومت هئي. راءِ ڪنهن ربارڻ (ريبارڻ) جي عشق ۾ گرفتار هو ۽ ان جي چوڻ تي سمن سان زيادتيون ڪندو رهندو هو. هڪ دفعي لاکي جي دوستن جسي ۽ جسراج جي ماڻهن کي ربارين ماري وڌو تہ لاکو دانهن کڻي راءِ ڪنگهار وٽ پهتو پر راءِ الٽو لاکي کي ڏوهي ڪيو. ان ناانصافي تي ڪاوڙ ۾ اچي لاکو لوڙائو ٿيو جنهن کي پٽائي صاحب ڪجهه هن طرح بيان ڪري ٿو:

لاکو لوڙائين سين چوڏس تو چڙهي،
وڙهيو وريامن جا، ڏٽيو ڏڻ هٽي،
پيس جي پري، سي واهر ڪنهن نہ واريا.

لاکي ريبارين تي خاص ڪري سخت تيز حملا ڪيا، جن جي ڪري راءِ ساڻس ناانصافي ڪئي هئي. پٽائي صاحب ان کي هيئن ٿو بيان ڪري:

رڙي ربارڻ روءِ، واڙي پائي وچڙا،
کرا ويڻ ڪنگهار کي چنچل ايي چوءِ،
واڙي وچ نہ ڪوءِ، لاکو لوڙائن سين.

لاکو ڪنهن سبب جي ڪري مهر سان ناراض ٿي ويو پر پوءِ مهر کانئس معافي وٺي کيس راضي ڪيو. هڪ دفعي هميشه وانگر لاکو مهر کي ڏاج ۾ مليل مڱڻهار کان راڳ ٻڌي رهيو هو. آخر ۾ کيس راڳ ڏاڍو پسند آيو تہ مڱڻهار کي چوڻ لڳو: گهر جيڪي گهرڻو هجئي. مڱڻهار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريشان ٿي ويو ان وٽ لاڪي طرفان مليل هر شيءِ موجود هئي، ڇا گهري؟ تڏهن مهر سندس گلي ۾ هار طرف اشارو ڪري چيس ته هي گهرا مگٿهار مهر طرف اشارو ڪيو ته لاڪو اٿي بيٺو ۽ ڪيس چيائين ته مهر توکي آئي ۽ مون کي اڄ کان حرام آهي. مگٿهار منٿون ڪيون ته سرڪار مهر منهنجي ماءُ مثل آهي، مون سندس گلي ۾ پيل هار گهريو هو. لاڪي وراڻيس ته منهنجي واتان لفظ نڪري ويا هاڻي واپس نه ٿيندا، ائين چئي اٺان نڪري ويو. (تفصيل لاءِ ڏسو محترم معمور يوسفاڻي جو ڪتاب ” ست سورهيه ڏهه ڏاتار“ صفحو نمبر 82. اڄ به اٺي مهر جو قبرستان آهي. نوهٺي جي پر سان هڪ پٽ کي اڄ به مهر جي پٽ سڏيندا آهن. تعلقي مٺي جي هڪ يونين ڪائونسل جو نالو اڄ به مهراڻو آهي.

هي اتر کان ڏکڻ تائين هڪ پٽي وانگر آهي.جيڪا اتر ۾ ڏوروناري کان شروع ٿي ڏکڻ ۾ نئون ڪوٽ جي علائقي تائين ڦهليل آهي. انهي ئي علائقي ۾ ڪاروڙي جو ڳوٺ ۽ عمرڪوٽ جو شهر آباد آهن.ٿر جي طبعي حصن جي ورهاست تي مهارت رکندڙ ڪجهه ماڻهن جو چوڻ آهي ته عمرڪوٽ کي جتي مهراڻو لڳي ٿو. اٿي ڍاٽ جو منڍ به ڪر ڪٽي ٿو. پارومل امراڻي جي سهيڙيل همروٽ ڇتيسي ۾ ڪوي بانڪيداس چوي ٿو ته:

امراڻو امرا پُري ڏُرا سرنگي ڍاٽ،
رهي جو سوڍو راجوي پهه پنوارن پاٽ.

مهراڻي جو مرڪز نهٺو هاڪڙا وادي جو اهم ماڳ ۽ ڪاروڙي جو همعصر آهي. ڪاروڙي جي تاريخ سمجهڻ جي لاءِ نهٺي جي ڊڙن ۾ دفن ٿيل ماضي جي ورقن کي نروار ڪري گڏ ويچار ۾ آڻڻو پوندو. مارئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مائٽن مهراڻي جي سيمر ۾ به ولرن کي واريو.

## ڪوهه:

مارئي جي داستان ۾ ڪوهه جو ذڪر آهي. ڪاروڙي جي پراڻي پڊ وٽ به ڪوهه موجود آهي. عمرڪوٽ جي پر سان ڳوٺ وهرو شريف جي رهواسي مرحوم حاجي ولي محمد صاحب مونکي هڪ دفعي درگاه نماڻي شاه کان اتر اولهندي طرف هڪ کوه ڏيکاريو هو.

حاجي ولي محمد مرحوم پتائي صاحب جو عاشق ۽ پارکو هو. مجال جو سندس اڳيان ڪو ماڻهو پتائي صاحب جي بيت جو ڪو لفظ غلط اچاري وڃي. هڪدم پڪڙي وٺندو هو ۽ ان جي تصحيح ڪندو هو. حاجي ولي محمد جو والد محمد امين رٽائرڊ سپروائيزنگ تپيدار هو. محمد امين مرحوم عمرڪوٽ کان ٻه ڪلو ميٽر ڏکڻ طرف ڳوٺ وهرو شريف ٻڌايو هو. حاجي ولي محمد جا وڏا اصل ۾ ڳوٺ ڪونجيلي جا رهواسي هئا. ڳوٺ ڪونجيلي ڊوري ناري کان ڏهه ڪلو ميٽر ڏکڻ طرف آهي.

محمد امين ڳوٺ ڪاروڙي مان شادي ڪئي هئي ۽ حاجي ولي محمد سندس سڀ کان وڏو پٽ هو. سندس ئي چوڻ موجب سندس ننڍپڻ جي پرورش ڳوٺ ڪاروڙي ۾ ٿي هئي. انهي لحاظ کان حاجي ولي محمد کي ڳوٺ ڪاروڙي جي مختلف ماڳن ۽ پٽن جي پلي پٽ واقفيت هئي.

انهي کوه جا نشان اڄ به موجود آهن. گهڻو حصو زماني جي گردش ۽ سار سنڀال نه ٿيڻ جي ڪري لٽجي ويو آهي. جن ماڻهن جو رايو آهي ته مارئي عمرڪوٽ جي پر واري علائقي ۾ وسيل هئي، اهي انهي کوهه کي وڏي اهميت ڏين ٿا. پر اجان تائين ڪوئي سار سنڀال جي لاءِ تيار نه ٿيو آهي. کوه جي کوٽائي ڪري سرن جي مٽي جديد اوزارن وسيلي چڪاس ڪري چئي سگهجي ٿو ته هي کوهه ڪهڙي دور جو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٺائي صاحب مارئي جي ڪوه تان ڪجهڻ جي منظر ڪشي ڪجهه هن طرح ڪئي آهي :

عمر آندي مارئي، مٿان **ڪوه** ڪٺي،
چلهيون ان نه چاڙهيون، جتي اي جٽي،
ڏکيندو ۽ ڏٺي، شرع پڇندئي سومرا

هڪ ٻئي بيت ۾ ڪجهه هن طرح سان فرمائي ٿو :

آڏي اٿين ٿي، جي لاهين پاٽي پاتار ۾،
وارو ويسرين ڪي، ڏينهان ڪو نه ڏئي،
مون ڪميٽي ڪي، مٿان **ڪوه** ڪٺي ويا.

هڪ ٻئي بيت ۾ ڪجهه هن طرح سان منظر ڪشي ڪئي اٿس؛

ڪڙي هئي **ڪوه** تي، اوني ڏنائين،
ويس ورت هٿن مان، رتو رنائين،
چڙهندي چيائين، چنو سگ سرتين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مددي ڪتاب ۽ ماڻهو


1. تاريخ ريگستان(سنڌي) رائچند هريجن، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، 1956ع
2. راجستاني زبان و ادب (اردو) باغ علي شوق، ڇاپو پهريون، چوهاڻ پبلشرز چوهاڻ بلڊنگ گز درآباد، ڪراچي، 1992ع
3. سوداڻئي(هندي: ڪوي چمن چارڻ جي ڪوتا)، تحقيق ۽ ترتيب: پروفيسر شڪتي ڏان ڪويا.
4. پراڻو پارڪر ليڪ مگهارام اوجها سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2006ع
5. تاريخ راجستان حالات مارواڙ ليڪ ڪرنل جيمس ٽاڊ، اندس پبليڪيشنز فريد چيمبرز عبدالله هارون روڊ ڪراچي. 1991ع
6. شاهه جو رسالو هوتچند مولچند گربخشاڻي، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع
7. In the praise of Death' Writer Janet kamphorst Leiden University press 2008
8. لطيف جا ٿر تان پيرا ليڪ معمور يوسفاڻي ڇپائيندڙ مهران اڪيڊمي شڪارپور آڪٽوبر 2001.
9. مهراڻي جا مور ليڪ معمور يوسفاڻي ڇپائيندڙ ضلعي حڪومت عمرڪوٽ 2010ع
10. تصوير سنڌ ليڪ ايم ايچ پنهور ترجمو عمر سومرو ، سنڌيڪا پبليڪيشن 2012ع
11. چتر بولي چارڻان ليڪ پارومل امراڻي ، سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 2018ع
12. همروت چنيسي تحقيق ۽ ترتيب پارومل امراڻي ، سنڌ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ 2018ع.
13. شاهه جو رسالو محقق ۽ شارح ڊاڪٽر نبي نبخش خان بلوچ ڇپائيندڙ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2012ع.
14. حاجي ولي محمد ڪنيار: شاهه لطيف سائين جي رسالي جو پارکو ۽




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهڙ سياٽو حاجي ولي محمد ڪنيار ڳوٺ وهري جو زميندار هو. سندس والد حاجي امين جي دور کان وٺي ڳوٺ ۾ روزانو رات جو ڪچهري ٿيندي هئي. جنهن ۾ وقت جا سگهڙ سياٽا حصو وٺندا هئا. حاجي ولي محمد ڪان پوءِ اوطاقي ڪچهري جو سلسلو رڪجي ويو. رقم الحروف انهي ڪچهري ۾ ڪيترائي ڀيرا شامل ٿيو. نامور محقق غلام محمد لاکو جڏهن عمرڪوٽ ڪاليج ۾ ليڪچرار ٿي آيو تڏهن هن حاجي ولي محمد سان شاهه لطيف جي رسالي تي ڪچهريون ڪيون.

15. گيان پري، ڪاروڙي چارڻ جو رهواسي گيان پري شو مندر جو شيواڌاري آهي. گيان پري ۽ سندس چاچي ڏير پري ستين بابت معلومات ڏني.

16. شاهه جو گنج سميڙيندڙ الهداد جنجهي.

17. ڀٽائي جو مطالعو، ليکڪ معمور يوسفاڻي ، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور 2005ع.

18. ست سورهيه ڏهه ڏاتار، معمور يوسفاڻي، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور1999 ع.

19. سمن جي سلطنت (تاريخ سنڌ) ليکڪ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو. سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 2013ع

20. ڪانياواڙ جي تاريخ

21. سگهڙ شفيع محمد چانڊيو، ڳوٺ علي مراد چانڊيو

22. منگل سنگهه راٺوڙ

23. An Illastrated historical Atlas of Soomra Kingdom. M. H Panhwar . Soomra National Council 2003



انسان کي پنهنجي جنم جاءِ سان جيڪا فطري محبت ۽ چڪ هوندي آهي، ان جو هڪڙو مثال اسانجي محبوب دوست ڊاڪٽر عبدالعزيز رحماني صاحب جي هي تاريخي تصنيف آهي. "ڪاروڙو" ڊاڪٽر عبدالعزيز جي جنم ڀومي هجڻ سان گڏ تاريخ جو هڪ اهڙو اهڃاڻ پڻ آهي جنهن جي قدامت سلڻ جي ڪوشش هن ڪتاب ۾ ٿيل آهي. "ڪاروڙي" جي تاريخ سان لاڳاپيل اهي احوال ته هڪڙي عرصي کان ونئي ڊاڪٽر عبدالعزيز جي واتان مختلف ڪچهرين ۾ ٻيا ٻڌندا هئاسين پر مونکي تڏهن بيحد خوشگوار حيرت ٿي جڏهن هڪڙي ڏينهن صبح جو سوير فون تي حڪميه لهجي ۾ چيائين ته "چانهه جو ڪوپ تيار رک آئون اچان پيو." مون جڏهن ڪيس آفيس جي رستي ۾ هجڻ جو اطلاع ڪيو تڏهن چيائين ته "پوءِ منهنجي گهران ٿيندو وڃ." منهنجي پهچڻ کان اڳ ڪتاب جو مسودو هٿ ۾ ڪٽي دروازي تي بيٺل منهنجو پيارو دوست ڊاڪٽر عبدالعزيز اڳتي وڌي آيو ۽ ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيائين ته ڪاروڙي جي تاريخ تي ڪتاب تيار آهي. "پڙهي پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪر" ۽ آئون سندس حڪم جي تڪڙي تعميل ڪندي جيئن جيئن ڪتاب پڙهندو ويس تيئن تيئن مونکي ڊاڪٽر عبدالعزيز جي محبت سان ڪيل قلمي پورهيي تي پيار ايندو ويو. ڊاڪٽر صاحب جهڙي ريت پنهنجي مزاج ۾ نهٺو ۽ نفيس انسان آهي بلڪل تهڙي ريت هو پنهنجي تحريري استدلال ۾ پڻ "مينهن وساڻي" جي رنگت جهڙو نرم لهجو اختيار ڪندڙ اديب آهي. مونکي پڪ آهي ته منهنجي پياري ۽ پرخلوص سڄڻ ڊاڪٽر عبدالعزيز جو هي تاريخي ڪم تاريخ جي هڪڙي نئين دري کوليندو. جنهن مان ايندڙ ذڪڻ جي ٿڌڙي هير جهڙو لهجو يقينن ڊاڪٽر عبدالعزيز جي نئين ۽ نرالي سڃاڻپ هوندو.

**مير حسن آريسر،**
سرمد جو گهر، عمرڪوٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book